ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95)   اڱارو 13 آڪٽوبر 2026ع 30 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيه   شمارو (59)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Tuesday 13th October 2026

آمريڪا پاران يوڪرين کي هٿيارن جي فراهمي روڪڻ جي ڌمڪي

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ انٽيليجنس معلومات جي ڏي وٺ روڪڻ جو اشارو ڏنو

اختيارين يورپي گاڏي وارن شهرن ۽ ڪيف ۾ عملدارن سان ٽيليفونڪ رابطا ڪيا

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي انتظاميا روس جي توانائي جي بنيادي ڍانچي تي حملن جي معاملي تي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پرائيويٽ حج اسڪيم ڪوٽا تحت 31 هزار کان وڌيڪ درخواستون مليون

ڊجيٽل بڪنگ جو عمل پاڪ حج ايپ ۽ پورٽل تي جاري آهي

خواهشمند ماڻهو سيٽن جي محدود دستيابي سبب جلد بڪنگ ڪرائين

اسلام آباد (اي پي پي) خانگي حج اسڪيم جي 71 هزار 684 جي ڪوٽا مان هن وقت تائين 31 هزار کان وڌيڪ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اينڊڙ سال اي آءِ جي مدد سان ٿيندڙ سائبر حملن ۾ اضافو ٿيندو: بل گيٽس

مصنوعي ذهانت جي ڪنٽرول کان ٻاهر ٿيڻ جو خطرو ڳڻتي جو سبب آهي

سڀ کان وڏو خطرو بد نيت ماڻهن پاران اي آءِ ماڊلز جي غلط استعمال ۾ آهي

واشنگٽن (اي پي پي) مائيڪروسافٽ جي شريڪ باني بل گيٽس مصنوعي ذهانت جي غير منظم استعمال سان وڌندڙ خطرن کان خبردار ڪندي آڳاهي ڪئي آهي ته اينڊڙ سال اي آءِ جي مدد سان ٿيندڙ سائبر

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ماڻهن لاءِ قرض 2.2 ٽريلين رپيا ڪرڻ جي هدايت

سمپيا ۾ جاري سڌارن جو محور ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ آهي: وزيراعظم شهباز شريف

پاڪستان ۾ ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار (ايس ايم ايز) ۾ ملڪي معيشت کي فروغ ڏيڻ جي تمام گهڻي صلاحيت موجود آهي

مختلف شعبن ۾ ننڍي ۽ وچولي درجي جا ڪاروبار قائم ڪرڻ جي لاءِ فزيبلٽي اسٽڊيز شعبن جي ماهرن کان تيار ڪرائي رهيا

ايس ايم اي شعبي سان واڳيل ماڻهن تائين موثر پهچ يقيني بڻائڻ جي لاءِ سڄي ملڪ ۾ سمپيا جون آفيسون قائم ڪيون پيون وڃن: بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ماڻهن جي لاءِ قرضن جي مجموعي ماليت 2028ع تائين 1.1 ٽريلين رپين مان وڌائي 2.2 ٽريلين رپيا ڪرڻ جي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير سان برازيل جو ايڊمرل ريناٽو روڊريگس ملاقات ڪري رهيو آهي

صدر آصف زرداري سان پرڏيهي سيڪريٽري سفير عاصم افتخار احمد جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

پرڏيهي سيڪريٽري سفير عاصم افتخار احمد پرڏيهي وزارت ۾ باضابطا طور عهدي جي چارج سنڀالي ورتي

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي سيڪريٽري سفير عاصم افتخار احمد

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پيٽرول واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ سان لبيا جو وزير ملاقات ڪندي

رياض جي هوائي اڏي تي حملن سبب اڏامون ملتوي، ڪويت ۾ ڦاٿل کي واپس اچڻ جو اعلان

سعودي سفارتخاني پاران پنهنجي شهرين کي واپس آڻڻ لاءِ بسون فراهم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو

ملتوي ٿيل اڏامن سبب سفر ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيندڙ شهرين کي سهولت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ڪويت سٽي (اي پي پي) ڪويت ۾ سعودي سفارتخاني چيو آهي ته هو پنهنجن شهرين کي سعودي عرب واپس اچڻ لاءِ

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

اتر ڪوريا پاران جاپان جي سمنڊ ڏانهن ڪيترائي بيلسٽڪ ميزائل فائر ڪرڻ جي دعويٰ

سيئول (اي پي پي) ڏکڻ ڪوريا جي فوج دعويٰ ڪئي آهي ته اتر ڪوريا جاپان جي سمنڊ ڏانهن ڪيترائي بيلسٽڪ ميزائل

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪي پي ڪي لاءِ هاڻ پاليسي جلال آباد نه پر اسلام آباد مان ايندي، امن خراب ڪندڙن کي نه ڇڏينداسين: گورنر فيصل ڪريم

اسان 13 سالن جي گند کي 3 مهينن ۾ صاف ڪنداسين، ڪرپشن ۾ ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويندو ۽ قانوني ڪيسن کي منهن ڏيندڙن کي به حراست ۾ ورتو ويندو

پوليس ۽ ڪائونٽر ٽيررزم ڊپارٽمينٽ کي وسيلا فراهم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، انسپيڪٽر جنرل آف پوليس ۽ چيف سيڪريٽري کي پوليس جي پگهارن ۾ واڌ ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي

وفاقي حڪومت صوبي کي جديد بڪتربند گاڏيون پيش ڪري رهي هئي، پر اڳوڻي انتظاميا اهي قبول نه ڪيون هيون، هاڻي وفاقي گهرو وزير اهي گاڏيون فراهم ڪيون آهن، جيڪي اسان قبول ڪيون آهن

اسان جو ڌيان صوبي جي ترقي ۽ امن امان جي بحاليءَ تي آهي، پيچ ڊاهه يا وڳوڙن جي اجازت نه ڏني ويندي، جيڪو به قانون هٿ ۾ کڻڻ جي ڪوشش ڪندو ان سان ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي

اعليٰ سطحي ڪميٽي غير قانوني افغان پناهگيرن کي نيڪالي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ جن وٽ دستاويز نه هوندا، انهن کي ملڪ مان نيڪالي ڏني ويندي: خيبرپختونخوا جي گورنر جون ميڊيا سان ڳالهيون

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته اسان 13 سالن جي گند کي 3 مهينن ۾ صاف ڪنداسين، هاڻي پاليسي جلال آباد مان نه پر اسلام آباد مان ايندي. خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته امن خراب ڪندڙن کي بخش نه ڪيو ويندو. هاڻي خيبر پختونخواهه بابت فيصلا جلال آباد نه پر اسلام آباد ۾ ڪيا

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پشاور: گورنر ڪي پي ڪي فيصل ڪريم ڪنڊي جي صدارت ۾ نئين صوبائي ايڊوائيزري ڪائونسل جي پهرين گڏجاڻي ٿي رهي آهي، وفاقي گهرو وزير محسن نقوي پڻ موجود آهي

پرڏيهي وزارت ۽ ايچ اي سي ۾ ڊيٽابيس جي انضمام بابت مفاهمتي يادداشت تي صحيحون

اهو قدم دستاويزن جي تصديق جي خدمتن کي وڌيڪ پهچ جوڳو، موثر ۽ آسان بڻائڻ طرف مثبت اڳڀرائي آهي: اسحاق ڊار

ٺونصلر خدمتن کي بهتر بڻائڻ سڌائين سنڌس ترجيحن ۾ شامل رهيو آهي، 2024ع ۾ پاڪستان ۾ اپوسٽيل نظام جي شروعات ڪئي وئي: نائب وزيراعظم

اسان جا هي قدم دستاويزن جي تصديق جي خدمتن کي وڌيڪ پهچ جوڳو، موثر ۽ آسان بڻائڻ طرف هڪ مثبت اڳڀرائي آهن

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار پرڏيهي وزارت ۽ هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي وچ ۾ ڊيٽابيس جي انضمام بابت مفاهمتي يادداشت تي صحيحن واري

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

گڏيل قومن پاران رياض ايئرپورٽ تي ميزائل حملي جي مذمت

شهرين ۽ ڪاٽن کي نشانو بڻائڻ جو سلسلو فوري بند ڪرڻ جو مطالبو

ايئرپورٽ تي حملي ۾ 12 ماڻهو مارجي ۽ 300 کان وڌيڪ زخمي ٿيا

مارجي ويلن ۾ چار سعودي شهري، ٻه بنگلاديشي ۽ هڪ آمريڪي شهري شامل

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

عالمي مارڪيٽ ۾ ڊيزل جي وڌندڙ گهرج سبب روس کي ڏکيائي نه ٿيندي: حڪومت

ماسڪو (اي پي پي) روس کي عالمي سطح تي پيٽرول جي مصنوعات جي وڌندڙ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڊونلڊ ٽرمپ پاران روس ۽ يوڪرين ۾ انرجي جنگبندي جي دعويٰ

ٻنهي ملڪن توانائي انفراسٽرڪچر تي حملو نه ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي آهي ته روس ۽ يوڪرين هڪ انرجي جنگبندي تي متفق ٿي ويا آهن جنهن جو مطلب ٻنهي ملڪن هڪ ٻئي جي توانائي انفراسٽرڪچر تي حملو نه ڪرڻ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

صدر سان ناروي، آذربائيجان ۽ سوئيٽزرلينڊ جي نامزد سفيرن جي ملاقات

سفارتي سندون پيش، ٻطرفا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ

صدر مملڪت 2022ع ۾ پاڪستان ۾ تباهي آڻيندڙ ٻوڏ دوران ناروي جي امداد کي ساراهيو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري کي ناروي، آذربائيجان ۽ سوئيٽزرلينڊ جي نامزد سفيرن ايوان صدر ۾

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ۽ نادرا وچ ۾ سمورن تعليمي بورڊن کي ڊجيٽل نظام سان ڳنڍڻ لاءِ معاهدو ٿي ويو

نادرا جي ڊجيٽل نظام سان صوبي جي شاگردن جو رڪارڊ محفوظ ۽ سندن جي تصديق آسان ٿيندي: اسماعيل راهو

هن قدم سان جعلي سندن ۽ ٻين اميدوارن جي جاءِ تي امتحان ڏيڻ جهڙن عملن کي روڪڻ ۾ مدد ملندي

سمورن تعليمي بورڊن کي اڪيڊمڪ رڪارڊ انٽيگريشن جي سهولت مفت فراهم ڪئي ويندي: ڊي جي عامر علي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت صوبي جي سمورن تعليمي بورڊن کي نيشنل ڊيٽابيس اينڊ رجسٽريشن اٿارٽي (نادرا) جي ڊيجيٽل نظام سان ڳنڍڻ لاءِ اڪيڊمڪ رڪارڊ انٽيگريشن پراجيڪٽ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ ڪانپوءِ مارچ جو خطرو ٽرڻ سبب وفاقي راڄڌاني ۾ رستن تي لڳايل ڪنٽينر هٽايا پيا وڃن

ڪراچيءَ ۾ پوليس هٿان ڪيترائي جوابدار گرفتار، مختلف هنڌن تان ٻن ڄڻن جا لاش مليا

اقبال مارڪيٽ، منگهوپير ۽ زمان ٽائون ۾ پوليس مقابلن دوران ڪيترائي جوابدار گرفتار ڪيا ويا

گرفتار ڪيل جوابدارن وٽان هٿيار، گوليون، موبائل فون ۽ ٻيو سامان هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي.

سپر هاءِ وي گرين بيلٽ وٽان اڻڄاتل شخص جو لاش هٿ آيو، حب شهر ۾ پل هيٺان هڪ ڄڻي جو لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس جي ڪاروايُن، مقابلن ۽ ٽريفڪ حادثن سميت مختلف واقعن ۾ هڪ جوابدار مارجي ويو، ڪيترائي جوابدار زخمي ۽ ٻنا زخمي ٿيڻ جي گرفتار ڪيا ويا،

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي سيڪريٽري جاويد پال جرمن وفد جي سربراهه کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

ثقافت کاتي پاران فنڪار جنسار سمون جي علاج لاءِ مالي سهائتا جو چيڪ ڏنو ويو

صوبائي وزير سيد ذوالفقار شاهه فنڪار جي علالت جو نوٽيس وٺندي اختيارين کي هدايتون جاري ڪيون

ڊائريڪٽر جنرل اسپتال پهچي سنڌس عيادت ڪري ۽ سهائتا جو چيڪ سنڌس وارثن حوالي ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ثقافت، سياحت ۽ نوادرات واري صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه مشهور فنڪار جنسار علي سمون جي علالت جو نوٽيس وٺندي سنڌس علاج ۽ مالي سهائتا لاءِ لاڳاپيل اختيارين کي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچيءَ ۾ ڌرڻن ۽ ريلين لاءِ قلم 144 لاڳو، احتجاجن ۽ ڌرڻن تي پابندي

پنجن کان وڌيڪ ماڻهن جي گڏجاڻين، احتجاجن، ريلين ۽ ڌرڻن تي پابندي هوندي

ڪمشنر سيد حسن نقوي پاران نوٽيفڪيشن جاري، ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ٿيندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ڪمشنر سيد حسن نقوي شهر ۾ ١١ آڪٽوبر کان ٢٠ آڪٽوبر ٢٠٢٦ع تائين ڌرڻن ڏيڻ لاءِ قلم ١٤٤ لاڳو ڪري ڇڏيو جنهن تحت پنجن کان وڌيڪ ماڻهن جي گڏجاڻين

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

چين جي سائنسدانن وقت جي انتهائي درست پيمائش ڪندڙ نئين نيوڪليئر گهڙي تيار ڪري ورتي

بيجنگ (اي پي پي) چين جي سائنسدانن وقت جي انتهائي درست پيمائش ڪندڙ نئين نيوڪليئر گهڙي تيار ڪري ورتي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

سکر: ميئر ۽ سنڌ حڪومت جي ترجمان ارسلان شيخ سان ميونسپل ملازمن جي يونين جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

چين پاران تائيوان سان لاڳاپن تي پيراگوئي ۽ بيليز جي وزيرن تي پابنديون

بيجنگ (اي پي پي) چين تائيوان سان سفارتي لاڳاپا برقرار رکڻ سبب پيراگوئي جي اطلاعات ۽ مواصلاتي ٽيڪنالاجي واري وزير ۽ بيليز جي پرڏيهي وزير تي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڳڙهي خيرو لڳ ٻن ڌرين ۾ ڪارنهن تان خوني تڪرار ٻيهر ڀڙڪي پيو، فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل

محمد پور ٿاٽي جي حد ۾ جکراڻي برادري جي سناني ۽ سيهواڻي ڌرين ۾ جهيڙي دوران فائرنگ ڪئي وئي

گوليون لڳڻ سبب شهمير سيهواڻي جکراڻي مارجي ويو، لاش ڳڙهي خيرو تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ٻنهي ڌرين وچ ۾ ڪارنهن معاملي تان تڪرار ۾ 12 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي چڪا آهن

جيڪب آباد (د ر) تعلقي ڳڙهي خيرو ۾ جکراڻي برادري جي ٻن ڌرين سناني ۽ سيهواڻي برادرين وچ ۾ ڪارنهن جي معاملي تان هلندڙ خوني تڪرار هڪ ڀيرو ٻيهر ڀڙڪي اٿيو محمد پور ٿاٽي جي حد

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ملتان: هڪ آرٽسٽ اندرپاس تي چٽسالي ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ گولي لڳڻ سبب دڪان جو مالڪ فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي بلال ڪالوني جي علائقي سيڪٽر 5 ايم گهر نمبر ايل 232 اليڪٽرونڪس دڪان

الجبيل رائل ڪميشن جا پنج اسڪول يونيسڪو جي نيٽ ورڪ ۾ شامل

پائيدار ترقي، عالمي شهريت ۽ بين الثقافتي تعليم تي خاص ڌيان ڏنو

عالمي نيٽورڪ ۾ 166 ملڪن جا 10 هزار کان به وڌيڪ تعليمي ادارا شامل

رياض (اي پي پي) رائل ڪميشن فار جبيل اينڊ ينبع تحت سعودي عرب جي پنج اسڪولن کي يونيسڪو جي ايسوسي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

لبنان ۾ اسرائيلي حملن ۾ شهيدن جو انگ 4 هزار 387 ٿي ويو

حملن ۾ 12 هزار 424 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي آهن: وزارت صحت

بيروت (اي پي پي) لبنان چيو آهي ته ملڪ ۾ 2 مارچ کان جاري چڪتاڻ دوران اسرائيلي حملن ۾ شهيد ٿيلن جو انگ وڌي 4 هزار 387 ٿي ويو آهي جڏهن ته 12 هزار 424 زخمي آهن پرڏيهي ميڊيا موجب

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار پارليامينٽري سيڪريٽري رابعه نسيم فاروقي کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

مادري ٻوليءَ ۾ تعليم ٻارن جو بنيادي حق آهي، خانگي اسڪول ذميواري پوري ڪن: سردار شاهه

سنڌ ۾ لڳ ڀڳ 42 لک ٻارن کي تعليم فراهم ڪرڻ ۾ خانگي اسڪولن جو ڪردار ساراهه جوڳو آهي

مادري ٻوليءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ سان ٻارن جي سکڻ جي صلاحيت ۽ تخليقي سوچ وڌندي آهي

نئين نسل کي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۽ فڪر کان پري ٿيڻ نه ڏنو وڃي: صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه خانگي تعليمي ادارن تي زور ڏنو آهي ته اهي ٻارن کي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ جي معاملي تي سنجيده ۽ ذميوارانو رويو اختيار

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڳالهين جا سمورا رستا بند ٿيڻ ڪانپوءِ مشڪل آئيني قدم کنيو ويو: وفاقي گهرو وزير

خيبرپختونخوا حڪومت ۽ پي ٽي آءِ جي قيادت سان پارليماني رابطن، سڌين ڳالهين ۽ بيڪ چينل ڊپلوميسي سميت هر رستو اختيار ڪيو

خيبرپختونخوا دهشتگردي جو وڏو بار برداشت ڪيو آهي ۽ اتي سيڪيورٽي فورسز ۽ عام شهرين بي مثال قربانيون پيش ڪيون آهن

موجوده فيصلو ڪو سياسي فيصلو هو ۽ نه ئي ڪو آسان عمل، پر اهو هڪ زميني حقيقتن سبب هڪ انتهائي ۽ مشڪل آئيني قدم هو

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي وزير سينيٽر محسن نقوي چيو آهي ته وفاقي حڪومت ۽

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ۽ ٻوڏن کي منهن ڏيڻ لاءِ چين جي تجربي مان فائدو وٺنداسين: مراد علي شاهه

وڏي وزير چين جي مشهور ٿري گورجز ڊيم جو دورو ڪيو، بجليءَ پيداوار ۽ پاڻي ذخيرو ڪرڻ بابت بريفنگ ڏني وئي.

سنڌ صوبي کي تباهه ڪندڙ ٻوڏن ۽ خشڪ موسمن ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو

چين جي تجربي مان فائدو وٺندي پاڻي ذخيري نگراني ، ٻوڏن جي اڳڪٿي ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين

ڪراچي/ بيجنگ (بيورو رپورٽ/ م ڊ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سومر ڏينهن يانگسي درياهه تي قائم دنيا جي مشهور ٿري گورجز ڊيم جو دورو ڪيو جتي ڪيس ٻن بجليءَ جي پيداوار ٻوڏن تي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ دانش اٽي پارڪ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

قدرتي آفتن جا خطرا گهٽائڻ لاءِ علائقائي طور گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي: صدر

قومي ۽ عالمي تنظيمون آفتن کي منهن ڏيڻ جي اڳواٽ تياري کي پنهنجي ڪم جو بنيادي حصو بڻائين

پاڪستان موسمياتي آفتن جي خلاف جدوجهد ۾ رڳو متاثر ملڪ نه آهي پر هڪ اڳواڻ ملڪ بڻجي سگهي ٿو

ڊگهي عرصي تائين اسان آفتون اچڻ جا منتظر ۽ پوءِ مدد جي لاءِ پهچون ٿا، هاڻي اهو ڪافي نه آهي: صدر مملڪت آصف علي زرداري

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري قدرتي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي جي لاءِ علائقائي سطح تي گڏجي ڪم ڪرڻ جي اهميت کي اجاگر ڪندي چيو آهي ته گڏيل دريائن ۽ گڏيل خطرن جي حوالي سان وسيع تر عالمي تعاون ضروري آهي، قومي ۽ عالمي تنظيمون آفتن کي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان سوئيٽزرلينڊ، آذربائيجان ۽ ناروي جا نوان مقرر ڪيل سفير ملاقات ڪري رهيا آهن

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ۾ ٽائون وار نظام لاڳو، آفيسرن جون مقرريون ۽ بدليون

صوبائي حڪومت پاران غيرقانوني اڏاوتن کي روڪڻ لاءِ نئون انتظامي نظام قائم ڪيو ويو

ڪراچي جي مختلف ٽائونن ۾ ڊائريڪٽرن، ڊپٽي ڊائريڪٽرن ۽ بلڊنگ انسپيڪٽرن کي مقرر ڪيو ويو

لاڳاپيل آفيسرن ۽ عملي کي عوامي شڪايتن جو ازالو ۽ ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (SBCA) جي آفيس مان جاري ڪيل باضابطه نوٽيفڪيشنز موجب حڪومت سنڌ جي لوڪل گورنمينٽ اينڊ ايڇ ٽي پي (HTP) کاتي جي حڪمن جي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچيءَ ۾ ٽريفڪ جا مسئلا گهٽائڻ لاءِ وڌيڪ لنڪ روڊن جي ضرورت آهي: مرتضيٰ وهاب

سٽي ميئر نئين سر تعمير هيٺ نعا خان لنڪ روڊ جو دورو ڪري جاري ترقياتي ڪم جو جائزو ورتو

هي روڊ مڪمل ٿيڻ سان شاهراهه فيصل ۽ گلستان جوهر وچ ۾ رابطي ۾ بهتري ايندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب نئين سر تعمير هيٺ نعا خان لنڪ روڊ جو دورو ڪيو ۽

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

نيشنل بئنڪ پاران پرڏيهي ڪرنسين جي خريد ۽ وڪري جا نوان اگهه جاري

ڪراچي (اي پي پي) نيشنل بئنڪ آف پاڪستان مختلف ملڪن جي ڪرنسين

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

رياض هوائي اڏي تي حملن بعد سعودي عرب جو ايران ۽ برطانيا سان رابطو

پرڏيهي وزير فيصل بن فرحان ۽ ايراني هم منصب عباس عراقچي وچ ۾ علائقائي صورتحال تي ڳالهيون

برطانوي پرڏيهي وزير سان ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ سلامتي نوڙي معيشت تي پوندڙ اثرن بابت خيالن جي ڏي وٺ

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزادو فيصل بن فرحان سان سندس ايران جي هم منصب عباس عراقچي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

چين ۾ 14 هون چائنا امپورٽ اينڊ ايڪسپورٽ فيئر 15 آڪٽوبر تي شروع ٿيندو

بيجنگ (اي پي پي) چين جي صوبي گوانگ ڊونگ ۾ 140 هون چائنا امپورٽ اينڊ ايڪسپورٽ فيئر 15 آڪٽوبر کان شروع

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

بيجنگ: وڏو وزير ۽ سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ صوبائي وزير محمد بخش مهر ۽ جام خان شورو ۽ صلاحڪار قاسم نويد ٿري گورجز ڊيم جو معائنو ڪندي

چين ۾ قومي آبي نيٽ ورڪ جي اڏاوت تي 6 کرب يوان کان وڌيڪ سيڙپڪاريءَ جو امڪان

بيجنگ (اي پي پي) چين جي آبي وسيلن واري وزارت چيو آهي ته چين جي پندرهين پنجن سالن واري منصوبي دوران قومي آبي

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ڪراچيءَ جي اسپتال ۾ ڊيلو جو ڳوناٺو ريبز سبب فوت، انگ 38 ٿي ويو

ڳوٺ نوهڙيءَ جو رهواسي نعمت الله ريبز جون علامتون ظاهر ٿيڻ کان پوءِ انڊس اسپتال فوت ٿيو

فوتي کي اڍائي مهينا اڳ ڪتي چڪ هنيو هو ويڪسين جا چار ڊوز پڻ لڳرايا هئا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٺريارڪر جو رهواسي جيڪو ريبز (ڪاٺو) سبب متاثر انڊس اسپتال ۾ فوت ٿي ويو آهي، جنهن

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچيءَ ۾ مختلف حادثن ۽ واقعن ۾ معصوم نينگريءَ سميت 5 ڄڻا فوت

قصبا ڪالونيءَ ۾ گهر اندر زهريلي دوا کائڻ سبب اڍائي سالن جي نينگري زينب فوت ٿي وئي

مختلف علائقن ۾ نامعلوم گاڏين جي ٽڪرن سبب ٽي موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ معصوم نينگري سميت 5 ڄڻا فوت ٿي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچيءَ ۾ مختلف حادثن ۽ واقعن ۾ معصوم نينگريءَ سميت 5 ڄڻا فوت

قصبا ڪالونيءَ ۾ گهر اندر زهريلي دوا کائڻ سبب اڍائي سالن جي نينگري زينب فوت ٿي وئي

مختلف علائقن ۾ نامعلوم گاڏين جي ٽڪرن سبب ٽي موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ معصوم نينگري سميت 5 ڄڻا فوت ٿي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچيءَ ۾ بي ايل اي ۽ ٽي ٽي پي سان لاڳاپن جي شڪ ۾ 3 ڄڻا گرفتار

ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ ۽ وفاقي حساس ادارن مختلف علائقن ۾ گڏيل ڪارروايون ڪيون

شڪي جوابدارن ساجد يوسف ۽ شوڪت علي ۽ داد محمد عرف عادل سرگها، ڌماڪيدار مادو ۽ هٿيار هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) ڪراچي ۽ وفاقي حساس ادارن شهر جي ٻن مختلف علائقن

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

بينڪاڪ: ٿائي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب وي 20 ملڪن جي وزارتي ڪميشن جي گڏجاڻي ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

ٻادهه لڳ شاديءَ جي ڪاڄ ۾ فائرنگ، ٻه نوجوان مرتيڻگ، لاڙڪاڻو اسپتال منتقل

ڳوٺ ڏڙا ۾ شاديءَ تقريب دوران فائرنگ سبب ارشد ڀٽ نجم الدين ۽ صدام ڀٽ عبدالحميد جوڻيجو سخت زخمي

ڪين ڳڻتي جوڳي حالت ۾ تعلقہ اسپتال آندو ويو طبي امداد بعد لاڙڪاڻو منتقل

ٻادهه (ن ع) ٻادهه پرسان ڳوٺ ڏڙا ۾ شاديءَ جي تقريب دوران فائرنگ جو واقعو پيش آيو جنهن جي نتيجي ۾ 22 ورهين جو

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

يوڪرين بحران جي حل لاءِ آمريڪا کان وڌيڪ مدد جي اميد نه رکڻ گهرجي: دفاعي ڪمشنر

مالي مدد ۾ يورپي يونين جي ڪردار اهم آهي، آمريڪي قيادت کان امن لاءِ سهڪار وٺڻ گهرجي

ڪمشنر پاران يوڪرين سان گڏجي آزاد ۽ خودمختيار امن رٿا تيار ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ تي زور

برسلز (اي پي پي) يورپي يونين جي دفاعي ۽ خلائي معاملن بابت ڪمشنر چيو آهي ته يوڪرين بحران جي حل لاءِ هاڻي آمريڪا کان وڌيڪ مدد جي توقع نه رکڻ گهرجي پرڏيهي ميڊيا مطابق هن گذريل ڏينهن سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي جيوڊ هن وقت تائين يورپي يونين يوڪرين جي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سلامتي ڪائونسل ۾ روس ۽ يوڪرين وچ ۾ فوري ۽ انرائتي جنگبندي جو مطالبو ڪري ڇڏيو

پاڪستاني نمائندي عثمان جدون پاران جنگ ختم ڪرڻ ۽ ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو ويو

مسلسل فوجي ڪارروايُن سبب خوراڪ ۽ توانائيءَ جا بحران وڌي رهيا آهن، ترقي پذير ملڪ وڌيڪ متاثر ٿين پيا

اسود سمنڊ ۾ واپاري جهازن تي حملن تي ڳڻتي ظاهر، ٻنهي ملڪن کي عالمي قانون جي پاسداري ڪرڻ جي اپيل

گڏيل قومون (اي پي پي) پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ روس ۽ يوڪرين وچ ۾ جاري جنگ جي خاتمي لاءِ فوري ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ انرائتي جنگبندي جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ انتظامي تبديلين جي بدران ڍانچي ۾ تبديليون ڪيون پيون وڃن: سيد زين شاهه

مڪاني ادارن جي نظام ذريعي صوبائي حڪومتن کي غير فعال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي

ٽن کان ڇڻن مهينن پ پ ۽ متحده جا اڳواڻ هڪ ٻئي خلاف نفرت جا ٻج پوکي رهيا آهن

سياسي سرگرمين تي پابنديون عوامي پريشاني کي وڌائي ۽ جمهوري عمل کي متاثر ڪري سگهن ٿيون

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر سيد زين شاهه چيو آهي ته ملڪ ۾ انتظامي تبديلين جي بدران ڍانچي ۾ تبديليون ڪيون پيون وڃن جڏهن ته موجوده سياسي بحث ان تصور کان هٽي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

مالي سال 27 - 2026ع ۾ پاڪستان جي معاشي ترقي جي شرح 4 سيڪڙو کان وڌڻ جي اميد آهي: ڊڪريمنٽر ڊانيال چوڌري

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

مير علي مراد خان ٽالپور خيرپور جو فخر هو: نفيسه شاهه جيلاني

علي مراد خان ڪيترائي ادارا قائم ڪيا، جن مان اڄ به عوام فائدو حاصل ڪري رهيو آهي

عظيم شخصيتن کي سندن خدمتن ۽ عوام سان محبت سبب صدين تائين ياد رکيو ويندو

خيرپور (ڊ ر) پيپلزپارٽي جي ايم اين اي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

خليج سهڪار ڪائونسل ۽ يورپي ملڪن جو سربراهي اجلاس 24 آڪٽوبر تي سعودي عرب ۾ ٿيندو

مسقط (اي پي پي) سعودي عرب جي فرمانروا شاهه سلمان بن عبدالعزيز عمان جي

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوڄام ۾ پوليس اهلڪار جي گهر تي هٿيارٻندن جي فائرنگ، عورت سميت چار ڄڻا زخمي

فيصل سٽيءَ واري علائقي ۾ هٿيارٻندن اهلڪار ابراهيم سهتو جي گهر ۾ گهڙي فائرنگ ڪئي

گوليون لڳڻ سبب اهلڪار، سندس پٽن سهيل ۽ عامر سميت سميرا زخمي، اسپتال منتقل

ٽنڊوڄام (ٽ ر) ٽنڊوڄام جي فيصل سٽي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن خلاف شاگردن جو پيادل مارچ ٽئي پهتو سياڻي ڪراچي ۾ ڌرڻو لڳندو

حيدرآباد کان شروع ٿيل احتجاجي لانگ مارچ مختلف شهرن کان ٿيندو ٽئين ڏينهن ٽئي پهتو، شاندار آجيان

ڪميشن ۾ مبينا بيقاعدگين ۽ ميرٽ جي لتاڙ سبب قابل نوجوانن جا حق متاثر ٿي رهيا آهن: اڳواڻ

شاگرد ايڪشن ڪميٽي پاران سياڻي ڪراچيءَ ۾ وزير اعليٰ هائوس آڏو ڌرڻو هڻڻ جو اعلان ڪيو ويو

ٺٽو (ڊ ر) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ مبينا بيقاعدگين ۽ ميرٽ جي لتاڙ خلاف شاگردن جو احتجاجي لانگ مارچ ٺٽي پهچي ويو پرپور استقبال 14 آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ سي ايم هائوس آڏو ڌرڻي جو

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ورجينيا: ورلڊ سنڌي ڪانگريس جي اجلاس ۾ عهديدار حلف کڻي رهيا آهن ٻئي طرف ڪتابن جو مهورت ڪيو پيو وڃي

بقايا 1 روزاني عبرت

ويندا. هن وڌيڪ چيو ته گذريل 13 سالن دوران ڪرپشن ۾ ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويندو ۽ قانوني ڪيسن کي منهن ڏيندڙن کي به حراست ۾ ورتو ويندو. ايپيڪس ڪميٽي جي اجلاس کانپوءِ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي ٻڌايو ته پوليس ۽ ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (CTD) کي وسيلا فراهم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. هن پوليس فورس جي حمايت جو عزم ڪندي ضروري وسيلا فراهم ڪرڻ جو واعدو ڪيو ۽ ٻڌايو ته انسپيڪٽر جنرل (IG) ۽ چيف سيڪريٽري کي پوليس جي پگهارن ۾ واڌ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ان سان گڏوگڏ، شهيد ٿيل اهلڪارن جي خاندانن لاءِ معاوضي واري پيڪيج ۾ پڻ اضافو ڪيو پيو وڃي. ڪي پي (KP) جي گورنر چيو ته وفاقي حڪومت سان جهيڙن جا ڏينهن گذري چڪا آهن. صوبي ۾ چانيل اونداهه ختم ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي روشني هوندي. اسان جون پاليسيون اسلام آباد مان اينديون نه وري جلال آباد مان. هن چيو ته وفاقي حڪومت صوبي کي جديد بڪتربند گاڏيون پيش ڪري رهي هئي، پر اڳوڻي انتظاميا اهي قبول نه ڪيون هيون. هاڻي وفاقي گهرو وزير اهي گاڏيون فراهم ڪيون آهن ۽ اسان اهي قبول ڪري ورتيون آهن. چاڪاڻ ته اسان امن امان جي معاملي تي ڪنهن به صورت ۾ سمجهوتو نه ڪنداسين. فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته اسان جو ڌيان صوبي جي ترقي ۽ امن امان جي بحاليءَ تي آهي. پيچ ڊاهه يا هنگامي آرائي جي ڪنهن به عمل جي اجازت نه ڏني ويندي ۽ جيڪو به قانون پنهنجي هٿ ۾ کڻڻ جي ڪوشش ڪندو ان سان ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي. خيبر پختونخوا جي گورنر چيو ته گذريل 13 سالن دوران پيدا ٿيل گندگي (خرابين) کي صاف ڪرڻو آهي ۽ ڪن مهينن اندر صورتحال کي حل ڪرڻ جو عزم رکون ٿا. اسان وفاقي حڪومت وٽ صوبي جو ڪيس مؤثر انداز ۾ پيش ڪيو آهي. جڏهن ته اڳوڻي انتظاميا آئين ڪرڻ ۾ ناڪام رهي هئي. هن ان ڳالهه جي تصديق ڪئي ته وسيلن جي صورتحال کان مڪمل طور تي واقف آهيون ۽ مضبوط بنيادن تي ٺوس ثبوتن جي آڌار تي پنهنجو ڪيس پيش ڪنداسين. هن سوال اٿاريو ته اها ڪهڙي قسم جي جمهوريت هئي جنهن ۾ عوام کي بنيادي تحفظ به ميسر نه هو ۽ نشاندهي ڪئي ته پي ٽي آءِ دهشتگردي جي حمايت ڪئي هئي. فيصل ڪريم ڪنڊي زور ڏئي چيو ته ڪرپشن ۾ ملوث هر شخص جو احتساب ڪيو ويندو. ڪرپٽ ماڻهن کي گرفتاري ۽ سزا کي منهن ڏيڻو پوندو ۽ جن تي الزام آهن انهن کي عدالت ۾ انهن الزامن جو جواب ڏيڻو پوندو. فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته لانگ مارچ وارو ڪنٽينر لاوارث پيو آهي، جنهن جو به اهو آهي اچي کڻي وڃي، ٻي صورت ۾ اهو ٽي ايم اي (TMA) جي حوالي ڪيو ويندو. خيبر پختونخوا جي گورنر اعلان ڪيو ته اعليٰ سطحي ڪميٽي غير قانوني افغان پناهگيرن کي نيڪالي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ جن وٽ دستاويز نه هوندا انهن کي ملڪ مان نيڪالي ڏني ويندي.

بقايا 2 روزاني عبرت

تقريب ۾ شرڪت ڪئي. ان مفاهمتي يادداشت سان تعليمي دستاويزن جي تصديق جي طريقيڪار کي آسان بڻائڻ شفافيت ۾ اضافي ۽ دستاويزن جي ڇنڊڇاڻ جي عمل کي وڌيڪ موثر بڻائڻ ۾ مدد ملندي. ڊيجيٽل سرٽيفڪيٽس ۽ آن لائين سهولتن جي ذريعي دير ۾ گهٽتائي ايندي ۽ ڪيترن ئي معاملن ۾ آفيسن جي ذاتي دورن جي ضرورت ختم ٿي ويندي جنهن سان خاص طور تي ٻاهرين ملڪ رهندڙ پاڪستانين کي سهولت ملندي. سومر ڏينهن پرڏيهي وزارت جي ترجمان جي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ان ڳالهه تي زور ڏنو ته قونصلر خدمتن کي بهتر بڻائڻ سدائين سندس ترجيحن ۾ شامل رهيو آهي جنهن تحت 2024ع ۾ پاڪستان ۾ اپوسٽيل نظام جي شروعات پڻ ڪئي وئي. هن چيو ته اڄ جو هي قدم پاڪستاني شهرين جي لاءِ پلي آهي ملڪ ۾ هجن يا ٻاهرين ملڪ، دستاويزن جي تصديق جي خدمتن کي وڌيڪ تيز ڀروسي جوڳو موثر ۽ آسان بڻائڻ طرف هڪ مثبت اڳڀرائي آهي. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ان قدم کي اڳتي وڌائڻ ۾ سمورن لاڳاپيل ادارن خاص طور تي پرڏيهي وزارت، هائير ايجوڪيشن ڪميشن، انٽر بورڊ ڪوآرڊينيشن ڪميشن ۽ نيشنل انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ جي ڪوشش کي ساراهيو.

بقايا 3 روزاني عبرت

تحت معاهدو ڪري ورتو آهي ان قدم جو مقصد شاگردن جي تعليمي رڪارڊ کي محفوظ بڻائڻ سندن جي صحيح تصديق ۽ امتحاني نظام ۾ شفافيت کي هٿي ڏيڻ آهي ان موقعي تي يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن جي وزير محمد اسماعيل راهو چيو ته سنڌ ملڪ جو پهريون صوبو بڻجي ويو آهي جنهن صوبي جي سمورن تعليمي بورڊن کي نادرا جي ڊيجيٽل نظام سان ڳنڍڻ لاءِ معاهدو ڪيو آهي. هي قدم صوبي ۾ تعليمي رڪارڊ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ امتحاني نظام کي جديد تقاضن سان هم آهنگ ڪرڻ جي طرف هڪ اهم سنگ ميل آهي. يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن جي سيڪريٽري محمد عباس بلوچ جي آفيس ۾ منعقد ڪيل معاهدي جي تقريب ۾ يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن جو وزير محمد اسماعيل راهو، سيڪريٽري محمد عباس بلوچ، ڊائريڪٽر جنرل نادرا ڪراچي عامر علي خان ۽ سنڌ جي سمورن تعليمي بورڊن جا چيئرمين موجود هئا. محمد اسماعيل راهو چيو ته ان قدم تحت سنڌ جي سمورن تعليمي بورڊن کي نادرا جي محفوظ ڊيجيٽل نظام سان ڳنڍيو ويندو، جنهن جي نتيجي ۾ شاگردن جو تعليمي رڪارڊ ڊيجيٽل طور تي محفوظ ۽ تصديق جوڳو ٿيندو. هن چيو ته ان نظام سان جعلي سندون ۽ ڪنهن ٻئي اميدوار جي جڳهه تي امتحان ڏيڻ جهڙن غير قانوني عملن کي روڪڻ ۾ مدد ملندي. يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن جي وزير محمد اسماعيل راهو ٻڌايو ته معاهدي تحت شاگردن جون تصديق ٿيل تعليمي سندون 'پاڪ آئي ڊي' تي موجود هونديون. جڏهن ته صوبي جي هر شاگرد لاءِ هڪ منفرد سڃاڻپ نمبر مختص ڪرڻ جو طريقو پڻ جوڙيو ويندو ته جيئن تعليمي رڪارڊ جي ڪاپي ۽ تصديق کي يقيني بڻائي سگهجي. هن چيو ته سنڌ حڪومت تعليمي نظام ۾ شفافيت، صحيح رڪارڊ جي دستيابي ۽ امتحاني عمل کي اعتبارو بڻائڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي. ان منصوبي سان تعليمي سندن جي تصديق ۾ آساني پيدا ٿيندي، دستي دستاويزن تي ڀاڙڻ گهٽبو ۽ تعليمي نظام تي عوامي اعتماد وڌيڪ مضبوط ٿيندو. ان موقعي تي ڊائريڪٽر جنرل نادرا ڪراچي عامر علي خان ٻڌايو ته نادرا جي طرفان سمورن تعليمي بورڊن کي اڪيڊمڪ رڪارڊ انٽيگريشن جي سهولت مفت فراهم ڪئي ويندي ان سان شاگردن جي تعليمي رڪارڊ جي انتظام، سندن جي تصديق ۽ محفوظ ڊيجيٽل نظام جي قيام ۾ مدد ملندي. سنڌ حڪومت ۽ نادرا جي وچ ۾ ٿيل هي معاهدو صوبي جي تعليمي نظام کي جديد ڊيجيٽل سهولتن سان جوڙڻ ۽ امتحانن ۾ شفافيت کي يقيني بڻائڻ جي طرف هڪ اهم اڳڀرائي آهي.

بقايا 4 روزاني عبرت

پنهنجون سفارتي سنديون پيش ڪيون صدر ٽنهي سفيرن کي انهن جي مقرري تي مبارڪباد ڏني ۽ پاڪستان ۾ انهن جي سفارتي ذميوارين جي ڪامياب دور جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. سومر ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ملاقاتن دوران ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، جنهن ۾ خاص طور تي اقتصادي تعاون، واپار، سيڙپڪاري سميت گڏيل دلچسپي جي ٻين شعبن تي ڌيان ڏنو ويو. ناروي جي نامزد سفير اسگوائڊ هاڻوگ سان ملاقات ۾ صدر پاڪستان ۽ ناروي جي وچ ۾ پراڻي دوستاڻي لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي عزم ورجائو ڪيو. هن 2022ع ۾ پاڪستان ۾ تباهي آڻيندڙ ٻوڏ دوران ناروي جي امداد کي ساراهيو ۽ اپريل 2026ع ۾ موسمياتي تعاون بابت ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ مفاهمتي يادداشت تي صحيحن جي آجيان ڪئي. صدر قابل تجديد توانائي، ساموندي معاملن، ٽيڪنالاجي، واپار ۽ سيڙپڪاري جي شعبن ۾ تعاون جي موقعن کي اجاگر ڪيو. هن ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن جي فروغ ۾ ٻاهرين ملڪ رهندڙ پاڪستانين جي ڪردار کي پڻ ساراهيو. آذربائيجان جي نامزد سفير عرفان شاڪر اوغلو دائودوف سان ڳالهائيندي صدر پاڪستان ۽ آذربائيجان جي وچ ۾ ويجهي ۽ ڀائرانين لاڳاپن کي ورجائو ڪيو. هن مضبوط سياسي رابطن کي واپار ۽ سيڙپڪاري ۾ اضافي ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. صدر توانائي علائقائي رابطن ۽ دفاع جي شعبن ۾ تعاون جي وسيع امڪانن کي اجاگر ڪيو. دفاعي صنعتي تعاون ۾ اڳڀرائي جي آجيان ڪئي ۽ چيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سڌوسنئون فضائي رابطا سياحت ۽ عوامي سطح تي رابطن جي فروغ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. سوئٽزرلينڊ جي نامزد سفير اسٽيفن لاگورينٽ ري سان ملاقات ۾ صدر ڳالهين ۽ امن جي ڪوشش ۾ سوئٽزرلينڊ جي ڪردار کي ساراهيو جنهن ۾ برگن اسٽاڪ ۾ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ٽيڪنيڪي ڳالهه ٻولهه ۾ سهولتڪاري به شامل آهي. صدر علائقائي امن جي لاءِ مسلسل تعاون جي اهميت تي زور ڏنو ۽ واپار سيڙپڪاري دواسازي انفارميشن ٽيڪنالاجي سائبر سيڪيورٽي قابل تجديد توانائي پاڻي انتظام ۽ سياحت جي شعبن ۾ تعاون جي موقعن کي اجاگر ڪيو. انهن ملاقاتن دوران سينيٽر شيري رحمان سينيٽر سليم مانڊوي والا ۽ پرڏيهي سيڪريٽري عاصم افتخار احمد پڻ موجود هئا.

بقايا 5 روزاني عبرت

جڏهن ته مختلف هنڌن تان ٽن ڄڻن جا لاش هٿ آيا آهن ٻئي طرف ضلعي سٽي پوليس گذريل هفتي مختلف ٽارگيٽيڊ ڪارروايون دوران ٦٤ جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي. ڪراچي جي ضلعي ويسٽ ۾ اقبال مارڪيٽ ٿاڻي جي حد اسٽار گرائونڊ ويجهو پوليس ۽ شاهين فورس جو هٿيارٻندن سان مقابلو ٿيو جنهن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ هڪ زخمي سميت ٻن جوابدارن شاهه رخ بيگ ۽ اسلم پرويز کي گرفتار ڪيو ويو. پوليس موجب گرفتار جوابدارن وٽان غيرقانوني پستول گوليون فائر ٿيل خول ۽ موبائل فون هٿ ڪيا ويا جڏهن ته سندن استعمال هيٺ موٽرسائيڪل به تحويل ۾ ورتي وئي. زخمي جوابدار کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. ساڳئي ضلعي ۾ منگهوپير ٿاڻي جي حد اجتماع گاهه ويجهو پوليس ۽ شاهين فورس جي هٿيارٻندن سان مقابلي دوران هڪ جوابدار احمد علي خان زخمي حالت ۾ گرفتار ٿي ويو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويو. پوليس موجب زخمي جوابدار وٽان غيرقانوني هٿيار گوليون فائر ٿيل خول ۽ موبائل فون هٿ ڪيا ويا جڏهن ته جوابدارن جي استعمال هيٺ رڪشو به تحويل ۾ ورتو ويو آهي. فرار جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي جاري آهي. هوڏانهن ڪورنگي ضلعي ۾ زمان ٽائون پوليس پٺاڻي ڪالوني سيوريج پمپ پرسان موٽرسائيڪل سوار ٻن شڪي ماڻهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته جوابدارن مبينا طور فرار ٿيڻ لاءِ پوليس تي فائرنگ ڪئي. فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ پوليس هڪ زخمي سميت ٻن جوابدارن محمد قاسم ۽ عرفان کي گرفتار ڪري ورتو. پوليس موجب جوابدارن وٽان ڪيهن بور جو پستول گوليون سي ڊي ٧٠ موٽرسائيڪل موبائل فون ۽ ٻه پرس هٿ ڪيا ويا. زخمي جوابدار کي علاج لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته وڌيڪ جاچ ۽ قانوني ڪارروائي جاري آهي. ٻئي طرف نارٿ ڪراچي جي سيڪٽر سي ١١ ويجهو سر سيد ٿاڻي جي حد ۾ پوليس مقابلي دوران هڪ مبينا ڌاڙيل محمد ناصر زخمي ٿي پيو جنهن کي ايڌي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. ڪراچي ۾ بلاول هائوس چورنگي ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ لڳ ڀڳ ٣٠ ورهين جو هڪ اڻڄاتل شخص فوت ٿي ويو جنهن جو لاش ايڌي ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو. ٻئي واقعي ۾ سپر هاءِ وي تي ستارا هلال پيٽرول پمپ ويجهو گرين بيلٽ وٽان ٣٥ کان ٥٠ ورهين جي اڻڄاتل شخص جو لاش هٿ آيو جنهن بابت موت جو سبب معلوم نه ٿي سگهيو. لاش کي ضروري ڪارروائي لاءِ لاڳاپيل ٿاڻي روانو ڪيو ويو. ان کان علاوه بلوچستان جي شهر حب ۾ گڏاپ اسٽاپ وٽ پل هيٺان ٢٥ کان ٣٠ ورهين جي اڻڄاتل شخص جو لاش هٿ آيو جنهن کي ايڌي ايمبولينس ذريعي حب سول اسپتال منتقل ڪيو ويو. پوليس موجب فوتگي جو سبب معلوم نه ٿي سگهيو آهي. هوڏانهن ضلعي سٽي پوليس سائوٿ زون ڪراچي جي ترجمان موجب گذريل هفتي مختلف ٽارگيٽيڊ ڪارروايون دوران مجموعي طور ٦٤ جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو. پوليس موجب ٻن مقابلن دوران هڪ جوابدار مارجي ويو جڏهن ته هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. ڌاڙن ۽ اسٽريٽ ڪرائم ۾ ملوث ٤، منشيات جي فراهمي ۾ ملوث ٢٥، موٽرسائيڪل چوري ۾ ملوث هڪ، گٽڪي ۽ ماوي جي فراهمي ۾ ملوث ١٠، اشتهاري ۽ روپوش ٨، جڏهن ته ٻين مختلف ڏوهن ۾ ملوث ١٤ جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو. پوليس موجب گرفتار جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي جاري آهي.

بقايا 6 روزاني عبرت

هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه جنسار علي سمون جي پاءِ سان فون تي رابطو ڪري سندس طبيعت بابت تفصيل معلوم ڪيا ۽ فنڪار جي بيماري تي افسوس جو اظهار ڪيو. صوبائي وزير جي هدايت تي ثقافت کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل اسپتال پهچي جنسار علي سمون جي عيادت ڪئي ۽ مالي سهائتا جو چيڪ پڻ سندس وارثن حوالي ڪيو. سيد ذوالفقار علي شاهه چيو ته جنسار علي سمون جي طبيعت بابت ٻڌي کيس ڏک ٿيو آهي. هو سندس جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهي. هن چيو ته ثقافت کاتو جنسار علي سمون ۽ سندس خاندان سان گڏ آهي جڏهن ته ڊائريڪٽر جنرل ثقافت فنڪار جي علاج ۽ طبيعت بابت سندس وارثن سان مڪمل رابطي ۾ آهي.

بقايا 7 روزاني عبرت

احتجاجن، ريلين ۽ ڌرڻن تي پابندي هوندي. ان حوالي سان باضابطه نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب سنڌ جي گهرو کاتي جي پوليس اختيارين شهر جي اهم شاهراهن چوڪن ۽ گول چڪرن تي احتجاجن ۽ ڌرڻن سبب ٽريفڪ جام شهرين جي روزمره زندگي متاثر ٿيڻ ۽ سيڪيورٽي خدشن بابت آگاهه ڪيو هو. روڊ بند ٿيڻ سبب هنگامي خدمتن جي آمدرفت ۽ اسپتالن تائين پهچ ۾ به رڪاوٽون پيدا ٿين ٿيون جڏهن ته عوامي ۽ واپاري سرگرميون متاثر ٿيڻ جو خدشو پڻ ظاهر ڪيو ويو. ڪمشنر ڪراچي موجب عوامي امن امان برقرار رکڻ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ ضروري خدمتن جي بنا رڪاوٽ فراهمي يقيني بڻائڻ لاءِ پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. لاڳاپيل اختيارين کي پابنديءَ تي عمل ڪرائڻ جون هدايتون ڏنيون ويون آهن. نوٽيفڪيشن موجب پابنديءَ جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف پاڪستان پينل ڪوڊ جي قلم ١٨٨ تحت قانوني ڪارروائي ڪري سگهجي ٿي. جڏهن ته لاڳاپيل ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز کي ضابطا فوجداري جي قلم ١٩٥ (١) (الف) تحت لکت ۾ شڪايتون داخل ڪرڻ جو اختيار پڻ ڏنو ويو آهي.

بقايا 8 روزاني عبرت

۾ ڌرين جهيڙي دوران هڪبئي مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ شروع ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ گولين لڳڻ سبب سيهواڻي ڪر جو شهمير سيهواڻي جڪراڻي مارجي ويو جنهن بعد هٿيارٻند فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا. اطلاع تي حد جي پوليس پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي تعلقه اسپتال گهوٽڪي خيرو منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران مقتول جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪي لاش ايمبولينس ذريعي سندس ڳوٺ گهر کڻائي روانا ٿي ويا. هوڏانهن اهڙي واقعي بعد ٻئي ڌريون پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ مورچا بند ٿي ويون آهن. آخري اطلاع تائين حد جي ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو. واضح رهي ته ڪجهه سال اڳ ڪارنهن جي معاملي تان جڪراڻي برادري جي ڌرين وچ ۾ هلندڙ خوني تڪرار تان هن وقت تائين 12 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي چڪا آهن.

بقايا 9 روزاني عبرت

ارشد پٽ نجم الدين جوڻيجو ۽ 35 ورهين جو صدام پٽ عبدالحميد جوڻيجو گوليون لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيا. واقعي ڪانپوءِ زخمين کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال پهچايو ويو جتي سندن حالت گنڀير هجڻ ڪري کين لاڙڪاڻي منتقل ڪيو ويو. واقعي جو اطلاع ٻاجهه ٿاڻي تي ڏنو ويو جنهن بعد پوليس ڪارروائي ڪندي نوجوان ملو جوڻيجو کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 10 روزاني عبرت

۾ گڏيل ڪارروايون ڪندي پابندي مڙهيل تنظيمن بلوچستان لبريشن آرمي (بي ايل اي) ۽ تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) سان لاڳاپيل ٽن شڪي دهشتگردن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي. سي ٽي ڊي ترجمان موجب گرفتار جوابدارن وٽان ٻه دستي بم ۽ هڪ تيار ٿيل ديسي بم هٿ ڪيو ويو آهي. گرفتار جوابدارن خلاف سي ٽي ڊي ٿاڻي ڪراچي ۾ ڌماڪيدار مادو رکڻ ۽ دهشتگرديءَ جي قلمن تحت ٽي ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. سي ٽي ڊي ترجمان موجب پهرين گڏيل ڪارروائي دوران پابندي مڙهيل تنظيم بلوچستان لبريشن آرمي سان لاڳاپيل هجڻ جي الزام هيٺ ساجد يوسف ولد محمد يوسف ۽ شوڪت علي عرف شوڪي ولد حضور بخش کي لسبيلا چوڪ بس اسٽاپ ويجهو گرفتار ڪيو ويو. گرفتار جوابدارن وٽان ٻه دستي بم هٿ ڪيا ويا. ترجمان دعوي ڪئي ته اهي جوابدار بابت اطلاع مليا هئا ته اهي پنهنجي ڪمانڊر جي هدايتن تي ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ فرنٽيئر ڪور جي موبائل گاڏين تي حملن ۾ ملوث رهيا آهن ۽ ڪراچي ۾ حساس هنڌن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي آفيسن کي نشانو بڻائڻ جي منصوبابندي ڪري رهيا هئا. ٻي ڪارروائي دوران اولڊ سبزي منڊي واري علائقي مان پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان پاڪستان سان لاڳاپيل هجڻ جي شڪ الزام هيٺ داد محمد عرف عادل ولد جلات خان کي گرفتار ڪيو ويو. سي ٽي ڊي ترجمان موجب گرفتار جوابدار وٽان هڪ تيار ٿيل ديسي بم هٿ ڪيو ويو آهي. ترجمان دعوي ڪئي ته جوابدار افغانستان ۾ تربيت حاصل ڪري چڪو آهي ۽ پنهنجي ڪمانڊر جي هدايتن تي ڪراچي ۾ حساس هنڌن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي نشانو بڻائڻ جي منصوبابندي ڪري رهيو هو. سي ٽي ڊي موجب گرفتار جوابدارن جي ٻين ساٿين، سهولتڪارن ۽ مالي مددگارن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري لاءِ جاچ جاري آهي جڏهن ته ان سلسلي ۾ وڌيڪ ڪارروايون پڻ ڪيون پيون وڃن. ترجمان موجب گرفتار جوابدارن خلاف سي ٽي ڊي ٿاڻي ڪراچي ۾ ڪيس نمبر ٩٥/٢٠٢٦، ٩٦/٢٠٢٦ ۽ ٩٧/٢٠٢٦ داخل ڪيا ويا آهن جن ۾ ڌماڪيدار مادي بابت ايڪٽ ١٩٠٨ع جي قلم ٤/٥ ۽ دهشتگردي جي خاتمي واري ايڪٽ ١٩٩٧ع جي قلم ٧ شامل آهن. گڏيل ڪارروايون ۾ حصو وٺندڙ پوليس ۽ لاڳاپيل ادارن جي اهلڪارن جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيندي اعليٰ اختيارين پاران کين تعريفي سنديون ۽ نقد انعام ڏيڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو آهي.

بقايا 11 روزاني عبرت

ويا. قصبا ڪالوني طيبا مسجد جي ويجهو گهر اندر زهريلي دوا کائڻ سان اڍائي سالن جي ٻارڙي فوت ٿي وئي آهي. ساڍا ٽن سالن جو ٻار ناساز ٿي ويو. فوت ٿي ويل ٻارڙي ۽ ناساز ٻار کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته فوت ٿي ويل نينگري جي سڃاڻپ زينب ڌي شاڪر ۽ ناساز ٻارڙي جي عثمان ولد شاڪر طور تي ٿي آهي. ڪورنگي سنگر چورنگي گيلس فارما جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار نويد ٿ اختر فوت ٿي ويو. سرجاڻي ڪي ڊي اي فليٽ جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار جيري ولد اظهر مسيح فوت ٿي ويو آهي. گلبائي پل جي معان نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار شفيع الله ولد سميع احمد فوت ٿي ويو آهي. بلال ڪالوني نارٿ ڪراچي 5 ايم سحر سينٽر جي پويان معي ۾ گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ محمد عالم قتل ٿي ويو آهي. مقتول جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. گڏاپ سٽي ٿاڻي جي حد سپر هاءِ وي ستارا هلال پمپ جي ويجهو گرين بيلٽ جي لڳ نامعلوم شخص جو لاش مليو آهي. بوٽ بيسن ٿاڻي جي حد ڪلفٽن بلاول چورنگي جي ويجهو ڪار جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 50 سالن جو نامعلوم شخص فوت ٿي ويو آهي.

بقايا 12 روزاني عبرت

ويا. قصبا ڪالوني طيبا مسجد جي ويجهو گهر اندر زهريلي دوا کائڻ سان اڍائي سالن جي ٻارڙي فوت ٿي وئي آهي. ساڍا ٽن سالن جو ٻار ناساز ٿي ويو. فوت ٿي ويل ٻارڙي ۽ ناساز ٻار کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته فوت ٿي ويل نينگري جي سڃاڻپ زينب ڌي شاڪر ۽ ناساز ٻارڙي جي عثمان ولد شاڪر طور تي ٿي آهي. ڪورنگي سنگر چورنگي گيلس فارما جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار نويد ٿ اختر فوت ٿي ويو. سرجاڻي ڪي ڊي اي فليٽ جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار جيري ولد اظهر مسيح فوت ٿي ويو آهي. گلبائي پل جي معان نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار شفيع الله ولد سميع احمد فوت ٿي ويو آهي. بلال ڪالوني نارٿ ڪراچي 5 ايم سحر سينٽر جي پويان معي ۾ گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ محمد عالم قتل ٿي ويو آهي. مقتول جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. گڏاپ سٽي ٿاڻي جي حد سپر هاءِ وي ستارا هلال پمپ جي ويجهو گرين بيلٽ جي لڳ نامعلوم شخص جو لاش مليو آهي. بوٽ بيسن ٿاڻي جي حد ڪلفٽن بلاول چورنگي جي ويجهو ڪار جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 50 سالن جو نامعلوم شخص فوت ٿي ويو آهي.

بقايا 13 روزاني عبرت

سان گڏ سنڌ ۾ هن سال ريبيز سبب فوت ٿيندڙن جو ڪل تعداد 38 ٿي ويو آهي. انڊس اسپتال جي ترجمان موجب فوت ٿيندڙ شخص 38 سالن جو نعمت الله جو تعلق ٿرپارڪر ضلعي جي ڏيپلو تعلقي جي علائقي "گوهرپو" جو رهواسي هو. کيس تقريبن اڍائي مهينا اڳ ڪتي چڪ هنيو هو ۽ هن 25 جولاءِ کان 8 آگسٽ جي عرصي دوران ٽي ايڇ ڪيو (THQ) اسپتال ڏيپلو مان ريبيز مخالف ويڪسين جا چار ڊوز لڳرايا هئا. ترجمان ٻڌايو ته مريض کي ريبيز جون علامتون ظاهر ٿيڻ بعد 7 آڪٽوبر تي انڊس اسپتال ڪراچي ۾ داخل ڪيو ويو هو. شروعاتي طبي امداد وقت زخم کي صحيح طريقي سان صاف نه ڪيو ويو هو. واضح رهي ته هن سال انڊس اسپتال ۾ ڪتي جي چڪ سبب فوت ٿيندڙن جو انگ 29 تائين پهچي ويو آهي. ان کان علاوه، انڊس اسپتال ٻدين ۾ هڪ موت واقع ٿيو ۽ جناح اسپتال ۾ هيستائين اٺ موت رڪارڊ ڪيا ويا آهن. هن سال 15 هزار کان وڌيڪ ڪتي جي چڪ جا مريض انڊس اسپتال آندا ويا آهن.

بقايا 14 روزاني عبرت

منهن ڏيڻ جي اڳواٽ تياري کي پنهنجي ڪم جو بنيادي حصو بڻائين. پاڪستان موسمياتي آفتن جي خلاف جدوجهد ۾ رڳو متاثر ملڪ نه آهي پر هڪ اڳواڻ ملڪ بڻجي سگهي ٿو. هن اها ڳالهه قدرتي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي جي عالمي ڏينهن تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪو هر سال 13 آڪٽوبر تي ملهايو ويندو آهي. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر چيو ته اڄ اسان هڪ اهڙي ڏينهن کي ملهائي رهيا آهيون جيڪو پاڪستان جي لاءِ تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. اسان ٻوڏن، زلزلي شديد گرمي جي لهر ۽ سوڪهڙي مان گذري رهيا آهيون. اسان آفتن جي ڪري زندگين گهرن ۽ اميدن کي پهچندڙ نقصانن جي قيمت ڄاڻون ٿا. اسان سکيو آهي ته اسان کي رڳو ردعمل جو مظاهرو نه پر اڳ کان تياري ڪرڻ گهرجي. ڊگهي عرصي تائين اسان آفتون اچڻ جا منتظر ٿي مدد جي لاءِ پهچون ٿا. هاڻي اهو ڪافي نه آهي. هن چيو ته پاڪستان جي قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي قومي نظام خطرن جي اڳواٽ نشاندهي جي لاءِ مصنوعي ذهانت، سيٽلائيٽس ۽ حقيقي وقت جي انگن اکرن کي استعمال ڪندي قابل ذڪر ڪم ڪيو آهي. اهو نظام آبادين کي وقت کان اڳ تنبيهه جاري ڪري ٿو ۽ پاڻي جي سطح بلند ٿيڻ کان اڳ ماڻهن کي محفوظ جاين تي منتقل ٿيڻ ۾ مدد ڪري ٿو. هن چيو ته مقامي آباديون ۽ مقامي حڪومتون آفتن جي خلاف اسان جي پهرين دفاعي صف آهن. ڪا وفاقي آفيس ڪنهن ڳوٺ جي ان جي پنهنجي ماڻهن کان وڌيڪ تيزي سان نه ٿي پهچي سگهي. هن چيو ته مقامي انتظاميا ۽ ڪميونٽي جا رضاڪار اڪثر سڀ کان پهرين امدادي ڪارروايون ۾ حصو وٺن ٿا، ڇو ته اهي پنهنجي علائقي ۽ ان جي ماڻهن کان واقف هوندا آهن. صدر قومي ۽ عالمي تنظيمن تي زور ڀريو ته اهي آفتن کي منهن ڏيڻ جي اڳواٽ تياري کي پنهنجي ڪم جو بنيادي حصو بڻائين. پاڪستان جو ماڊل ثابت ٿي سگهي ٿو. صدر آصف علي زرداري عالمي برادريءَ تي زور ڀريو ته قدرتي آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي جي لاءِ علائقائي سطح تي تعاون کي فروغ ڏنو وڃي ۽ خطا گڏيل خطرن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ گڏجي ڪم ڪن. وقت تي ڪنهن تنبيهه جي اطلاع فوري طور تي سرحدن جي پار پهچڻ گهرجي. صدر چيو ته اسان کي عالمي پاڻي استحڪام جي پروگرامن، زمين جي برقرائي خطن جي تحفظ ۽ قدمن جي غذائي تحفظ ۽ موسمياتي هڪ جهڙائي جي لاءِ عالمي فنڊ قائم ڪرڻ جڏهن ته پنهنجي ماحول جي تحفظ جي لاءِ موٽر قانون ۽ گڏيل دريائن ۽ گڏيل خطرن جي حوالي سان وسيع تر عالمي تعاون جي پڻ ضرورت آهي. صدر چيو ته هن پاڪستاني عوام جي همت، متاثر آبادين جي نئين سر تعمير، ٻين جي حياتي بچائڻ جي لاءِ پنهنجي حياتي کي خطري ۾ وجهندڙ رضاڪارن ۽ انساني جانين جي تحفظ لاءِ سائنسدانن جي ڏينهن رات ڪوششن جو مشاهدو ڪيو آهي. ان لاءِ آئون پراميد آهيان ۽ مون کي يقين آهي ته پاڪستان موسمياتي آفتن جي خلاف جدوجهد ۾ رڳو متاثر ملڪ نه پر هڪ اڳواڻ ملڪ بڻجي سگهي ٿو. صدر پنهنجي پيغام ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته هاڻي گڏجي عمل ڪرڻ جو وقت آهي. اچو ته هڪ اهڙو پاڪستان جوڙيون جيڪو قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ تيار هجي. هن چيو ته پاڪستان هڪ مضبوط ۽ ثابت قدم ملڪ آهي ۽ اڳتي وڌندو رهندو.

بقايا 15 روزاني عبرت

هدايت ڪندي چيو آهي ته سميڊا ۾ جاري سڌارن جو محور ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ آهي، پٺتي پيل علائقن سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي مختلف شعبن ۾ ڪاروبار قائم ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ انهن علائقن جي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ ڪارائتا ثابت ٿيندا. سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ سميڊا جي حوالي سان اجلاس ٿيو. وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته ڪاروباري طبقو ڪنهن به ملڪ جي معيشت ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿو جڏهن ته پاڪستان ۾ ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار (ايس ايم ايز) ۾ ملڪي معيشت کي فروغ ڏيڻ جي تمام گهڻي صلاحيت موجود آهي. هن چيو ته سميڊا ۾ جاري سڌارن جو محور ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ آهي. وزيراعظم چيو ته پٺتي پيل علائقن جي عوام کي بااختيار بڻائڻ سان انهن علائقن ۾ غربت ۾ گهٽتائي ايندي ۽ ملڪ جي مجموعي ترقي جي رفتار تيز ٿيندي. پٺتي پيل علائقن سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي مختلف شعبن ۾ ڪاروبار قائم ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ انهن علائقن جي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ ڪارائتا ثابت ٿيندا. وزيراعظم هدايت ڪئي ته سميڊا وڌ کان وڌ ماڻهن کي ڪاروبار جي لاءِ قرض حاصل ڪرڻ جي طريقيڪار کان آگاهه ڪرڻ لاءِ جامع حڪمت عملي جوڙي ۽ عوام ۾ ڪاروباري سرگرمين جي فروغ جي حوالي سان شعور اجاگر ڪرڻ جي لاءِ موثر قدم کڻي. هن هدايت ڪئي ته مختلف شعبن ۾ ننڍي ۽ وچولي درجي جا ڪاروبار قائم ڪرڻ جي لاءِ فزيبلٽي اسٽڊيز شعبن جي ماهرن کان تيار ڪرائي وڃي ۽ انهن کي مقامي زبانن ۾ دستياب بڻايو وڃي ته سڄي ملڪ جا خواهشمند ڪاروباري ماڻهو ان مان ڀرپور فائدو کڻي سگهن. وزيراعظم ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ماڻهن جي لاءِ قرضن جي مجموعي ماليت 2028ع تائين 1.1 ٽريلين روپين مان وڌائي 2.2 ٽريلين روپيا ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ وزيراعظم کي سميڊا ۾ جاري سڌارن ۽ ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار جي فروغ جي لاءِ کنيل قدمن جي بريفنگ ڏني وئي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته سميڊا کي هڪ مرڪزي پليٽ فارم ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي جيڪو ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار قائم ڪرڻ جي خواهشمند ماڻهن کي تربيت فراهم ڪرڻ ۽ ڪاروبار جي لاءِ مالي مدد حاصل ڪرڻ جي لاءِ بئنڪن سان رابطي ۾ سهولت فراهم ڪندو. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ايس ايم اي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن تائين موثر پهچ يقيني بڻائڻ جي لاءِ سڄي ملڪ ۾ نيون ريجنل آفيسون قائم ڪيون پيون وڃن. شهرين جي سهولت لاءِ مصنوعي ذهانت (اي آءِ) تي ٻڌل هيلپ لائين قائم ڪئي پئي وڃي جنهن جي ذريعي ماڻهن کي مقامي زبانن ۾ معلومات ۽ رهنمائي فراهم ڪئي ويندي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته عالمي اي ڪامرس ڪمپني علي بابا ۽ سميڊا جي وچ ۾ مفاهمت جي يادداشت تي صحيحون ٿي چڪيون آهن جنهن تحت ٻن سالن جي عرصي ۾ 10 هزار ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن (ايس ايم ايز) کي تربيت ڏني ويندي. ايس ايم اي ڊيجيٽل پورٽل کي وڌيڪ موثر ۽ ڪاروباري ماڻهن جي لاءِ آسان بڻائڻ جو سلسلو جاري آهي. اجلاس ۾ وفاقي وزيرن رانا تنوير حسين، جام ڪمال خان، ڊاڪٽر مصدق مسعود ملڪ، احد خان چيمه، عطاءِ الله تارڙ، چوڌري سالڪ حسين، مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، وزيراعظم جي صلاحڪار هارون اختر، پرائيم منسٽر يوٿ پروگرام جي چيئرمين رانا مشهود احمد خان ۽ لاڳاپيل ادارن جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 16 روزاني عبرت

زرداري سان پرڏيهي سيڪريٽري سفير عاصم افتخار احمد ايوان صدر ۾ ملاقات ڪئي. سومر ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر آصف علي زرداري سفير عاصم افتخار احمد کي نيون ذميواريون سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته هو پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جي مفادن کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ پنهنجي تجربي ۽ عزم کي استعمال ڪندو. هن سڄي دنيا جي ملڪن سان پاڪستان جا لاڳاپا مضبوط بڻائڻ، تعميري سفارتي رابطن کي فروغ ڏيڻ ۽ گڏيل مفاد تي ٻڌل تعاون کي اڳتي وڌائڻ جي اهميت تي زور ڏنو. صدر پرڏيهي سيڪريٽري جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.

بقايا 17 روزاني عبرت

پرڏيهي وزارت ۾ باضابطه طور تي عهدي جي چارج سنڀالي ورتي ۽ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان ملاقات ڪئي. سومر ڏينهن پرڏيهي وزارت پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار نيويارڪ ۾ گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي جي حيثيت سان سفير عاصم افتخار احمد جي خدمتن کي ساراهيو ۽ سندس نئين ذميوارين جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.

بقايا 18 روزاني عبرت

ڪن. چيو ته پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ ٻارن جو بنيادي حق آهي. هن سنڌ ۾ لڳ ڀڳ 42 لک ٻارن کي تعليم فراهم ڪرڻ ۾ خانگي تعليمي ادارن جي ڪردار کي ساراهيندي چيو ته خانگي تعليمي شعبو تعليمي ذميوارين جي ادائيگيءَ ۾ اهم سهڪار ڪري رهيو آهي ۽ ان سان لاڳاپيل ماڻهو عزت ۽ احترام جا حقدار آهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچيءَ ۾ استادن جي عالمي ڏينهن جي سلسلي ۾ منعقد ڪيل تقريب کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو. تقريب جو اهتمام آل سنڌ پرائيويٽ اسڪولز اينڊ ڪاليجز ايسوسيئيشن، ڊائريڪٽوريٽ آف انسپيڪشن اينڊ پرائيويٽ انسٽيٽيوشنز سنڌ جي سهڪار سان ڪيو هو جنهن ۾ سنڌ جي مختلف علائقن مان خانگي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي استادن، شاگردن ۽ شاگرداڻين سميت تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل شخصيتن شرڪت ڪئي. صوبائي وزير استادن جي پيشورانين خدمتن ۽ محنت کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته تعليم جي واڌاري ۾ استادن جو ڪردار بنيادي اهميت رکي ٿو. هن چيو ته خانگي تعليمي ادارا سنڌ ۾ لکين ٻارن کي تعليم فراهم ڪري رهيا آهن جنهن سان وڏي انگ ۾ ٻارن کي اسڪولن کان ٻاهر رهڻ کان بچائڻ ۾ مدد ملي آهي. هن چيو ته حڪومت خانگي اسڪولن کي درپيش چئلينجز ۽ مسئلن کان آگاهه آهي ۽ انهن جا جائز مسئلا حل ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويندا. سيد سردار علي شاهه خانگي اسڪولن جي رجسٽريشن جي عمل ۾ واڌ واري مطالبي کي مڃيندي اعلان ڪيو ته خانگي تعليمي ادارن جي رجسٽريشن جو مدو ٽن سالن مان وڌائي پنج سال ڪيو ويندو. مادري ٻوليءَ ۾ تعليم جي اهميت تي زور ڏيندي تعليم واري وزير چيو ته خانگي اسڪول ان حوالي سان پنهنجي ذميواري سنجيدگيءَ سان پوري ڪن. ٻارن کي سندن مادري ٻوليءَ ۾ تعليم فراهم ڪرڻ نه رڳو هڪ اهم تعليمي ضرورت آهي پر سندن بنيادي حق پڻ آهي. هن چيو ته تعليم جا ماهر ان ڳالهه تي متفق آهن ته تعليم ۾ مادري ٻوليءَ کي شامل ڪرڻ سان ٻارن جي تخليقي صلاحيتن ۽ سکڻ جي استعداد کي بهتر نموني هٿي ملي ٿي. سيد سردار علي شاهه ڳالهه ڪندي چيو ته مادري ٻوليءَ کي نظرانداز ڪرڻ وارو رويو ڪٿي اسان کي اهڙي صورتحال ڏانهن نه وٺي وڃي جو اسان جي نئين نسل کي نه غالب جي خبر هجي ۽ نه ئي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۽ فڪر سان سندن وابستگي برقرار رهي سگهي. هن چيو ته ٻارن جي لساني ثقافتي ۽ تعليمي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي تعليمي ادارن کي پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ملڪ ۾ تعليم جي مجموعي صورتحال تي ڳالهائيندي صوبائي وزير چيو ته وفاقي حڪومت پاران تعليمي ايمرجنسيءَ جي اعلان باوجود عملي ڪوششون نظر نه اچي رهيون آهن. سندس چوڻ هو ته اسلام آباد ۾ اعلان ڪرڻ کان سوا ڪا ايمرجنسي خاطرخواهه عملي قدمن جي صورت ۾ سامهون نه اچي سگهي آهي. هن چيو ته پاڪستان ۾ اڍائي ڪروڙ ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن جيڪو هڪ سنگين قومي مسئلو آهي. تعليم جي هن چئلينج باوجود وفاقي سطح تي اثرائتين ڪوششن جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته تعليم جي هن گڏيل قومي مسئلي جي حل لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچيو وڃي ۽ سموريون لاڳاپيل ڌريون پنهنجون ذميواريون ادا ڪن. تقريب ۾ خطاب ڪندڙن خانگي اسڪولن جي تعليمي چئلينجز بابت پنهنجا خيال ونڊيا جڏهن ته تقريب جي آخر ۾ استادن جي تعليمي خدمتن ۽ پيشورائي محنت کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو ۽ کين يادگار شيلڊون ڏنيون ويون.

بقايا 19 روزاني عبرت

ضابطي، پاڻيءَ جي ذخيرن ۽ درياهه جي انتظام بابت چين جي تجربن تي بريفنگ ڏني وئي. سنڌ جي وڏي وزير صوبائي وزيرن شرجيل انعام ميمڻ، جام خان شورو، محمد بخش مهر، خاص معاون سيد قاسم نويد ۽ سينيئر آفيسرن تي ٻڌل اعليٰ سطحي وفد جي اڳواڻي ڪندي ڊيم جي مختلف حصن جو دورو ڪيو. ان موقعي تي چيني اختيارين کيس دنيا جي سڀ کان وڏي پن بجلي گهر جي رٿابندي، تعمير ۽ آپريشن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. اختيارين وفد کي ٻڌايو ته ٿري گورجز ڊيم جي تعمير لڳ ڀڳ ٻن ڏهاڪن ۾ مڪمل ٿي ۽ اهو 2012ع ۾ مڪمل ڪيو ويو. هن ڊيم ۾ بجلي پيدا ڪرڻ جي نصب ٿيل صلاحيت 22,500 ميگاواٽ آهي جڏهن ته اهو هر سال 100 ٽيراواٽ ڪلاڪن کان وڌيڪ بجلي پيدا ڪري ٿو. صاف توانائي پيدا ڪرڻ کان سواءِ هي ڊيم يانگسي درياهه ۾ ٻوڏ کي ضابطي ۾ رکڻ ۽ ملڪ اندر آبي آمدورفت لاءِ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. بريفنگ دوران وزير پاڻي ذخيرو ڪرڻ، ٻوڏن جي صورتحال کي ضابطي ۾ رکڻ ۽ پاڻيءَ جي ورهاست جي هر لمحي نگراني واري گڏيل نظام ۾ خاص دلچسپي ڏيکاري. سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ کي موسمياتي تبديلين سبب وڌندڙ چئلينجن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جن ۾ چوماسي جي مند دوران تباهه ڪندڙ ٻوڏون ۽ خشڪ موسمن ۾ پاڻيءَ جي کوٽ شامل آهن. اهڙين حالتن ۾ پاڻيءَ جو اثرائتو انتظام صوبي جي اهم ترجيحن مان هڪ هجڻ گهرجي. هن چيو ته ٿري گورجز ڊيم جو تجربو ظاهر ڪري ٿو ته جديد انجنيئرنگ، ٽيڪنالاجي ۽ ڊگهي مدي واري رٿابنديءَ ذريعي پاڻي وسيلن کي معاشي ترقي، جي تحفظ ۽ موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت وڌائڻ جو ذريعو بڻائي سگهجي ٿو. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه نشاندهي ڪئي ته سنڌ کي سنڌو درياهه جي نظام ذريعي مختلف موسمن ۾ پاڻيءَ جي مناسب مقدار ملي ٿي پر مستقبل ۾ زرعي، شهري ۽ صنعتي گهرجن لاءِ اضافي پاڻي محفوظ ڪرڻ جي صلاحيت محدود آهي. هن وڌيڪ چيو ته ايندڙ نسلن لاءِ پائيدار ترقي ۽ پاڻيءَ جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ خاطر پاڻي ذخيرو ڪرڻ، ٻوڏن جي نقصانن کي گهٽائڻ ۽ آبپاشيءَ جي انتظام لاءِ جديد ۽ اثرائتا حل ڳولڻا پوندا. سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت چين جي آبي انتظام واري ماڊل جي لاڳاپيل طريقن کي، خاص طور آبي ذخيرن کي هلائڻ ۽ انهن جي انتظام، ٻوڏن جي اڳڪٿي، پاڻيءَ سان گڏ ايندڙ مٽي ۽ گاد جي انتظام ۽ مليل پاڻيءَ جي ذخيرو ڪرڻ جا طريقا سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ جي امڪانن جو جائزو وٺندي. وڏي وزير سنڌو درياهه جي ڇوڙ واري علائقي (ڊيلٽا) جي تحفظ ۽ سنڌ جي ساموندي علائقن ۾ سمنڊ جي کاري پاڻيءَ جي زمين اندر وڌڻ کان روڪڻ جي اهميت تي پڻ ڳالهه ڪئي. هن چيو ته پاڻي سان لاڳاپيل بنيادي ڍانچي جي رٿائن ۽ ترقياتي ضرورتن ۽ ماحولياتي پائيداريءَ وچ ۾ توازن برقرار رکڻ لازمي آهي. هن چيو ته پاڻيءَ جي تحفظ بابت ڪنهن به حڪمت عمليءَ ۾ سنڌو درياهه جي ڊيلٽا جي ماحولياتي ضرورتن جو تحفظ يقيني بڻائڻ گهرجي. ان سان گڏ زرعي پيداوار وڌائڻ ۽ ٻوڏن توڙي ڏڪار کان متاثر ٿيندڙ ڪمزور برادرين جو تحفظ پڻ ضروري آهي. سنڌ جي وڏي وزير وفد سان گڏ موجود آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اهي پاڻيءَ جي صورتحال جي نگراني، جديد ۽ خودڪار آبي ذخيرن جي انتظام ۽ درياهه جي سڄي طاس جي گڏيل انتظام بابت چين جي بهترين طريقن جو مطالعو ڪن جيئن انهن کي سنڌ جي ضرورتن مطابق اختيار ڪرڻ جي امڪان جو جائزو وٺي سگهجي. هي دورو سنڌ جي وڏي وزير جي چين جي هڪ هفتي واري سرڪاري دوري جو حصو هو جنهن جو مقصد بنيادي ڍانچي، سيڙپڪاري، ٽيڪنالاجي، تعليم ۽ پائيدار ترقيءَ جي شعبن ۾ سهڪار کي هٿي وٺرائڻ آهي. چيني اختيارين آبي وسيلن جي انتظام ۽ موسمياتي تبديلين مطابق فني مهارت ۽ تجربن جي ڏي وٺ ڪرڻ تي راضپو ظاهر ڪيو جڏهن ته ٻنهي ڌرين انهن شعبن ۾ مستقبل ۾ ادارن وچ ۾ سهڪار جي امڪانن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. بريفنگ ڪانپوءِ وفد ڊيم ۽ ان جي آبي آمدورفت واري نظام جو جائزو وٺڻ لاءِ مختلف هنڌن جو دورو ڪيو جنهن کانپوءِ سرڪاري دوري جي ايندڙ مرحلي لاءِ ووهان روانو ٿي ويو. سنڌ جي وڏي وزير ٿري گورجز ڊيم ميوزيم جو پڻ دورو ڪيو جتي کيس هڪ دستاويزي فلم ڏيکاري وئي. فلم ۾ ڊيم جي تعمير، سال بردار جهازن جي لاءِ لفٽ ۽ ٻين ساموندي توڙي آبي آمدورفت جا منظر ڏيکاريا ويا. پيشورانه طور انجنيئر هجڻ جي حيثيت ۾ سيد مراد علي شاهه ٿري گورجز ڊيم کي انجنيئرنگ جو هڪ حيرت انگيز شاهڪار قرار ڏنو.

بقايا 20 روزاني عبرت

روشنيءَ ۽ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ۾ فوري طور تي ۽ ايندڙ حڪمن تائين ٽائون وار نظام قائم ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ آفيسرن ۽ عملي جون مقرريون ۽ بدليون ڪيون ويون آهن. ان انتظامي فيصلي جو مقصد عمارتن جي ڪنٽرول واري نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ، غيرقانوني اڏاوتن جي روڪٿام، ڪارڪردگيءَ ۾ تيزي آڻڻ ۽ ٽائون سطح تي معاملن کي شفاف نموني هلائڻ آهي. جن ٽائونز ۾ آفيسرن (ڊائريڪٽر، ڊپٽي ڊائريڪٽر، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، سينيئر بلڊنگ انسپيڪٽرن، بلڊنگ انسپيڪٽرن) کي مقرر ڪيو ويو آهي انهن ۾ هيٺيان ٽائون شامل آهن: بلديه ٽائون ۽ ڪيماڙي ٽائون، گڏاپ ٽائون ۽ مومن آباد، موريو ميربحر ۽ ناظم آباد، نارٿ ڪراچي ۽ نارٿ ناظم آباد، اورنگي ٽائون ۽ صدر، صفورا ۽ شاهه فيصل ٽائون، سهراب گوٺ ۽ گلبرگ، گلشن اقبال ۽ ابراهيم حيدري، جناح ٽائون ۽ ڪورنگي، لانڍي ۽ لياقت آباد، لياري ۽ ملير، منگهوپير ۽ موريو / ماڙيپور ۽ ماڊل ڪالوني. لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي فوري طور تي پنهنجون نيون ذميواريون سنڀالين ۽ هن قدم سان عمارتن بابت ضابطن جي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ ۽ عوامي شڪايتن جو ترت ازالو ڪرڻ ۾ مدد ملندي.

بقايا 21 روزاني عبرت

منصوبي تي جاري ترقياتي ڪمن جو جائزو وٺندي اعلان ڪيو ته روڊ جلد شهرين لاءِ کوليو ويندو. ميئر ڪراچي چيو ته نعمت خان لنڪ روڊ جي تعمير مڪمل ٿيڻ سان شاهراهه فيصل کي گلستان جوهر سان ڳنڍڻ ۾ مدد ملندي جنهن سان شهر ۾ ٽريفڪ جي رواني بهتر ٿيندي ۽ مکيه شاهراهن تي ٽريفڪ جو دٻاءُ گهٽجڻ ۾ پڻ مدد ملندي. ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچي کي اهڙن وڌيڪ لنڪ روڊن جي ضرورت آهي. هن چيو ته لنڪ روڊن جي تعمير لاءِ ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) ڪم ڪري رهي آهي. شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ ٽريفڪ جا مسئلا گهٽائڻ اسان جي ترجيحن ۾ شامل آهن. هن چيو ته ترقياتي منصوبن جو مقصد شهرين کي روزاني اچ وڃ ۾ سهولت فراهم ڪرڻ ۽ شهر جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ آهي. ميئر ڪراچي چيو ته اسان جا ترقياتي ڪم عوام جي حقيقي ضرورتن جي عڪاسي ڪن ٿا، ماضي وانگر رڳو فلائي اوورن جي تعمير تي زور نه ڏنو پيو وڃي پر روڊن ۽ لنڪ روڊن ذريعي ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ تي پڻ ڌيان ڏنو پيو وڃي. هن چيو ته ڪي ايم سي شهر جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي اهڙن منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي جيڪي شهرين لاءِ سڌي ريت فائديمند ثابت ٿين ۽ ڪراچي جي ٽريفڪ نظام کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ڏين. ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن شهر جي مختلف علائقن ۾ روڊن جي نئين سر تعمير ۽ سفري سهولتن جي بهتري لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي. هن تعمير هيٺ ڪورنگي ايڪسپريس وي جو پڻ دورو ڪيو ۽ منصوبي تي جاري ڪم جو جائزو ورتو. ميئر ڪراچي چيو ته هي منصوبو گلستان جوهر، جوهر موڙ، راشد منهاس روڊ ۽ ايئرپورٽ روڊ ڏانهن سفر ڪندڙ شهرين لاءِ انتهائي فائديمند ثابت ٿيندو ۽ اچ وڃ ۾ سهولت فراهم ڪندو. هن چيو ته ڪي ايم سي شهر جي روڊن کي بهتر بڻائڻ سان گڏ بنيادي مسئلن جي حل تي پڻ ڌيان ڏئي رهي آهي. سول اسپتال جي پرسان چانڊ بيبي روڊ جي نئين سر تعمير جو ڪم پڻ شروع ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ روڊ جي تعمير کان اڳ گٽرن ۽ نيڪال واري پاڻي جا مسئلا حل ڪيا ويا آهن ته جيئن تعميراتي ڪم پائيدار بنيادن تي مڪمل ٿي سگهي ۽ شهرين کي ٻيهر انهن ئي مسئلن کي منهن نه ڏيڻو پوي. ميئر ڪراچي چيو ته پهلوان گوٺ جي رهواسين ۽ ان علائقي مان گذرندڙ شهرين لاءِ پڻ خوشخبري آهي ته ڪي ايم سي گنجان آباد علائقن کي ڳنڍڻ وارا روڊ ٺاهي رهي آهي جن سان شهرين کي اچ وڃ ۾ سهولت ملندي. اهڙيءَ طرح چنيسر ڳوٺ ۽ ڪي اي سي ايڇ ايس بلاڪ 6 جي اندروني گهٽين جي نئين سر تعمير جو ڪم پڻ جاري آهي ته جيئن رهواسين کي بهتر رستن جون سهولتون فراهم ڪري سگهجن. ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب وڌيڪ چيو ته گرو مندر ۽ ميرٽ ڪباب هائوس جي پرياسي واري علائقي کي بهتر بڻائڻ لاءِ پڻ ڪي ايم سي جي ٽيم ڪم ڪري رهي آهي. شهر جي مختلف علائقن ۾ روڊن جي تعمير، مرمت ۽ بنيادي شهري سهولتن جي بهتري وارن منصوبن جو مقصد شهرين کي رليف فراهم ڪرڻ آهي. هن چيو ته ڪراچي جي ترقي ۽ شهرين جي مسئلن جو حل ڪي ايم سي جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۾ عوام جي خدمت جو اهو سلسلو جاري رهندو.

بقايا 22 روزاني عبرت

ڪري هلي رهيو آهي جنهن تي ملڪ قائم ٿيو هو. صوبن کي پنهنجن وسيلن ۽ آمدني جي مالڪي ڪرڻ گهرجي. سنڌو درياهه ۾ پاڻي جي وهڪري کي سال جي شروعات کان آخر تائين برقرار رکڻ زراعت لاءِ تمام ضروري آهي. ملڪ جي خوشحالي لاءِ ضروري آهي پاڙيسري ملڪن سان بهتر لاڳاپا ۽ واپار کي فروغ ڏيڻ پڻ ملڪ جي ترقي لاءِ تمام ضروري آهي. انهن خيالن جو اظهار هن ضلعي بار ايسوسيئيشن سکر کي خطاب ڪندي ڪيو. سيد زين شاهه ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال، آئيني معاملن، صوبائي خودمختياري، مقامي حڪومتي نظام، جمهوري حقن ۽ سنڌ جي وسيلن تي پنهنجا خيال ظاهر ڪيا. سيد زين شاهه چيو ته آئين جي آرٽيڪل 239 ۾ ترميم ڪرڻ سان صوبا ناهڪ جي ڳالهه ناهي ڪئي وئي. اهڙن آئيني معاملن تي بحث ڪندي آئين جي اصل روح ۽ بنيادي اصولن کي ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي. هن چيو ته سندس مطابق ملڪ ۾ ٿيندڙ تبديلين کي صرف انتظامي سڌارن تائين محدود نه سمجهيو وڃي، پر انهن جي دور رس اثرات جو جائزو وٺڻ پڻ ضروري آهي. هن چيو ته مقامي ادارن جي نظام ذريعي صوبائي حڪومتن کي غير فعال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جنهن سان صوبائي اختيارن ۽ خودمختياري بابت اهم سوال پيدا ٿين ٿا. صوبن کي پنهنجن وسيلن ۽ آمدني تي ڪنٽرول هجڻ گهرجي ته جيئن اهي عوام جي ضرورتن مطابق ترقياتي منصوبا ٺاهي سگهن. سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر سياسي پارٽين جي وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته گذريل ڪجهه مهينن دوران پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ متحده قومي موومينٽ جا اڳواڻ هڪ ٻئي خلاف نفرت جا ٻج پوکي رهيا آهن. سياسي قيادت کي سنجيده سياسي ڳالهه ٻولهه کي فروغ ڏيڻ گهرجي ۽ اختلافن کي وڌيڪ وڌائڻ بدران عوامي مسئلن کي حل ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. هن چيو ته ملڪ ۾ ماڻهن کان احتجاج جو حق کسيو ويو آهي جڏهن ته ريلين ۽ جلوسن تي پابنديون جمهوري حقن جي خلاف آهن. هڪ جمهوري سماج ۾ ماڻهن کي آواز بلند ڪرڻ، پنهنجا مطالبا پيش ڪرڻ ۽ پرامن احتجاج ڪرڻ جو حق هجڻ گهرجي. سياسي سرگرمين تي پابنديون عوامي پريشاني کي وڌائي سگهن ٿيون ۽ جمهوري عمل کي متاثر ڪري سگهن ٿيون. سيد زين شاهه ملڪ ۾ جاري سياسي غير يقيني صورتحال جو ذڪر ڪندي چيو ته صورتحال اڃا غير واضح آهي جو ڪو به نٿو ڄاڻي ته ايندڙ ڏينهن ۾ ڇا ٿيندو. سندس مطابق سياسي استحڪام، آئيني بالادستي ۽ جمهوري اصولن جي نفاذ کانسواءِ ملڪ کي درپيش چئلينجن تي قابو پائڻ ڏکيو ٿيندو. سنڌ جي پاڻي ۽ زرعي مسئلن تي بحث ڪندي، هن چيو ته پاڻي سنڌو درياهه ۾ ان جي ماخذ کان ان جي آخر تائين سڄو سال وهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته پاڻي جي مسلسل فراهمي سنڌو، سنڌ جي زراعت، معيشت ۽ سنڌ جي ماڻهن جي مستقبل سان ڳنڍيل آهي. زراعت کي ترقي ڏيڻ، پاڻي جي وسيلن کي بهتر طريقي سان استعمال ڪرڻ ۽ صوبن جي حقن جي حفاظت لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ وقت جي ضرورت آهي. سيد زين شاهه وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي معاشي ترقي لاءِ پاڙيسري ملڪن سان سٺا لاڳاپا قائم ڪرڻ ۽ باهمي واپار کي فروغ ڏيڻ ضروري آهي. علائقي ۾ واپاري موقعن کي وڌائڻ ۽ دوستاڻي لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ سان ملڪ جي معيشت کي فائدو پهچي سگهي ٿو. پنهنجي خطاب جي آخر ۾ هن آئيني اصولن تي عمل ڪرڻ، صوبائي خودمختياري، ماڻهن جي جمهوري حقن جي تحفظ، سنڌ جي وسيلن تي ڪنٽرول ۽ سياسي استحڪام جي ضرورت تي زور ڏنو.

بقايا 23 روزاني عبرت

سيده نفيسه شاهه جيلاني خيرپور رياست جي آخري حڪمران مير علي مراد خان ٽالپور جي لاڏاڻي تي سندس پٽ مير مهدي رضا ٽالپور سان فيض محل خيرپور ۾ تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي. تعزيت ڪانپوءِ فيض محل ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سيده نفيسه شاهه جيلاني چيو ته مير علي مراد خان ٽالپور خيرپور جو فخر هو جنهن پنهنجي بادشاهي واري دور ۾ به پاڪستان سان شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. هن چيو ته مير صاحب جون وڏيون قربانيون آهن جن کي هميشه ياد رکيو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته مير علي مراد خان ٽالپور خيرپور ۾ تاريخي ادارا قائم ڪيا، جن مان اڄ به عوام فائدو حاصل ڪري رهيو آهي. خيرپور جا ادارا اهڙي واسين لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهن جيڪي مرحوم جي عوامي خدمتن ۽ دور انديشيءَ جو ثبوت آهن. سيده نفيسه شاهه جيلاني چيو ته مير علي مراد خان ٽالپور رڳو عوام دوست شخصيت نه پر هڪ رحم دل ۽ انسان دوست انسان پڻ هو. اهڙين عظيم شخصيتن کي سندن خدمتن ۽ عوام سان محبت سبب صدين تائين ياد رکيو ويندو. هن مرحوم جي خاندان سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي سندس مغفرت ۽ پوئينن لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي.

بقايا 24 روزاني عبرت

واري علائقي ۾ هٿيارٻندن ڪنڊيارو ٿاڻي جي پوليس اهلڪار ابراهيم سهتو جي گهر ۾ گهڙي فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ پوليس اهلڪار ابراهيم سهتو، سندس پٽ سهيل، عامر ۽ مسمات سميرا زخمي ٿي پيا، جن کي سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو. فيصل سٽي ۾ پيش آيل واقعي دوران هٿيارٻندن پوليس اهلڪار ابراهيم سهتو جي گهر ۾ داخل ٿي فائرنگ ڪئي جنهن سبب هڪ عورت سميت چار ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين کي علاج لاءِ سول اسپتال حيدرآباد پهچايو ويو. پوليس اهلڪار ابراهيم سهتو جو چوڻ آهي ته گهر ۾ عورتن وچ ۾ جهيڙي بعد منهنجي نُنهن کي سندس ماءُ ناراض ٿي پاڻ سان گڏ وٺي وئي هئي جنهن بعد رات جو منهنجي نُنهن جي ڀائرن ۽ ٻين ماڻهن اسان جي گهر تي حملو ڪري فائرنگ ڪئي. واقعي جو ڇنڊ ڇاڻ کان پوءِ خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 25 روزاني عبرت

اعلان سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن پاران مبينا بيقاعدگين ۽ ميرٽ جي لتاڙ خلاف متاثر شاگرد ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي حيدرآباد کان شروع ڪيل احتجاجي پيادل لانگ مارچ ٽئين ڏينهن ٺٽي پهچي وئي جتي لانگ مارچ ۾ شامل شاگردن جو شاندار استقبال ڪيو ويو. شاگرد ايڪشن ڪميٽي جي ڪنوينر ذبيح الله مستوئي، وجاهت هنگورجو، فخر زمان ڪونهارو، حسين بخش چانڊيو، سڪندر چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نڪتل لانگ مارچ جي اڳواڻن ٺٽي پهچڻ تي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ مبينا بيقاعدگين ۽ ميرٽ جي لتاڙ سبب قابل شاگردن جي حقن کي نقصان پهچي رهيو آهي جنهن سان نوجوانن جو مستقبل داءَ تي لڳل آهي. هنن چيو ته شاگرد پنهنجي حقن لاءِ حيدرآباد ۾ ڪميشن جي آفيس آڏو مسلسل احتجاج ڪندا رهيا آهن پر ان باوجود حڪومتي اختيارين طرفان سندن شڪايتن جو ڪو به نوٽيس ناهي ورتو ويو. هنن چيو ته انصاف ۽ ميرٽ جي بحالي تائين سندن احتجاج جاري رهندو. شاگرد اڳواڻن موجب احتجاجي لانگ مارچ حيدرآباد کان شروع ٿي ٽنڊو محمد خان، ٻلڙي شاهه ڪريم، جهوڪ شريف، ميرپور بٺورو ۽ سجاول کان ٿيندو ٽئين ڏينهن ٺٽي پهتو آهي. هنن اعلان ڪيو ته لانگ مارچ سپاٽي، گهارو ۽ گلشن حديد پهچندي جڏهن ته 14 آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ سي ايم هائوس آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو. هنن سنڌ جي شاگردن، نوجوانن ۽ سمورين باشعور ڌرين کي اپيل ڪئي ته ميرٽ جي بحالي ۽ شاگردن جي حقن جي تحفظ لاءِ سندن پرامن احتجاج ۾ ڀرپور ساٿ ڏين.

بقايا 26 روزاني عبرت

يوڪرين کي هٿيارن جي فراهمي ۽ انٽيليجنس معلومات جي ڏي وٺ روڪڻ جي ڌمڪي ڏني آهي. پرڏيهي ميڊيا نالو ظاهر نه ڪندڙ يورپي عهديدارن جي حوالي سان ٻڌايو ته آمريڪي اختيارين 10 ۽ 11 آڪٽوبر تي يورپي گادي وارن شهرن ۽ ڪيف ۾ عملدارن سان ٽيليفونڪ رابطا ڪيا ۽ کين يوڪرين لاءِ آمريڪي هٿيارن جي خريداري پروگرام ۽ انٽيليجنس معلومات جي ڏي وٺ جي معطلي کان خبردار ڪيو. رپورٽ مطابق آمريڪي اختيارين يوڪرين لاءِ آمريڪي هٿيارن جي خريداري جي ترجيحي طريقيڪار (پي يو آر ايل) کي روڪڻ جي ڌمڪي به ڏني. ميڊيا مطابق وائيٽ هائوس انهن ٽيليفونڪ رابطن جي تصديق يا ان تي تبصرو ڪرڻ کان پاسو ڪيو. ٻئي پاسي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ آچر تي پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽروٿ سوشل تي لکيو هو ته روس ۽ يوڪرين توانائي جي ڍانچن تي حملا نه ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي.

بقايا 27 روزاني عبرت

درخواستون آيون آهن. مذهبي معاملن واري وزارت پرائيويٽ اسڪيم تحت حج 2027ع جي خواهشمند ماڻهن کي چيو ويو آهي ته هو جلد کان جلد بڪنگ مڪمل ڪن. مذهبي معاملن واري وزارت جي ترجمان پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو ته پرائيويٽ حج اسڪيم 2027ع جي شفاف ۽ ڊيجيٽل بڪنگ جو عمل نيشنل آءِ ٽي بورڊ جي تيار ڪيل پاڪ حج ايپ ۽ پورٽل تي بڪنگ جو عمل جاري آهي. پرائيويٽ حج اسڪيم جي رکيل ڪوٽا 71 هزار 684 آهي جنهن مان هن وقت تائين 31 هزار کان وڌيڪ حج پانڌيئڙا پنهنجي آن لائين بڪنگ مڪمل ڪرائي چڪا آهن. حج 2027ع جي پرائيويٽ اسڪيم تحت خواهشمند ماڻهن کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته سيٽن جي محدود دستيابي کي نظر ۾ رکندي دير کان بچڻ ۽ جلد کان جلد نيشنل آءِ ٽي بورڊ جي ڊولپ ڪيل پاڪ حج ايپ ۽ پورٽل ذريعي پنهنجي آن لائين بڪنگ مڪمل ڪن.

بقايا 28 روزاني عبرت

حملن ۾ اضافو ٿيندو. پرڏيهي ميڊيا موجب بل گيٽس چيو ته مصنوعي ذهانت جي ڪنٽرول کان ٻاهر ٿيڻ جو خطرو ڊگهي مدي ۾ ڳڻتي جو سبب آهي ان ڪري فوري طور تي وڌيڪ خطرو انهن عنصرن مان آهي جيڪي مناسب حفاظتي قدمن کانسواءِ موجوده اي آءِ نظامن جو غلط استعمال ڪري رهيا آهن. پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ بل گيٽس چيو ته ايندڙ سال مصنوعي ذهانت سان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ شعبو سائبر حملا ٿي سگهن ٿا. هن زور ڏنو ته سڀ کان وڏو خطرو بدنيتي تي ٻڌل ماڻهن پاران جديد اي آءِ ماڊلز جي غلط استعمال ۾ آهي، خاص طور تي جڏهن ان ۾ موجود حفاظتي ڪنٽرولز ۽ قدم ختم ڪيا وڃن. بل گيٽس خبردار ڪيو ته جديد ترين اي آءِ ماڊلز تائين غير محدود پهچ جي نتيجي ۾ ايندڙ سال خاص ڪري سائبر سيڪيورٽي جي شعبي ۾ ڪيترا ئي ناڪاري ۽ غير متوقع صورتحال سامهون اچي سگهي ٿي.

بقايا 29 روزاني عبرت

سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش رياض جي سرڪاري هوائي اڏي تي حوثي باغين جي ميزائل حملي جي شديد مذمت ڪندي چيو آهي ته شهرين ۽ شهري ڍانچن کي نشانو بڻائڻ عالمي قانون جي ڀڃڪڙي آهي. اهڙا حملا فوري طور تي بند ٿيڻ گهرجن. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جاري بيان ۾ حملن جي مذمت ڪئي آهي. سعودي اختيارين مطابق شاهه خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي حملي ۾ 12 ماڻهو مارجي ويا ۽ 300 کان وڌيڪ زخمي ٿيا. سعودي عرب جي سول ايوي ايشن اٿارٽي ٻڌايو ته حملي ۾ 309 ماڻهو زخمي ٿيا جن مان ڪجهه جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. گڏيل قومن مطابق مارجي ويلن ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار سعودي شهري، ٻه بنگلاديشي ۽ هڪ آمريڪي شهري شامل آهي جڏهن ته مصر، اردن، شام، فلسطين ۽ سوڊان سان تعلق رکندڙ ماڻهو به مارجي ويا آهن. حملي کان پوءِ هوائي اڏي تي اڏامن جي اچ وڃ بند ڪئي وئي ۽ ڪجهه اڏامن جو رخ ٻين هوائي اڏن ڏانهن بدلايو ويو. سعودي اختيارين اطلاع ڏنو ته رياض ايئرپورٽ جي مسافر ٽرمينل تي هڪ ٻيو پروجيڪٽائل ڪريو آهي جنهن جي نتيجي ۾ وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿيا آهن ۽ باهه لڳي وئي آهي. هلندڙ هفتي هوائي اڏن تي اهو حوثين جو ٽيون حملو هو. ان کان اڳ خميس تي ٿيل حملن ۾ سعودي ايئر لائينز جي هڪ پائلٽ سميت 3 سعودي شهري مارجي ويا هئا. جڏهن ته شاهه خالد ۽ ابها ايئرپورٽس تي ان کان پهرين ٿيل حملن ۾ وڌيڪ 3 ماڻهو مارجي ويا ۽ 36 زخمي ٿي پيا هئا.

بقايا 30 روزاني عبرت

طلب کي نظر ۾ رکندي ڊيزل جي ٻارڻ جو واپار ڪرڻ ۾ ڪا ڏکيائي نه ٿيندي. پرڏيهي ميڊيا مطابق ڪريملن جي ترجمان دمتري پيسڪوف چيو ته طلب تمام گهڻي آهي ۽ تيل ۽ پيٽروليم مصنوعات جو وڏو مقدار عالمي مارڪيٽ مان نڪري چڪو آهي ان ڪري مارڪيٽ ۾ طلب جو ڪو مسئلو نه آهي. هن چيو ته مسئلو رڳو ان صورت ۾ ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن فراهمي دستياب نه هجي. ٻارڻ جي فراهمي لاءِ روس کي درخواستون ملڻ بابت سوال تي دمتري پيسڪوف چيو ته ان جي ضرورت ناهي ڇو جو ٻارڻ جي فراهمي جو ڪم واپاري ادارن ذريعي ڪيو ويندو. ياد رهي ته جمعي تي روس جي صدر ولاديمير پيوٽن آمريڪا جي صدر سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه دوران هڪ معاهدي جو اعلان ڪيو جنهن تحت روس آمريڪا ۽ عالمي مارڪيٽ کي ڊيزل فراهم ڪندو.

بقايا 31 روزاني عبرت

تي اتفاق ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب آمريڪي صدر چيو ته اها جنگبندي فوري طور تي اثرائتي ٿي چڪي آهي جڏهن ته هن ڪي به تفصيل فراهم ناهن ڪيا. يوڪرين جي صدر شروعاتي طور تي ان اعلان تي حيرت جو اظهار ڪيو هو بعد ۾ چيو ته جيڪڏهن ماسڪو ان جي حمايت ڪري ٿو ته سندس ملڪ به ان جي حمايت ڪندو. هن آمريڪي نيوز ويب سائيٽ سان ڳالهين دوران چيو ته انرجي جنگ بندي جو اطلاع هن لاءِ هڪ خبر هئي ان کان هن اڳ سوشل ميڊيا جي ذريعي. هن جا عملدار روس سان آمريڪا جي ڳالهين جي واضح تفصيلن جا منتظر آهن.

بقايا 32 روزاني عبرت

آهي جنهن سان وقت جي انتهائي درست پيمائش جو طريقو ايٽمز (atoms) اندر اليڪٽرون (electron) جي توانائي جي سطحن ۾ تبديلي بدران ايٽمي مرڪز (Nucleus Atomic) اندر تبديلين ڏانهن منتقل ٿي ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق سائنسدانن موجب سالڊ اسٽيٽ نيوڪليئر ڪلاڪ جي ننڍي هجڻ ۽ انجنيئرنگ جي لحاظ کان اڪثر فائدا آهن ۽ توقع آهي ته اها گهڙي سيٽلائيٽ نيويگيشن ۽ خلائي تحقيق سميت مختلف شعبن ۾ وقت ۽ فريڪوئنسي جي انتهائي درست پيمائش جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي. چنگ هوا يونيورسٽي جي ماهر زائي هوئي چيو آهي ته توقع آهي ته اها نئين گهڙي وقت ۽ فريڪوئنسي جي ايندڙ نسل جو معيار قائم ڪندي ۽ ڪوانٽم جي انتهائي درست پيمائش جي شعبي ۾ هڪ اهم اڳڀرائي ثابت ٿيندي.

بقايا 33 روزاني عبرت

پابنديون لڳائي ڇڏيون آهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق چين جي پرڏيهي وزارت انهن قدمن جو سبب قومي خودمختياري ۽ سلامتي کي قرار ڏيندي چيو آهي ته بيليز ۽ پيراگوئي جي اڳ سياستدان پنهنجن ملڪن جا تائيوان سان سفارتي لاڳاپا برقرار رکڻ جي حمايت ڪري چين مخالف رويو اختيار ڪيو آهي. انهن پابندين ۾ وزيرن جي هانگ ڪانگ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ويزا حاصل ڪرڻ تي پابندي، چين جي ادارن ۽ شهرين کي انهن وزيرن سان ڪاروباري ڏيتي ليتي، سهڪار يا ٻين سرگرمين انجام ڏيڻ کان روڪڻ شامل آهي. چين جي پرڏيهي وزارت پابندين جو اعلان ٻن ڌار نوٽيسز ذريعي ڪيو آهي.

بقايا 34 روزاني عبرت

اينڊاسڪولز نيٽورڪ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب رائل ڪميشن تعليم کاتي جي ڊائريڪٽر عبدالرحمان الغامدي ٻڌايو ته اهو سنگ ميل مقامي تعليمي شعبي جي ترقي ۽ سعودي اسڪولن کي عالمي سطح تي متعارف ڪرائڻ طرف هڪ اهم اسٽريٽجڪ قدم آهي. تعليم واري وزارت، سعودي نيشنل ڪميٽي فار ايجوڪيشن ۽ ڪلچر اينڊ سائنس جي سهڪار سان اهي اسڪول نيٽورڪ جو حصو بڻيا آهن. نيٽورڪ ۾ شموليت سعودي تعليمي ادارن جي عالمي سطح تي موجودگي کي مضبوط بڻائڻ طرف اهم اڳڀرائي آهي.

بقايا 35 روزاني عبرت

لبنان جي صحت واري وزارت "ايڪس" تي جاري پنهنجي بيان ۾ ٻڌايو ته گذريل ڏينهن ڏکڻ لبنان ۾ هڪ شهري شهيد ٿي ويو جتي اسرائيلي فوج جون حزب الله خلاف ڪارروايون جاري آهن. وزارت جو چوڻ آهي ته اسرائيل نبطيه صوبي جي شهر ڪفرٽيبنيت ۽ طلوسه تي هوائي حملا ڪيا، جڏهن ته بيتليف، مجدل زون ۽ ياطر جي علائقن تي توپن سان بمباري ڪئي وئي. فوري طور تي انهن حملن ۾ جاني نقصان جا اطلاع ناهن مليا.

بقايا 36 روزاني عبرت

مسلسل فوجي ڪارروايون امن جي امڪانن کي محدود ۽ عالمي جنسن جي تحفظ کي غير مستحڪم ڪري رهيون آهن. گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي وقتي مستقل نمائندي عثمان جدون سلامتي ڪائونسل جي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته ويڙهه ۾ تازي شدت خطي ۽ ان جي وسيع تر پاڙيسري علائقن لاءِ هاڪاري اشارو نه ڏئي رهي آهي. هن چيو ته جنگ ۾ شدت عالمي سطح تي پهرين موجود غذائي ۽ توانائي جي بحران کي وڌيڪ سنگين بڻائي رهي آهي، جنهن جا اثر جنگ متاثر علائقن کان ڪيترائي ڀيرا اڳيان خاص ڪري اسرندڙ ملڪن ۾ محسوس ڪيا پيا وڃن. پاڪستاني نمائندي زور ڀريو ته فوجي طاقت امن قائم نه ڪري سگهي. هن چيو ته جنگ جاري رکڻ سان سياسي اختلاف وڌيڪ گهرا، انساني مصيبتون ڏکيون ۽ پائيدار امن لاءِ ضروري سياسي گنجائش محدود ٿي ويندي آهي. هن اسود سمنڊ ۾ واپاري جهازن تي تازن حملن تي به ڳڻتي جو اظهار ڪندي خبردار ڪيو ته جنگ جو دائرو واپاري رستن تائين پکيڙڻ سان وسيع تر خطي ۽ علائقائي استحڪام کي سنگين خطرا درپيش ٿي سگهن ٿا.

بقايا 37 روزاني عبرت

واحد سنجيده مالي مددگار رهي آهي پر ان کي توقع هئي ته آمريڪا جي سياسي قيادت يوڪرين ۾ امن قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪندي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته يورپي يونين يوڪرين سان گڏجي هڪ آزاد ۽ خودمختيار امن حڪمت عملي تيار ڪري ۽ ان تي عمل ڪري. پر هن اها وضاحت ناهي ڪئي ته يورپي يونين پنهنجو موقف تبديل ڪرڻ جو فيصلو ڇو ڪيو.

بقايا 38 روزاني عبرت

بسن جي انتظار ڪري رهيو آهي جن جون رياض جي ايئرپورٽ تي حملن بعد سندن اڏامون ملتوي ڪيون ويون هيون. پرڏيهي ميڊيا مطابق سفارتخاني مان جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته سفارتخانو رياض واپس وڃڻ جي خواهشمند انهن شهرين لاءِ بسون فراهم ڪندو جن جون اڏامون ملتوي ٿي ويون هيون ان شرط تي ته هنن وٽ ملتوي ٿيل فلائيٽ بڪنگ جو ثبوت موجود هجي.

بقايا 39 روزاني عبرت

فائر ڪيا آهن جيڪي اٽڪل 900 ڪلوميٽرن تائين اڏام ڪندا رهيا. پرڏيهي ميڊيا ڏکڻ ڪوريا جي جوائنٽ چيفس آف اسٽاف جي حوالي سان ٻڌايو ته ميزائل مقامي وقت مطابق صبح اٽڪل 9 لڳي 20 منٽن تي پيانگ يانگ ويجهو هڪ علائقي ۾ فائر ڪيا ويا. ڏکڻ ڪوريا جي فوج چيو آهي ته هو وڌيڪ ميزائل فائر ڪرڻ جي امڪان کي نظر ۾ رکندي چوڪس آهي ۽ ان حوالي سان آمريڪا ۽ جاپان سان معلومات جي ڏي وٺ ڪري رهي آهي.

بقايا 40 روزاني عبرت

ان جي اتحادين خيبرپختونخوا حڪومت ۽ پي ٽي آءِ جي قيادت سان پارليماني رابطن، سڌي ريت ڳالهين ۽ بيڪ چينل ڊپلوميسي سميت هر ممڪن رستو اختيار ڪيو جڏهن ته سموريون ڪوششون رائيگان ويون. "ايڪس" تي پنهنجي بيان ۾ گهرو وزير واضح ڪيو ته خيبرپختونخوا دهشتگردي جو وڏو بار برداشت ڪيو آهي ۽ اتي سيڪيورٽي فورسز ۽ عام شهرين بي مثال قربانيون پيش ڪيون آهن. هن چيو ته اهڙين سنگين حالتن ۾ ڇڪتاڻ بجاءِ گڏيل تعاون کي ترجيح ڏيڻ گهرجي ها. وفاقي گهرو وزير چيو ته موجوده فيصلو نه ڪو سياسي فيصلو هو ۽ نه ڪو آسان عمل پر اهو زميني حقيقتن سبب هڪ اڻٽر ۽ مشڪل آئيني قدم هو. هن زور ڏنو ته جڏهن گڏيل تعاون جا سمورا رستا ختم ٿي وڃن ته آئين ۽ ملڪي سلامتي ئي پهرين ترجيح هوندا ۽ هن ملڪ جي تحفظ ۽ استحڪام لاءِ دعا به ڪئي.

بقايا 41 روزاني عبرت

ٽيليفون تي رابطو ڪيو جنهن دوران تازي علائقائي ڇڪتاڻ ۾ اضافي ۽ ان کي گهٽائڻ جي حوالي سان ڪوششن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. پرڏيهي ميڊيا مطابق شهزادي فيصل بن فرحان ساڻ برطانوي هم منصب ايڊملي بينڊ به رابطو ڪيو جنهن ۾ تازي علائقائي صورتحال، ڇڪتاڻ کي منهن ڏيڻ، ان جي سيڪيورٽي ۽ اقتصادي اثرن کي گهٽائڻ جي حوالي سان ٻنهي ملڪن جي گڏيل ڪوشش بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. ٻنهي پرڏيهي وزيرن رياض جي ڪنگ خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ڪيل حملن جي حوالي سان به ڳالهه ٻولهه ڪئي. برطانوي پرڏيهي وزير سعودي عرب ۽ يمن ۾ شهري ڍانچن تي حوثي مليشيا جي حملن جي مذمت ڪئي. هن انهن حملن کي منهن ڏيڻ لاءِ سعودي عرب ۽ يمن ٻنهي حڪومتن سان يڪجهتي جو اظهار پڻ ڪيو.

بقايا 42 روزاني عبرت

جي وڪري ۽ خريد جا اگهه هن ريت جاري ڪيا آهن. آمريڪي ڊالر جي وڪري جو اگهه 278.79 روپيا ۽ خريد جو اگهه 275.79 روپيا. برطانوي پائونڊ جي وڪري جو اگهه 369.27 روپيا ۽ خريد جو اگهه 364.91 روپيا رهيو.

بقايا 43 روزاني عبرت

ٿيندي جيڪو 4 نومبر تائين جاري رهندو. پرڏيهي ميڊيا مطابق چين جي واپار واري وزارت جي ترجمان اعلان ڪيو آهي ته 140 هون چائنا امپورٽ اينڊ ايڪسپورٽ فيئر 15 آڪٽوبر کان 4 نومبر تائين گوانگ زو ۾ منعقد ٿيندو. چين جو وزيراعظم لي چيانگ افتتاحي تقريب ۽ لاڳاپيل سرگرمين ۾ شرڪت ڪندو ۽ اهم خطاب ڪندو.

بقايا 44 روزاني عبرت

نيٽ ورڪ جي تعمير تي 6 کرب يوآن کان وڌيڪ جي سيڙپڪاري متوقع آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق وزارت ٻڌايو ته هلندڙ سال کان قومي آبي نيٽ ورڪ جي تعمير ۾ تيزي اچي رهي آهي.

بقايا 45 روزاني عبرت

نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بئريسٽر دانيال چوڌري چيو آهي ته مالي سال 27 — 2026ع ۾ پاڪستان جي معاشي ترقي جي شرح 4 سيڪڙو کان وڌي وڃڻ جي اميد آهي جيڪا ملڪي معيشت جي بحالي تي اعتماد جي عڪاسي ڪري ٿي. سومر ڏينهن سوشل ميڊيا پليٽ فارم "ايڪس" تي هڪ بيان ۾ هن چيو ته مسلسل سڌارن، سيڙپڪاري جي فروغ ۽ نجڪاري جي قدمن جي ذريعي پاڪستان هڪ مضبوط، مستحڪم ۽ پائيدار معاشي مستقبل طرف وڌي رهيو آهي.

بقايا 46 روزاني عبرت

خليفه بن علي الحارثي کي 24 آڪٽوبر تي منعقد ٿيندڙ جي سي سي يورپي سمٽ ۾ شرڪت جي دعوت ڏني آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق عمان ۾ سعودي سفير ابراهيم بن سعد بيشان عمان جي پرڏيهي وزارت ۾ سياسي معاملن جي انڊر سيڪريٽري شيخ خليفه بن علي الحارثي سان ملاقات ڪئي ۽ دعوت نامو پهچايو. جي سي سي ۽ يورپي ملڪن جا اڳواڻ 24 آڪٽوبر تي سربراهي اجلاس لاءِ سعودي عرب ۾ گڏ ٿيندا.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

سعودي ايئرپورٽ تي حملو: تڪرار جي خاتمي لاءِ
صفحو 4

ڪنور دلشاد
خيبرپختونخوا ۾ اندروني ۽ ٻاهريان چئلينجز
صفحو 4

ٻوٽن ۽ وڻن کي ڪيڙ، ڪيئڻ، کهڙو نقصان
مٺل جسڪاڻي
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن —— 13 آڪٽوبر
صفحو 4

مهراڻ يونيورسٽي جي پاليسي ۽ شڪايت جي طريقيڪار بابت هڪ ڏينهن وارو آگاهي سيمينار

شاگردياڻين کي مخالف صنف جي نامناسب عملن ۽ روين کان بچڻ ۽ پاڻ کي بااختيار بنائڻ ضروري آهي: مقررين

مهراڻ يونيورسٽي جي صنفي پاليسي ۽ ملڪ ۾ موجود صنفي هراسگي جي خلاف قانون اداري اندر عورت کي مڪمل تحفظ فراهم ڪري ٿو

اينٽي هراسمينٽ سيل آيل شڪايتن کي قانون ۽ پاليسي مطابق بڌي ٿي مهراڻ يونيورسٽي ۾ شاگردياڻين کي مڪمل تحفظ مليل آهي

ڄامشورو: شاگردياڻين کي مخالف صنف جي نامناسب عملن ۽ روين کان بچڻ ۽ پاڻ کي بااختيار بنائڻ ضروري آهي: مقررين

ڄامشورو(پ ر)اسٽوڊنٽس افيئرس آفيس ۽ اينٽي هراسمينٽ سيل مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو پاران شاگردياڻين لاءِ هراسمينٽ خلاف جڙيل قانون مهراڻ يونيورسٽي جي پاليسي ۽ شڪايت جي طريقيڪار بابت هڪ ڏينهن وارو آگاهي سيمينار واٽر سينٽر ۾ ٿي گذريو سيمينار کي خطاب ڪندي اينٽي هراسمينٽ سيل جي سربراهه ۽ مهراڻ يونيورسٽي جي فئڪلٽي آف مڪينيڪل پراسيس اينڊ ارٿ انجنيئرنگ جي ڊين ڊاڪٽر خديجه قريشي چيو ته شاگردياڻين کي صنفي هراسمينٽ وارن روين بابت، مخالف صنف جي نامناسب عملن ۽ روين کان بچڻ پاڻ کي بااختيار بنائڻ صنفي هراسگي جهڙي ڪڌي عمل کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪرڻ خلاف آگاهي ڏيڻ بابت هي سيمينار منعقد ڪرايو ويو آهي مهراڻ يونيورسٽي جي صنفي پاليسي ۽ ملڪ ۾ موجود صنفي هراسگي جي خلاف قانون اداري اندر عورت کي مڪمل تحفظ فراهم ڪري ٿو مهراڻ يونيورسٽي اندر شاگردياڻين لاءِ بهترين ماحول آهي انهن کي قانون ۽ پاليسي طرفان مهيا ڪيل تحفظ تي عملدرآمد ڪيو وڃي ٿو ڊاڪٽر عظمي عمران پنهور چيو ته شاگردياڻين کي شڪايت درج ڪرائڻ کان وٺي انصاف جي طريقيڪار بابت ڄاڻ مهيا ڪري انهن کي مليل تحفظ جي استعمال جي تربيت ڏني وئي آهي ڊاڪٽر عظمي عمران چيو ته اينٽي هراسمينٽ سيل آيل شڪايتن کي قانون ۽ پاليسي مطابق بڌي ٿي مهراڻ يونيورسٽي ۾ شاگردياڻين کي مڪمل تحفظ مليل آهي اينٽي هراسمينٽ سيل ۾ سينئر عورت پروفيسرس آهن اهي ئي شڪايتون ٻڌن ٿيون تقريب کي اسٽوڊنٽس افيئرس جي ايڊوائيزر ڊاڪٽر محمد شعيب شيخ پڻ خطاب ڪيو

ٽنڊوڄام ۾ پ ٽ الف جي مرڪزي سڏ تي پ ٽ الف حيدرآباد تعلقي ٻهراڙي پاران ريلي

تعلقي صدر نزاڪت خاصخيلي جي اڳواڻيءَ ۾ مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي

پرائمري استادن جو سروس اسٽرڪچر گذريل پنجن سالن کان رولڙي جو شڪار آهي، جنهن سبب استاد پنهنجي جائز حقن کان محروم آهن: اڳواڻ

ايس ٽي آر پاليسي کي جواز بنائي عورت استادن جون بدليون هٽ وٺي ڏورانهن علائقن ۾ ڪري ڪين پريشان ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوڄام: تعلقي صدر نزاڪت خاصخيلي جي اڳواڻيءَ ۾ مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي

ٽنڊوڄام (ٽ ر) پرائمري استادن جي تنظيم پ ٽ الف جي مرڪزي سڏ تي پ ٽ الف حيدرآباد تعلقي ٻهراڙي پاران صدر نزاڪت خاصخيلي، جنرل سيڪريٽري بابو عارف قائمخاني، سينيئر نائب صدر نريش ڪمار ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي. انهي موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پرائمري استادن جو سروس اسٽرڪچر گذريل پنجن سالن کان رولڙي جو شڪار آهي، جنهن سبب استاد پنهنجي جائز حقن کان محروم آهن استادن کي باٽيو ميٽرڪ تصديق لاءِ ڪراچيءَ جا چڪر ڪاٽڻا پون ٿا، جنهن ڪري وقت ۽ پئسي جو زيان ٿيڻ سان گڏ ڪين سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هنن چيو ته ايس ٽي آر پاليسي کي جواز بنائي عورت استادن جون بدليون هٽ وٺي ڏورانهن علائقن ۾ ڪري ڪين پريشان ڪيو پيو وڃي هنن وڌيڪ چيو ته آءِ بي اي ذريعي ڀرتي ٿيل استادن لاءِ نئين پينشن پاليسي لاڳو ڪئي وئي آهي جنهن سان ڪين وڏو مالي نقصان ٿيندو نئين پينشن پاليسي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين اڳواڻن وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ صوبائي وزير تعليم سردار شاهه کان مطالبو ڪيو ته سندن مسئلن جو فوري نوٽيس وٺي سروس اسٽرڪچر باٽيو ميٽرڪ، عورت استادن جي جبري بدلين پينشن پاليسي ۽ رهيل پگهارن وارا مسئلا حل ڪيا وڃن هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن مطالبا منظور نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌائي احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي

ورجينيا ۾ ورلڊ سنڌي ڪانگريس پاران ڪانفرنس منعقد

سنڌ جي صحت، سماجي ڀلائي ۽ ٻوڏ متاثرن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

مستقل بحاليءَ ۽ بنيادي سهولتن جي فراهميءَ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ جي ضرورت تي زور

عبدالخالق جوڻيجو حقِ خود ارادیت جي تاريخي ۽ آئيني پهلوئن تي خيالن جو اظهار ڪيو

ورجينيا(پ ر) ورجينيا ۾ ورلڊ سنڌي ڪانگريس پاران منعقد ڪانفرنس ۾ سنڌ جي صحت، سماجي ڀلائي ۽ ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ بابت پڻ تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ٻارن جي بيمارين جي شعبي سان لاڳاپيل پروفيسر ڊاڪٽر نيل ڪنٺ سنڌ ۾ ٻارن جي خوراڪ جي کوٽ ۽ واڌ ويجهه متاثر ٿيڻ جي وڌندڙ مسئلي تي روشني وڌي هن ان صورتحال کي حڪومتي بي ڌيانيءَ سان ڳنڍيندي عوامي ڀلائي، سيڪيولر اصولن ۽ جوابده حڪمرانيءَ تي ٻڌل پاليسين جي ضرورت تي زور ڏنو ماهرن ٻوڏ کان پوءِ بحاليءَ جي عمل ۾ سست رفتاريءَ ڏانهن ڌيان ڇڪايو هن چيو ته ٻوڏن کان ڪيترائي سال گذرڻ باوجود متاثر خاندان صحت جي بحرانن، بي گهر ٿيڻ معاشي بدحالي ۽ موسمياتي تباهين جي نتيجن کي منهن ڏئي رهيا آهن هن متاثر برادرين جي مستقل بحاليءَ ۽ بنيادي سهولتن جي فراهميءَ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ جي ضرورت تي زور ڏنو سيراڪيوز يونيورسٽي جي پروفيسر ريان گرفتس حقِ خود ارادیت جي عالمي اصولن ۽ ان سلسلي ۾ موجود طريقن تي روشني وڌي هن وضاحت ڪئي ته غير نمائندگي رکندڙ قومون عالمي سطح تي گڏيل راءِ عامه پيدا ڪرڻ ۽ گهڻ طرفن عالمي ادارن سان مسلسل رابطي ذريعي پنهنجي سياسي سڃاڻپ ۽ حقن بابت اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون ورلڊ سنڌي ڪانگريس جي چيئرپرسن ڊاڪٽر لکو لوهاڻي سنڌ جي جاگرافيائي وحدت ۽ سنڌي ماڻهن جي حقِ خود ارادیت کي بنيادي حق قرار ڏيندي چيو ته سنڌ جي وحدت تي ڪو به سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي هن چيو ته: "سنڌ جي وحدت ۽ سنڌي ماڻهن جو پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ قانوني ۽ اخلاقي حق آهن اسان انهن حقن جي حاصلات لاءِ جمهوري جدوجهد، ٻڌي ۽ لاڳيتي بين الاقوامي رابطن ذريعي اڳتي وڌنداسين "جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين عبدالخالق جوڻيجو حقِ خود ارادیت جي تاريخي ۽ آئيني پهلوئن تي خيالن جو اظهار ڪيو سنڌ ۾ سرگرم اڳواڻ ڊاڪٽر ۽ انساني حقن جي ڪارڪن ڊاڪٽر سورٺ سنڌو ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي جدوجهد کي اجاگر ڪندي عورتن جي سياسي قيادت ۽ فيصلا سازيءَ ۾ سندن ڀرپور شموليت جي حمايت ڪئي برطانوي پارليامينٽ جي ميمبر باب بليڪ مين پاڪستان ۾ مذهبي اقليتن خلاف انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي مذمت ڪئي خاص طور سنڌي هندو برادريءَ کي درپيش مسئلن جو ذڪر ڪيو هن چيو ته: "سنڌي هندن سميت مذهبي اقليتن سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف آواز بلند ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي برطانيه ۾ رهندڙ سنڌين کي پنهنجي علائقن جي پارليامينٽ جي ميمبرن سان رابطو ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي ڪليل ڪچهرين ۾ شرڪت ڪرڻ گهرجي ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ تي ورلڊ سنڌي ڪانگريس جي اڳواڻ اميد لغاريءَ پاران پيش ڪيل ڏهه نڪاتي ٺهراءُ منظور ڪيو ويو ٺهراءَ ۾ سنڌي ماڻهن جي حقِ خود ارادیت جو مطالبو ڪندي سنڌ جي جاگرافيائي وحدت ۽ وسيلن جي تحفظ تي زور ڏنو ويو. ڪانفرنس جي ٻين مقررن ۾ ثقلين امام، حفيظان وڏيو، گل سنائي، آصف پنهور، ڊاڪٽر هدايت پنو، سجڻ چنا، سارنگ سنڌي، سهيل ابڙو، رزاق برڙو، عباس چنا، نارائڻ ٻبلائي، سيد سهيل احمد، رگوبر سنگهه سوڍو، خوشحال ڪالاڻي ۽ ڊاڪٽر شگفته ڪانڌرو شامل هئا. ورلڊ سنڌي ڪانگريس جي جنرل سيڪريٽري فرحان ڪاغذي تنظيم جي ساليانو ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي جنهن ۾ تنظيم جي سرگرمين ۽ سنڌ جي مسئلن کي عالمي سطح تي اجاگر ڪرڻ بابت ڪردار تي روشني وڌي وئي صغير شيخ جي ميزبانيءَ هيٺ ٿيل ادبي ويهڪ ۾ نون ڪتابن جي مهورت ڪئي وئي ان موقعي تي عبدالخالق جوڻيجو جي ڪتاب "قومي حق خود ارادیت" ۽ امداد آروڙي جي ڪتاب "ڌرتي ماءُ جو سڏ" تي تبصرو ڪيو ويو ويهڪ ۾ سنڌ جي تاريخ، قومي حقن ۽ سياسي جدوجهد جي دستاويز سازيءَ ۾ ادب ۽ ڪتابن جي ڪردار تي تفصيلي بحث ڪيو ويو شرڪت ڪندڙن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سنڌ جي تاريخ، سياسي تجربن ۽ عوامي جدوجهدن کي محفوظ ڪرڻ ۽ ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ لاءِ علمي ۽ ادبي سرگرميون اهم آهن

ڪوٽ غلام محمد ۾ آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن جي ريلي

پ ٽ الف جي سڏ تي استادن جي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ ريلي ڪڍي وئي

استادن جا جائز حق ڏيارڻ ۽ بنيادي مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ ميدان ۾ نڪتا آهيون: اڳواڻ

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) ڪوٽ غلام محمد ۾ آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن (پ ٽ الف) جي سڏ تي استادن جي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ ٽي اي او پرائمري آفيس کان پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد تائين پيادل ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو تعلقي صدر هيبت خان لغاري ۽ محمد خان جسڪاڻي جي اڳواڻي ۾ نڪتل ريلي ۾ ٽي اي او عبدالرشيد خاصخيلي ۽ استادن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته هو استادن جا جائز حق ڏيارڻ ۽ بنيادي مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ ميدان ۾ نڪتا آهن هنن سنڌ سرڪار ۽ تعليم کاتي کان مطالبو ڪيو ته پرائمري استادن جو سروس اسٽرڪچر منظور ڪيو وڃي، رڪيل پروموشنز ڪيون وڃن ڪلسٽر پاليسي تي نظرثاني ڪئي وڃي جيڪي پرائمري استاد 30 سال سروس ڪري چڪا آهن انهن کي 17 کان 18 گريڊ ۾ پروموشن ڏني وڃي جيڪي اسڪولن سليڪٽ پروگرام ۾ رجن پيون انهن ۾ صرف پرائمري استاد پڙهائيندا ۽ بدلين، بايو ميٽرڪ حاضري سسٽم سميت استادن کي درپيش مسئلا ترت حل ڪيا وڃن ريلي جي اڳواڻن چيو ته استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪري ڪين بيچيني مان ڪڍيو وڃي ۽ سنڌ جي پرائمري تعليم جي بهتري لاءِ عملي قدم کنيا وڃن ريلي ٽي اي او پرائمري آفيس کان شروع ٿي پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد پهتي، جتي استادن پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڪوٽ غلام محمد: پ ٽ الف جي سڏ تي استادن جي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ ريلي ڪڍي وئي

ڳڙهيخيرو ۽ ان جي آس پاس ۾ بدامنيءَ عروج تي پهچي وئي

هڪ موٽرسائيڪل ڦُر، ٻي موٽرسائيڪل چوري ۽ ٻن گهرن مان وارداتون

ڪنهن به واقعي جو ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهي، پوليس خاموش تماشائي بڻيل

ڳڙهيخيرو(ن ع) ڳڙهيخيرو ۽ ان جي آس پاس ۾ بدامنيءَ عروج هڪ موٽرسائيڪل ڦُر ٻي موٽرسائيڪل چوري ۽ ٻن گهرن مان لکين روپيا روڪ موبائيل فونون چوري تفصيل موجب ڳڙهيخيرو ۽ ان جي آس پاس ۾ بدامنيءَ عروج پهچي وئي نامعلوم هٿياربندن ڳڙهيخيرو ٺولڪي واهه جي پل قومي شاهراهه تي هنگورجا جي رهواسي امجد سولنگي کان موٽر سائيڪل پنجاهه هزار روپيا روڪ موبائيل فون ڦُرڪري فرار ٿي ويا ۽ لعل بخش سولنگي بس اسٽاپ قومي شاهراهه جي ڪيبر تي سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقي سوبوديرو جي اڳواڻ شرڪت سولنگي جي جي موٽر سائيڪل پوليس ڳاڏي ۾ پوليس اهلڪارن جي موجودگي ۾ موٽر سائيڪل چوري ڪري ويا ٻئي طرف ڳوٺ سائينداد سولنگي ۾ نامعلوم چور غلام حيدر سولنگي جي گهر ۾ داخل ٿي واپاري غلام اصغر سرور سولنگي ۽ سي ڪي ڊي جي اي ايس آءِ حسنين سولنگي جن جون موبائيل فونون اٺيتاليهه هزار روپيا روڪ ۽ علي مردان سولنگي جي گهر ۾ نامعلوم چور داخل ٿي عقيل احمد سولنگي جي موبائيل فون ۽ صندوق جا تالا ٽوڙي سٺ هزار روپيا روڪ چوري ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته ڪنهن به واقعي جو ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

حيدرآباد اسپورٽس ڪلب ۾ لمس جي وائيس چانسلر جي اعزاز ۾ آجياڻو

پي اي ايف پي سنڌ جي صدر ڊاڪٽر لالا جعفر پاران گولڊ ميڊل ۽ اعزازي شيلڊ پيش

حيدرآباد: اسپورٽس ڪلب ۾ لمس جي وائيس چانسلر جي اعزاز ۾ آجياڻو

حيدرآباد (رپورٽ: اعجاز لغاري) پاڪستان اڪيڊمي آف فيملي فزيشنز (پي اي ايف پي) سنڌ جي صدر ڊاڪٽر لالا جعفر پاران حيدرآباد اسپورٽس ڪلب ۾ لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز (لمس) جي وائيس چانسلر جي ٻئي مدي جي اعزاز ۾ پروقار آجياڻي جي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ پروفيسر سنتوش ڪمار، پروفيسر بيڪاراس پروفيسر سجاد سرهيس پروفيسر ڪاشف شيخ، پروفيسر پورڻ ڪمار طارق باجاري (جنرل سيڪريٽري حيدرآباد جيمخانا)، ابرار اعوان (انچارج پوليس ٽريننگ سينٽر ٽنڊو مليس)، ڊاڪٽر امداد چنا، پروفيسر صادق ميمڻ غلام نبي لاشاري، ڊاڪٽر عابد ساند ۽ ٻين ناميارن طبي ماهرن ۽ سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي

بوزدارواڍا پرسان ڳوٺ هاشم خان گوپانگ جي رهواسين جو مظاهرو

باائر ۽ پوليس اهلڪارن جي مبينا زيادتين خلاف مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

پٽ افضل گوپانگ مٿان بيگناهه جوا جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي: مظاهرين

بوزدارواڍا(ن ع) بوزدارواڍا پرسان ڳوٺ هاشم خان گوپانگ جي رهواسين عورتن ۽ مردن ٻارڙن سميت باائر ۽ پوليس اهلڪارن جي مبينا زيادتين خلاف مسمات پناهه خاتون گوپانگ پوليس اهلڪار حمز علي گوپانگ مدثر شعبان ارشد علي گوپانگ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ميڊيا اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن دانهيندي ميڊيا کي الزام هڻندي ٻڌايو ته پوليس باائر جي ونگار وهندي اسان جي ترڪ ڪليڪٽر پورهيت راشد علي گوپانگ ۽ پوليس اهلڪار حمز علي گوپانگ جي پٽ افضل گوپانگ مٿان بيگناهه جوا جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي ۽ اسان جا چوڪرا هتي موجود ناهن پلي موبائل نمبر ٽريس ڪرائي پاڪ ڪتاب تي ڳوٺ ۾ انڪوائري ڪرائي وڃي جيڪڏهن پورهيت ان ڏينهن گهر موجود هجڻ ثابت ڪري ڪين پوليس پوءِ پلي سزا ڏئي باقي بيگناهه پوليس باائر جي ونگار وهندي ٻنهي پورهيتن مٿان چار ڏينهن اڳ جوا جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي پوليس ۽ ڳوٺ جي باائر اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اسان جي نوجوان پورهيتن مٿان داخل ڪوڙو جوا جو ڪيس ختم ڪري پاڪ ڪتاب تي انڪوائري ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي پورهيت افضل گوپانگ ڪراچي ۾ بنگلي تي ڪم ڪندو آهي هنن وزيراعلي سنڌ آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور صوبائي گهرو وزير نوٽيس وٺي پاڪ ڪتاب تي انڪوائري ڪري ٻنهي نوجوان پورهيتن مٿان جوا جو ڪوڙو ڪيس ختم ڪري انصاف ڪري باائر خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي

بوزدارواڍا: باائر ۽ پوليس اهلڪارن جي مبينا زيادتين خلاف مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

ڳڙهي خيرو ۾ پ ٽ الف جي مرڪزي سڏ تي مظاهرو

تعلقي صدر شهزاد پٽي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

استادن کي سروس اسٽرڪچر نه ڏنو پيو وڃي، بدلين جي آڙ ۾ انتقام بند ڪيو وڃي: مظاهرين

ڳڙهي خيرو(ن ع) پ ٽ الف جي مرڪزي سڏ تي پ ٽ الف ڳڙهي خيرو پاران تعلقي صدر شهزاد پٽي، ڊويزنل سينيئر نائب صدر عبدالحق چاچڙ ضلعي انفارميشن سيڪريٽري بهرام خان لهر تعلقي نائب صدر سيد اسدالله شاهه، تعلقي جنرل سيڪريٽري درياءُ خان بروهي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري بشير احمد لهر خزانچي محمد انور بروهي، آفيس سيڪريٽري عمران خان رند جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مين پرائمري اسڪول ڳڙهي خيرو کان احتجاجي مظاهرو ڪڍيو ويو جنهن استاد جي وڏي انگ شرڪت ڪئي مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ڪنيل هئا جنهن ۾ استادن پاران استادن کي سروس اسٽرڪچر ڏيو استادن کي پهرين ڏينهن کان ريگيولر ڪريو فيشل ريڪگنيشن ايپ ۾ ارڙ جو خاتمو ڪريو ڪلسٽر پاليسي نامنظور جا نعرا لکيل هئا مظاهرين شهر جو گشت ڪرڻ بعد پنج گلي چوڪ تي ڌرڻو هڻي سنڌ بلوچستان بارڊر تي ڌرڻو هنيو ان موقعي تي شهزاد پٽي بهرام خان لهر درياءُ خان بروهي ظريف بهادر چاچڙ عبدالحق چاچڙ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته استادن سان ظلم آهي ته هر ملازم کي ترقي جا موقعا فراهم ڪيا ويا آهن پر استادن کي سروس اسٽرڪچر نه پيو ڏنو وڃي هنن چيو استادن جي سروس مان ٽي سال ڪٽڻ ڪٽان جو انصاف آهي هنن چيو فيشل ريڪگنيشن ايپ ۾ خرابي سبب اسڪولن ۾ ويٺل استادن کي به غيرحاضر ڄاڻي ويو آهي هنن گهر ڪئي ته ايپ ۾ ارڙ درست ڪيا وڃن بي صورت ۾ اڳر ايپ جي آڙ ۾ ڪنهن به استاد کي تڪليف پهچي ته پ ٽ الف پرپور مزاحمت ڪندي هنن گهر ڪئي ته بدلين جا اختيار هيٺين سطح تي منتقل ڪيا وڃن باقي بدلين جي آڙ ۾ ڪريشن برداشت نه ڪئي ويندي

ڳڙهي خيرو: تعلقي صدر شهزاد پٽي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۾ ڪيريئر ڪائونسلنگ پروگرام

شاگردن جي ڪاميابيءَ لاءِ صحيح رهنمائي ۽ پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻڻ ضروري آهي: مقررين

نوجوان پنهنجي دلچسپي ۽ قابليت موجب مستقبل جي شعبي جي چونڊ ڪري سگهن ٿا

گهوٽڪي(ن ع) گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۾ شاگردن جي تعليمي ۽ پيشاورانه رهنمائيءَ لاءِ ڪيريئر ڪائونسلنگ پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن جو مقصد شاگردن کي مستقبل ۾ تعليمي شعبن ۽ پيشي جي چونڊ، مقصدن جي تعين صلاحيتن ۾ واڌ ۽ بهتر موقعن بابت آگاهي ڏيڻ هو پروگرام جي شروعات ۾ ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر سڪندر علي مهيسر آجياڻي تقرير ڪندي مهمانن کي ڀليڪار چيو هن چيو ته شاگردن جي ڪاميابيءَ لاءِ صحيح رهنمائي، بهتر رٿابندي ۽ پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻڻ ضروري آهي، ته جيئن نوجوان پنهنجي دلچسپي ۽ قابليت موجب مستقبل جي شعبي جي چونڊ ڪري سگهن ان موقعي تي هن مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ تحفا پڻ پيش ڪيا پروگرام جي خاص مهمانن اروڙ يونيورسٽي سکر جي پروفيسر غلام حسين منگنهار ۽ فل برائيٽ پروگرام جو آمريڪا ۾ اڳوڻو شاگرد ۽ اروڙ يونيورسٽي سکر جو انگريزيءَ جو ليڪچرار زبير احمد چاچڙ شاگردن کي ڪيريئر ڪائونسلنگ بابت رهنمائي فراهم ڪئي هنن مستقبل جي رٿابندي، تعليمي ترجيحن، پيشاورانه مهارتن جي واڌ ۽ ڪاميابيءَ لاءِ صحيح شعبي جي چونڊ جي اهميت تي روشني وڌي هنن شاگردن کي زور ڀريو ته هو جديد دور جي گهرجن موجب پنهنجون صلاحيتون وڌائين، انگريزي ٻولي ۽ رابطي جي مهارتن کي بهتر بڻائين ۽ اعليٰ تعليم، ٽوئي اسڪالرشپس جي موقعن مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪن هنن چيو ته اعتماد، محنت ۽ صحيح رٿابنديءَ ذريعي شاگرد پنهنجن خوابن کي حقيقت ۾ تبديل ڪري سگهن ٿا پروگرام ۾ ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر سڪندر علي مهيسر پروفيسر عبدالحفيظ دايو پروفيسر عبدالرزاق چاچڙ پروفيسر الطاف احمد ملڪ پروفيسر ذوالفقار منگنهار پروفيسر نظام الدين قاضي پروفيسر عبدالسليم چاچڙ پروفيسر عبدالحئي ۽

گهوٽڪي: شاگردن جي ڪاميابيءَ لاءِ صحيح رهنمائي ۽ پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻڻ ضروري آهي: مقررين

مورو جي سونارا مارڪيٽ ۾ چوري جي ڪوشش ڪندڙ همراهه سوگهو

چور وٺان چوري لاءِ استعمال ٿيندڙ هٿوڙو، رنبو ۽ رسو پڻ هٿ، پوليس حوالي

چوڪيدار ۽ مددگار پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي هڪ چٽي کي سوگهو ڪري ورتو

مورو (ن ع) مورو شهر ۾ آڌي رات جو سونارا مارڪيٽ ۾ چوري جي ڪوشش ڪندڙ هڪ چٽي چوڪيدار ۽ 15 مددگار پوليس مورو هٿان سوگهو ٿي ويو جنهن وٽان چوري لاءِ استعمال ٿيندڙ هٿوڙو رنبو ۽ رسو پڻ هٿ ڪيو ويو آهي تفصيل موجب مورو شهر جي سونارا مارڪيٽ ۾ شعبان علي پيرزادي جي دڪان شعبان علي جيولرز جي ڇت تان چڙهي ڪاٽ هڻي اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي ته چوڪيدار ۽ مددگار پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي هڪ چٽي کي سوگهو ڪري ورتو پڪڙيل چور جي سڃاڻپ ظهور علي ولد قائم دين سولنگي طور ٿي آهي جيڪو اصل ڳوٺ ڪاهي ماڇي جو رهواسي ۽ هن وقت مورو جي ميمڻ سوسائٽي ۾ رهندڙ ٻڌايو وڃي ٿو واقعي واري هنڌ تان پوليس ۽ چوڪيدار هٿوڙو رنبو ۽ رسو هٿ ڪري ورتا آهن جيڪي مبينا طور دڪان ۾ ڪاٽ هڻڻ لاءِ استعمال ڪيا پئي ويا پڪڙيل چور کي مددگار پوليس جي انچارج اي ايس آءِ صدام حسين ڪوڪر مورو ٿاڻي تي لاڪپ ڪري ڇڏيو آهي جنهن کان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

مٺيهڙ ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف شهري اتحاد جي سڏ تي 31هين ڏينهن به مارچ

ٻيٽو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب مٺيهڙ تائين پيادل مارچ ڪري مظاهرو ڪيو ويو

پيپلزپارٽي جي 17 سالا اقتداري دور ۾ مٺيهڙ شهر جا بنيادي مسئلا حل نه ٿي سگهيا آهن: نياز علي ٻرڙو

شهر ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهي گندگي سبب مڇرن جو آزار ۽ مختلف بيمارين وڌي ويون آهن

مٺيهڙ: بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف شهري اتحاد جي سڏ تي 31هين ڏينهن به مارچ

مٺيهڙ (ن ع) بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف شهري اتحاد مٺيهڙ جي سڏ تي مٺيهڙ واسين 31هين ڏينهن به ٻيٽو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب مٺيهڙ تائين پيادل مارچ ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي احتجاجي ريلي ۾ سياسي سماجي شهري واپاري دڪاندار بلدياتي ادارن جا چونڊيل ڪائونسلر ضلع ڪائونسل ميمبر يونين ڪائونسل جا چيئرمين ۽ وڏي تعداد ۾ مٺيهڙ واسين شرڪت ڪئي مظاهرين شهر ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف زوردار نعريبازي ڪئي ٽڪ جي نمائندن ۽ ضلع تعلقي انتظاميه خلاف سخت تنقيد ڪئي شهري اتحاد مٺيهڙ جي چيئرمين نياز علي ٻرڙو، پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو هاءِ ڪورٽ بار جي وڪيل عابد ڪلهوڙو، ايس يو پي ضلعي صدر سڪندر سوڍو، يوسي چيئرمين اريبلو مهيسر ڪائونسلر عبدالمجيد مهيسر هوش محمد جاتوئي، اسماعيل بروهي، سيد فتاح شاهه زبير علي سمون قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ وڪيل مير ڪوسو عوامي پورهيت تحريڪ جي اڳواڻ وڪيل پنهل ڪوسو سٽي ايڪشن ڪاميٽي اڳواڻ مولوي منظور چانڊيو ڪرياڻه مرچنٽ جو صدر محبوب علي ڪوسو نبيل پنهور جي ڊي اي اڳواڻ صابر راڄڙ ۽ ٻين چيو ته پيپلزپارٽي جي 17 سالا اقتداري دور ۾ مٺيهڙ شهر جا بنيادي مسئلا حل نه ٿي سگهيا آهن هن جديد دور ۾ به مٺيهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم بڻيل آهن واٽرسپلائي ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن واٽرسپلائي جون لائنون هنڌان هنڌان ڪٽل آهن جنهن سبب شهري گندو پاڻي پيئڻ تي مجبور بڻيل آهن هنن چيو ته مٺيهڙ شهر جا 14 وارڊ آهن شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن روڊ رستا تباهه آهن شهر ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهن گندگي سبب مڇرن جو آزار ۽ مختلف بيماريون وڌي ويون آهن شهري انتهائي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته تعلقي اسپتال مٺيهڙ ۾ ماڻهن کي دوائون نه ٿيون ملن سمورا شعبا غير فعال بڻيل آهن جڏهن ته مٺيهڙ ۾ ٻن ٿاڻن ڊي ايس پي آفيس هجڻ باوجود به بدامني وڌي وئي آهي امن امان جي صورتحال به انتهائي خراب ٿي وئي آهي شهري غير محفوظ بڻيل آهن مٺيهڙ مسئلن جو ڳڙهه بڻجي ويو آهي چونڊيل نمائنده ڪريشن ۾ پورا آهن هنن مطالبو ڪيو ته شهر ۾ امن امان بحال ڪري بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ بنيادي مسئلن جي حل تائين روڊ جي بنياد تي احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

صدر آل ڪاڪڙ قبائل فيڊريشن پاران خيرپور جي والي جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

هزهائنس مير علي مراد ٽالپر فيصلائتي دور ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو: سردار منظور ڪاڪڙ

هزهائنس خيرپور رياست جي پاڪستان سان الحاق واري دستاويز تي صحيحون ڪيون

خيرپور ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت جي تحفظ لاءِ سندس خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون

ڪراچي (پ ر) سردار منظور احمد خان ڪاڪڙ صدر آل ڪاڪڙ قبائل فيڊريشن ۽ سيڪريٽري جنرل بلوچستان يوٿ فرنٽ، سنڌ ۽ بلوچستان جي ممتاز قبائلي سياسي ۽ سماجي اڳواڻ رياست خيرپور جي والي هز هائنس مير علي مراد خان ٽالپر جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي پنهنجي هڪ تعزيتي بيان ۾ چيو آهي ته خيرپور رياست جي آخري حڪمران هز هائنس مير علي مراد خان ٽالپر قيام پاڪستان ڪانئون خيرپور رياست جي تاريخ جي هڪ اهم ۽ فيصلائتي دور ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته پاڪستان جي قيام ڪانئون مير علي مراد خان ٽالپر قائداعظم محمد علي جناح تي اعتماد جو اظهار ڪندي خيرپور رياست جي پاڪستان سان الحاق واري دستاويز تي صحيحون ڪيون هيون هو پنهنجي زندگيءَ جي آخري سالن تائين خيرپور ۽ ان جي تاريخي ثقافتي ورثي سان وابسته رهيو سردار منظور احمد خان ڪاڪڙ چيو ته رياست خيرپور ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت جي تحفظ لاءِ مير علي مراد خان ٽالپر جون خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون هن وڌيڪ چيو ته مير علي مراد خان ٽالپر جي وفات خيرپور سنڌ ۽ پاڪستان جي شروعاتي تشڪيل وارن سالن جي تاريخ سان جڙيل هڪ غيرمعمولي ۽ زنده تاريخي رابطي جي پڄاڻيءَ جي علامت آهي

حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جي ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج جاري

ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 101 ڏينهن پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو، نعريبازي

ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون: مظاهرين

اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود نئڌا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن، نوٽيس ورتو وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جي ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 101 ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر محمد نديم شاهد خان جاويد پٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو ته 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سموريون مراعتون وٺي رهيا آهن پر ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي هنن چيو ته اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

پرائمري استادن کي سروس اسٽرڪچر ڏيو: شهدادڪوٽ ۾ مظاهرو، ڌرڻو

پ ٽ الف جي سڏ تي استادن احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو

استادن کي سروس اسٽرڪچر، ٽائيم اسڪيل، ٻيا جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن: مظاهرين

شهدادڪوٽ(ڊ ر) پ ٽ الف جي سڏ تي استادن پاران سروس اسٽرڪچر ۽ ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين احتجاجي ريلي ڪڍي ڪوٽو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو . ان موقعي تي پ ٽ الف اڳواڻ درياءُ خان مستوئي، عاشق پٽي، مجيب ٽونيو، صابر وڏو، عاشق منگي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ سميت شهدادڪوٽ جي استادن کي سروس اسٽرڪچر ٽائيم اسڪيل ٻيا جائز مطالبا حل ڪري، ڪلسٽر پاليسي ختم ڪري استادن وچم پڪڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا

شهدادڪوٽ: پ ٽ الف جي سڏ تي استادن احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو

سنڌ يونيورسٽي جي شاگرد جهانگير مهيسر جي ياد ۾ تعزيتي پروگرام

ٻن نوجوانن جي قيمتي جانين جي ٿيل نقصان جو ڪڏهن به ازالو نه ٿو ٿي سگهي: ڊاڪٽر نانڪ رام

ٽيسٽ بعد واپس ويندڙ جهانگير مهيسر جو روڊ حادثي ۾ اوچتو وڇوڙو تمام گهڻو ڏک پهچايو آهي

ڄامشورو(پ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي پبلڪ ايڊمنسٽريشن شعبي طرفان گذريل هفتي روڊ حادثي ۾ وفات ڪري ويل شعبي جي آخري سال جي شاگرد جهانگير مهيسر جي ياد ۾ تعزيتي پروگرام منعقد ڪيو ويو پروگرام ۾ فئڪلٽي آف سوشل سائنسز جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر نانڪ رام، شعبي جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر ذوالفقار حيدر زيدي، شعبي جي استادن ڊاڪٽر شريف عباسي، ڊاڪٽر ايان چاچڙ ڊاڪٽر سجاد چنڙ ڊاڪٽر جبار ڪيريو فرواشاه، نورين پٽو سميت شاگردن ۽ شاگردياڻين جي وڏي انگ شرڪت ڪري وفات ڪري ويل شاگرد کي ياد ڪيو ۽ سندس مغفرت لاءِ دعا گهري ان موقعي تي ويچار ونڊيندي ڊين ڊاڪٽر نانڪ رام چيو ته گذريل هفتي سنڌ يونيورسٽي جي پري انٽري ٽيسٽ جي پهرين فيز ۾ دوست سان گڏ ٽيسٽ بعد واپس ويندڙ جهانگير مهيسر جو روڊ حادثي ۾ اوچتو وڇوڙو تمام گهڻو ڏک پهچايو آهي ان حادثي جي نتيجي ۾ ٻن نوجوانن جي قيمتي جانين جي ٿيل نقصان جو ڪڏهن به ازالو نه ٿو ٿي سگهي هن شاگرد جهانگير ۽ انٽري ٽيسٽ ڏيڻ آيل سندس دوست منصور شاهه جي پوئين سان تعزيت ۽ دلي همدردي جو اظهار ڪندي، سندن بلند درجات جي دعا ڪئي ان موقعي تي ويچار ونڊيندي ڊاڪٽر ذوالفقار حيدر زيدي چيو ته جهانگير شعبي جو نهايت ئي هونهار شاگرد هو جنهن سخت محنت سان پنهنجي تعليم جا ٽي سال مڪمل ڪيا هئا آخري سال ۾ سندس اوچتو وڇوڙو سندس والدين سان گڏ شعبي استادن ۽ شاگردن لاءِ پڻ تڪليفده آهي هن واقعي تي استادن سان گڏ سڀني شاگردن کي تمام گهڻو ڏک ٿيو آهي ان موقعي تي شعبي جي استادن ۽ شاگرد جي ڪلاس فيلوز پڻ پنهنجا ويچار ونڊيا ۽ ڏک جو اظهار ڪيو ان موقعي تي وڇڙيل شاگرد جهانگير مهيسر جي تصوير اڳيان گل رکي ۽ ميڻ بتيون پڻ ٻاريون ويون

سوڀوديرو تعلقي ۾ منشيات خلاف احتجاجي ريلي

ايس ايس پي آفيس ڏرٽي باوجود منشيات جي وڪري تي ضابطو نه اچي سگهيو

منشيات فروشن خلاف سخت ڪارروائي ڪري نوجوان نسل کي تباهيءَ کان بچايو وڃي: ساجد

سوڀوديرو(ن ع) خيرپور ضلعي جي انن تعلقن مان نڪتل منشيات خلاف احتجاجي ريلي ۽ ايس پي آفيس اڳيان ڏرٽي باوجود منشيات جي وڪري تي ضابطو نه اچي سگهيو صحافين اديبن ليکڪن دانشورن ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻن صورتحال تي حيرت ۽ ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته ٻيهر احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو ويندو احتجاج ڪندڙن چيو ته منشيات خلاف ڏرٽي باوجود منشيات جو ڪاروبار مبينا طور کلي عام جاري آهي ۽ منشيات فروش پنهنجون سرگرميون جاري رکيو ويٺا آهن هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته منشيات فروشن خلاف سخت ڪارروائي ڪري نوجوان نسل کي تباهيءَ کان بچايو وڃي هڪ سروي موجب تعلقي سوڀوديرو گمبٽ ۽ ڪوٽڏيجي ۾ هزارين ماڻهو چرس، آئس ، بگ ڪوڪين، هشيش، فليور ۽ خطرناڪ نسوار جو نشو ڪري هزارين ماڻهن ۽ ٻين منشيات جي نشي ۾ مبتلا ٿي چڪا آهن سماجي اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن منشيات جي روڪٿام لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم نه کنيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو آءِ جي سنڌ جي حڪم کي به ضلعي انتظامي ٿڏي ڇڏيو ياد رهي ته بااثر منشيات فروشن جي خلاف ڪوئي به آفيس اڏن تي شاہن هٿڻ لاءِ تيار نه آهي جڏهن ته ضلعي ۾ هلندڙ منشيات تي حڪومت جي اعليٰ آفيسرن جو هٿ آهي احتجاجن جي داد رسي نه ٿي ته سنڌ جا ماڻهو هن موضوع مرض ۾ مبتلا ٿي ويندا

واپڊا حيسڪو مورو پاران عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ ڪيمپ

مورو (ن ع) واپڊا حيسڪو مورو پاران عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ اي سي واپڊا حيسڪو سرڪل دادو سردار ارشاد حسين سيال جي هدايتن تي مورو جي سخي ابراهيم شاهه پرسان وڏيري سيٺ شمن علي سولنگي جي جاءِ تي لڳائي وئي جنهن ۾ واپڊا حيسڪو مورو ڊويزن جو انجنيئر عبدالستار چنو واپڊا حيسڪو مورو ون جو ايس ڊي او فاروق احمد ڪابارو ۽ مورو محمد امين خاصيلي واپڊا حيسڪو مورو جو ڊويزنل چيئرمين شفقت حسين قريشي ۽ ٻين شرڪت ڪئي جنهن ۾ عوام جي شڪايتن جو فوري ازالو ڪيو ويو ان موقعي تي صدر مورو پريس ڪلب علي اصغر ڪورائي صحافي فقير بشير احمد لغاري صحافي محمد اسحاق ڪورائي صحافي غلام دستگير عرف ماچي شمن ملاح ڪامريڊ جگديس ڪمار نائو ڪلهوڙو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي انجنيئر واپڊا حيسڪو مورو ڊويزن عبدالستار چنو صحافين سان ڳالهيندي چيو آهي ته اسان جي عوام جي شڪايتن جي ازالي لاءِ هروقت تيار ويٺا آهيو اسان جا دروازا هروقت عوام جي خدمت لاءِ کليل آهن عوام کي گهرجي ته بل بروقت ادا ڪن ۽ بجلي چوري ڪرڻ کان پاسو ڪن

قاسم آباد جي علائقي گلستان سجاد جي رهواسي جا پائرن تي الزام

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قاسم آباد جي علائقي گلستان سجاد جي رهواسي جاويد پٽ محمد اقبال چانڊيو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته ويڳا پائرن عبدالغني عبدالعزيز عبدالله عبدالستار ملڪيت جي تڪرار تان گهر تي هٿياربند ٿي ڪري حملو ڪيو ۽ قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ فائرنگ ۾ سونڪي چار گوليون لڳيون جنهن سبب آءُ سخت زخمي ٿي پيس هن چيو ته اسپتال مان فراغ ٿيڻ تي واقعي جي ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ لاءِ ٿاڻي نگر ٿاڻي تي ويس پر اڄ تائين پوليس منهنجو ڪيس داخل نه ڪيو آهي هن چيو ته هڪ ويڳي پاءُ عبدالعزيز مٺيهڙ جي عدالت ۾ منهنجي نالو نادرا جي ايف آر سي مان ڪيرائڻ جي پڻ درخواست داخل ڪرائي آهي جيڪا پڻ غيرقانوني آهي هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ماسري جو

حُر جماعت جي معزز شخصيت فقير منٺار مگريو جو وڏو ڀاءُ فقير حاجي دلبر مگريو وفات ڪري ويو

سنجهورو(ت ر) حُر جماعت جي معزز شخصيت مهراڻ اخبار جي چيف ايڊيٽر فقير منٺار مگريو جو وڏو ڀاءُ فقير حاجي دلبر مگريو ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد حيدرآباد جي نجي اسپتال ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم صوم و صلوات جو پابند هو مرحوم جي جنازي نماز سندس اباڻي ڳوٺ فقير منٺار مگريو مرشد آباد لڳ سنجهورو ۾ ادا ڪئي وئي مرحوم جي جنازي نماز مفتي حافظ محمد مريد سڪندري پڙهائي جنازي نماز ۾ حُر جماعت جي معززين سياسي سماجي اڳواڻن مٽن مائٽن دوستن ۽ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم کي اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم سوڳوارن ۾ هڪ ڀاءُ هڪ ڀيڻ 2 پٽ ۽ 3 ڌيئرون سميت سوين مٽ مائٽ ۽ دوست سوڳوار ڇڏيا آهن مرحوم جو ٽيڄو سندس اباڻي ڳوٺ فقير منٺار مگريو مرشد آباد لڳ سنجهورو ۾ رکيو ويو آهي

ڊگهڙي جي ڳوٺ سيد شيرجهان شاهه جعفري ۾ شاندار محفل

ڊگهڙي(ن ع) ڊگهڙي جي ڳوٺ سيد شيرجهان شاهه جعفري ۾ امام مهدي عليه السلام جي جلد ظهور پرنور جي حوالي سان شاندار محفل پاڪ جو انعقاد ڳوٺ سيد شيرجهان شاهه جعفري ۾ امام زمانہ حضرت امام مهدي عليه السلام جي جلد ظهور باسعادت ۽ منتظرين امام جي قلبي وابستگي کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڳوٺ سيدشيرجهان شاهه جعفري ۾ جعفري ساداتن طرفان هڪ پُروقار ۽ روح پرور محفل پاڪ جو انعقاد ڪيو ويو تقريب جو بنياديَ مقصد مولا جي جلد ظهور پُرنور جي لاءِ دعا ڪرڻ ۽ مومنن جي دلين ۾ عشقِ ولايت کي وڌيڪ روشناس ڪرائڻ هو محفل پاڪ جي باقاعده شروعات تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي، جنهن کان پوءِ بارگاهه رسالت ۽ اهلبيت اطهار عليهم السلام جي بارگاهه ۾ عقيدت جا گل نڇهاور ڪيا ويا تقريب دوران خاص طور تي مولا جي تعجيل ظهور لاءِ منا جاتون پيش ڪيون ويون ۽ بارگاهه الهي ۾ عاجزانه التجائن سان دعائون گهريون ويون محفل ۾ معروف خطيب ولايت حضرت علامه مير محمد عرف دادو خاص خطاب ڪيو هن مومنن کي انتظار جي تقاضن کان آگاهه ڪيو ۽ سيرتِ معصومين عليه السلام تي عمل ڪرڻ جي تلقين ڪئي محفل جي روحاني ماحول کي وڌيڪ رونق بخشڻ لاءِ سنڌ جي مشهور ۽ معروف قصيده خوان محمد عمران شيخ قادري قلندري پنهنجي خوبصورت آواز ۾ مدح اهلبيت ۽ منقبت خواني جو شاندار نذرانو پيش ڪيو هن جي دلنشين انداز محفل ۾ موجود تمام حاضرين جون دليون گرمائي ڇڏيون ۽ فضا درود ۽ سلام جي نعرن سان گونجي اٿي هن روحاني اجتماع ۾ ڳوٺ سيد شيرجهان شاهه جعفري ۽ آسپاس مان ڪثرت سان مومنن ۽ ساداتِ ڪرام شرڪت ڪئي جن ۾ زوار سيد ضياءُ حسين شاهه جعفري، سيد سڪندر رضا جعفري، سيد شهباز حيدر جعفري، مرڪزي امام بارگاهه باب العلم ڊگهڙي جوچيئرمين پرمت هولبز زوار سيد بشير احمد شاهه نقوي، سيد ذوالقرنين شاهه بخاري، سيد علي حيدر شاهه سيد حسنين حيدر اسلم خاصخيلي بلال راجپوت ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ مومنين عزادارن اقليت برادري، بلوچ برادري، اهلسنت برادري خاصخيلي برادري ۽ ٽالپر برادري شرڪت ڪئي محفل جي اختتام تي سموري حاضرين ۾ سيد سڪندر رضا جعفري طرفان تبرڪ ورهايو ويو ۽ امت مسلم جي سلامتي، اتحاد ۽ امامِ زمانہ عليه السلام جي جلد ظهور لاءِ گڏجي دعا گهري وئي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اڱارو 13 آڪٽوبر 2026ع

سعودي ايئرپورٽ تي حملو: تڪرار جي خاتمي لاءِ بااثر ملڪن کي اڳتي اچڻ گهرجي

رياض جي ڪنگ خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي حملي ڪيترن ئي ماڻهن جي فوت ٿيڻ ۽ سوين ماڻهن جي زخمي ٿيڻ جي خبرن ثابت ڪيو آهي ته جڏهن علائقائي تڪرار هٿياربند ڪارروائين ۾ تبديل ٿيندا آهن ته انهن جو سڀ کان وڏو بار عام شهرين کي برداشت ڪرڻو پوندو آهي. هوائي اڏا، اسپتالون، توانائيءَ جا مرڪز ۽ ٻيون بنيادي تنصيبات ڪنهن به ملڪ جي روزمره زندگيءَ ۽ معيشت لاءِ انتهائي اهم آهن. انهن کي نشانو بڻائڻ سان نه رڳو انساني جانيون خطري ۾ پون ٿيون پر عالمي واپار، سفري سهولتن ۽ معاشي سرگرمين تي به خراب اثر پوي ٿو. رياض ايئرپورٽ تي ڇهه پاڪستاني شهرين جي زخمي ٿيڻ واري خبر پاڪستان لاءِ به ڳڻتيءَ جو سبب آهي، ڇاڪاڻ ته پرڏيهي ملڪن ۾ روزگار ۽ ٻين مقصدن لاءِ رهندڙ پاڪستانين جي سلامتيءَ کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. حوثي گروهه پاران سعودي عرب جي هوائي اڏن ۽ تيل جي تنصيبات کي نشانو بڻائڻ جون دعوائون ۽ سعودي قيادت ۾ قائم اتحاد جي جوابي ڪارروائين واري عزم مان ظاهر ٿئي ٿو ته صورتحال ڪنهن به وقت وڌيڪ سنگين ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن حملن ۽ جوابي حملن جو اهو سلسلو جاري رهيو ته ان جا اثر يمن ۽ سعودي عرب جي سرحدن تائين محدود نه رهندا پر سڄي خليجي خطي کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي سگهن ٿا. يمن اڳ ئي سالن کان جنگ، غربت، بدامني ۽ انساني بحرانن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي ملڪ ۾ جنگ جي شدت وڌڻ سان عام ماڻهن جي ڏکيائين ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو. ساڳئي وقت سعودي عرب جهڙي ملڪ ۾ اهم تنصيبات کي نشانو بڻائڻ سان علائقائي سلامتيءَ بابت نوان خدشا پيدا ٿين ٿا. آبناءِ هرمز ۾ جهازن کي نشانو بڻائڻ ۽ ڀارتي ملاحن جي گم ٿيڻ جون خبرون پڻ انتهائي ڳڻتيءَ جوڳيون آهن. عالمي واپار جو وڏو حصو سامونڊي رستن ذريعي ٿيندو آهي ۽ تيل سميت توانائيءَ جي اهم شين جي فراهميءَ لاءِ اهي رستا غيرمعمولي اهميت رکن ٿا. جيڪڏهن آبناءِ هرمز ۽ باب المندب جهڙا سامونڊي گذرگاهه جنگي ڪارروائين سبب غيرمحفوظ بڻجن ٿا ته تيل جي قيمتن، مال برداريءَ جي خرچن ۽ عالمي سپلاءِ تي خراب اثر پئجي سگهي ٿو. ان جا نتيجا پاڪستان جهڙن درآمدات تي ڀاڙيندڙ ملڪن کي به ڀوڳڻا پوندا. جتي تيل جي قيمتن ۾ واڌ سان ٽرانسپورٽ، بجلي، صنعت ۽ روزمره استعمال جي شين جا اگهه وڌڻ جو امڪان پيدا ٿيندو آهي اڳ ئي مهانگائيءَ جي بار هيٺ دٻيل عوام لاءِ اهڙي صورتحال وڌيڪ مشڪلاتون پيدا ڪري سگهي ٿي.

هن سڄي بحران ۾ عالمي برادريءَ جو ڪردار خاص اهميت رکي ٿو. گڏيل قومن، يورپي يونين ۽ مختلف ملڪن پاران حملن جي مذمت پنهنجي جاءِ تي اهم آهي پر رڳو مذمتي بيانن سان جنگين جو خاتمو ممڪن نه ٿيندو. عالمي ادارن ۽ بااثر ملڪن کي اهڙا اثرائتا سفارتي قدم کڻڻ گهرجن جن ذريعي ڌرين کي ڳالهين جي ميز تي آڻي سگهجي. شهري آبادي، هوائي اڏن ۽ اهم بنيادي ڍانچي کي نشانو بڻائڻ کان پاسو ڪرڻ، انساني جانين جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۽ بين الاقوامي قانون جي پابندي هر ڌر جي ذميواري آهي. جنگ جي ميدان ۾ طاقت جو مظاهرو ڪندڙ ڌرين کي اهو سمجهڻ گهرجي ته ڪنهن به تڪرار جو مستقل حل وڌيڪ هٿيارن ۽ حملن ۾ نه پر سياسي ڳالهين ۽ هڪ ٻئي جي جائز خدشن کي سمجهڻ ۾ لڪل هوندو آهي. پاڪستان پاران سعودي عرب سان يڪجهتيءَ جو اظهار فطري آهي. ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا تاريخي، مذهبي، معاشي ۽ دفاعي بنيادن تي قائم آهن. لکين پاڪستاني سعودي عرب ۾ روزگار ۽ ڪاروبار سان وابسته آهن. جڏهن ته سعودي عرب پاڪستان جي معيشت لاءِ پڻ اهم حيثيت رکي ٿو. تنهن ڪري سعودي عرب جي سلامتيءَ بابت پاڪستان جي ڳڻتي سمجهڻ جوڳي آهي. اسين سمجهون ٿا مسئلي جو بنيادي حل اهو آهي ته علائقي جي سڀني ڌرين کي هڪ ٻئي جي سلامتيءَ بابت خدشن کي سنجيدگيءَ سان وٺڻو پوندو. سعودي عرب تي حملن کي روڪڻ، يمن ۾ جنگ جي خاتمي لاءِ رستو هموار ڪرڻ، ايران ۽ ٻين ملڪن وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ اهم سامونڊي رستن جي سلامتيءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ گڏيل ڪوششون ضروري آهن. ڪنهن به ملڪ کي پنهنجي سياسي مقصدن جي حاصلات لاءِ عام ماڻهن جي زندگين کي خطري ۾ وجهڻ جو حق حاصل نه آهي. ساڳئي طرح جوابي ڪارروائين ۾ به انساني جانين ۽ بين الاقوامي قانون جي پاسداري لازمي آهي. بهرحال امن ئي اهو واحد رستو آهي جيڪو خطي جي عوام کي تباهيءَ کان بچائي سگهي ٿو ۽ ملڪن جي وچ ۾ اعتماد جي بحاليءَ جو بنياد بڻجي سگهي ٿو.

عام ماڻهو جون ٽٽل اميدون!

محمد بخش

ڪڏهن ڪڏهن ڪا خبر اخبار جي صفحي تي سڌي خبر طور نظر ايندي آهي پر جيڪڏهن اها خبر ڪنهن غريب ماڻهوءَ جي گهر ويهي پڙهي وڃي ته ان جو مطلب بدلجي ويندو آهي. قومي ناڻي ۾ بين الاقوامي مالي فنڊ جي نئين قسط جي آمد جي خبر يقيني طور تي معيشت لاءِ سهارو آهي پر ان شخص کان پڇو، جنهن جي پگهار مهيني جي ڏهين تاريخ تي ادا ٿي ويندي آهي، جنهن کي ٻارن جي فيس ۽ بجليءَ جي بل مان هڪ کي ترجيح ڏيڻي پوندي آهي ۽ جيڪو مارڪيٽ ۾ سامان خريد ڪندي هر شيءِ جي قيمت پڇي ٿو پر گهٽيون شيون وٺڻ کان سواءِ گهر واپس اچي ٿو ان لاءِ معيشت جي بهتريءَ جو اعلان صرف خبر آهي، جيستائين ان جي پنهنجي حالتن ۾ ڪا تبديلي نٿي اچي.

پاڪستان ۾ معاشي گفتگوءَ ۾ هڪ عجيب تضاد آهي. هڪ طرف ملڪي نظم ۽ ضبط کي بهتر بڻائڻ، قرض ادا ڪرڻ ۽ معيشت کي مستحڪم ڪرڻ جي ڳالهه ٿي رهي آهي ته ٻئي طرف عام ماڻهو پنهنجي روزانو زندگيءَ جو حساب ڪتاب ڪرڻ لاءِ پريشان آهي. جو ته آمدني محدود ٿي وئي آهي، خرچ وڌي رهيا آهن ۽ مستقبل تي اعتماد گهٽجي رهيو آهي. گهر هلائيندڙ ماڻهو هاڻي صرف اهو نه سوچيندو آهي ته هن مهيني ڪيترو بچندو پر هو انهيءَ لاءِ پريشان هوندو آهي ته اوچتو بيماري، ٻارن جي تعليمي ضرورتن يا ڪنهن ضروري شيءِ جي قيمت ۾ واڌ سندس سڄو بجيٽ خراب ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن زندگي هر روز هڪ نئون حساب ڪتاب بڻجي وڃي ته پوءِ هڪ شخص نه رڳو مالي دٻاءَ ۾ اچي ٿو پر سندس ذهني سڪون به کسجڻ شروع ٿئي ٿو.

سڀ کان وڌيڪ پريشان ڪندڙ صورتحال وچولي طبقي جي آهي. هيءُ اهو طبقو آهي، جنهن کي نه ته ڪنهن وڏي سرڪاري مدد جي لائق سمجهيو ويندو آهي ۽ نه ئي ان وٽ ايترا وسيلا آهن جو هو مهانگائيءَ جي هر نئين جهٽڪي کي آسانيءَ سان برداشت ڪري سگهي. هڪ ملازم، استاد، صحافي، ننڍو دڪاندار يا ڪنهن خانگي اداري ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو سالن تائين محنت ڪري پنهنجي گهر کي مناسب سطح تي آڻيندو آهي. هو پنهنجي ٻارن کي سٺي اسڪول ۾ موڪلڻ، ننڍڙي گهر جون قسطون ادا ڪرڻ ۽ پوڙهائپ لاءِ ڪجهه پئسا بچائڻ چاهي ٿو پر وڌندڙ خرچ سندس منصوبن کي هڪ هڪ ڪري ختم ڪرڻ شروع ڪن ٿا. اهو خاندان، جيڪو مستقبل لاءِ بچت ڪندو هو، هاڻي پنهنجي پراڻي بچت سان پنهنجي موجوده ضرورتن کي پورو ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهي. هيءُ اهو نقطو آهي، جتي معاشي مسئلو صرف غربت نٿو پر سماجي زوال جو روپ به وٺڻ شروع ڪري ٿو. جڏهن سخت محنت جي باوجود زندگيءَ جو معيار بهتر نه ٿئي، تعليم يافته نوجوانن کي روزگار نه ملي ۽ سالن کان ڪم ڪندڙ ماڻهو به پنهنجي ٻارن جي مستقبل بابت مطمئن نه رهي ته سماج ۾ مايوسي پيدا ٿئي ٿي. ان مايوسيءَ کي صرف چند امدادي رقمن يا عارضي سهولتن سان ختم نٿو ڪري سگهجي. ماڻهن کي هڪ اهڙي معاشي ماحول جي ضرورت آهي، جنهن ۾ محنت جو بدلو ملي، آمدني ۽ خرچن ۾ برداشت جوڳو توازن هجي ۽ مستقبل لاءِ منصوبابندي صرف هڪ وهم نه بڻجي وڃي.

سوال اهو آهي ته بين الاقوامي مالي فنڊ جي قسط مان حاصل ٿيندڙ مدد عام ماڻهوءَ تائين ڪيئن پهچندي؟ قرض جي رقم ٻاهرين ادائيگين، مالي ضرورتن ۽ پرڏيهي مٽاسٽا جي دٻاءَ کي منظم ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿي پر اهو خود بخود روزگار پيدا نٿو ڪري، نه ئي اهو ضروري شين کي مارڪيٽ ۾ سستو ڪري ٿو ۽ نه ئي اهو ڪنهن به خاندان جي آمدنيءَ ۾ واڌ ڪري ٿو. ان لاءِ حڪومت کي اهڙيون معاشي پاليسيون اختيار ڪرڻيون پونديون، جن جا اثر عام ماڻهوءَ جي زندگين ۾ محسوس ٿين. جيڪڏهن ملي استحڪام لاءِ آمدني وڌائي وڃي ٿي ته اهو پڻ يقيني بڻائڻو پوندو ته ٽيڪسن جو بار اڳ ۾ ئي مظلوم پگهاردار ۽ گهٽ آمدني وارن گروهن تي نه پوي.

اسان جي ملڪ ۾ ٽيڪسن جو ذڪر ٿيڻ سان ئي عام ماڻهوءَ تي آگر کڻڻ آسان آهي پر اصل سوال اهو آهي ته ملڪ ۾ موجود معاشي وسيلن مان آمدني ان جي صلاحيت مطابق ڇو نٿي ملي؟ هڪ ماڻهو، جيڪو پنهنجي پگهار حاصل ڪرڻ سان ئي ٽيڪس ادا ڪري ٿو ان لاءِ اضافي بار برداشت ڪرڻ مشڪل ٿي رهيو آهي. ٻئي طرف معيشت جي مختلف شعبن کي هڪ دستاويزي نظام ۾ آڻڻ، ٽيڪس چوري کي روڪڻ ۽ سرڪاري آمدني ۽ خرچن ۾ شفافيت پيدا ڪرڻ اڃا بڻجي ويو آهي. جيڪڏهن رياست پنهنجي شهرين کان قرباني گهري ٿي ته ان کي پنهنجي معاملن ۾ ڪفايت شعاري جو عملي مثال پڻ پيش ڪرڻ گهرجي. آخرڪار عام ماڻهو ڪيتري وقت تائين هر معاشي مسئلي جو ڀرپور بار برداشت ڪندو رهندو؟

معيشت کي بحال ڪرڻ لاءِ صنعت، زراعت ۽ ننڍين ڪاروبارن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. هاري پنهنجي فصل کي مهانگا ٻج، ڀاڻ، بجلي ۽ ڊيزل سان پوکي ٿو پر ان کي پنهنجي محنت جي مناسب قيمت ملڻ جي ضمانت ناهي. ننڍو ڪاروبار وڌندڙ خرچن، ڪمزور خريداري طاقت ۽ ڪاروباري غيريقيني صورتحال جي وچ ۾ پنهنجو ڪم جاري رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. صنعتڪار کي توانائيءَ جي قيمتن ۽ پاليسين ۾ تسلسل جي ضرورت آهي ته جيئن هو سيڙپڪاري ڪري سگهي، پيداوار وڌائي سگهي ۽ ماڻهن کي روزگار فراهم ڪري سگهي. جيڪڏهن انهن شعبن کي سهولت ڏني وڃي ته معيشت ۾ حقيقي سرگرمي پيدا ٿي سگهي ٿي. صرف قرض وٺي مالي خلا کي ڀرڻ ڪو مستقل حل ناهي. ملڪ کي پنهنجي پيداوار ۽ آمدني وڌائڻي پوندي. نوجوانن جي حالت به گهٽ پريشان ڪندڙ ناهي. جڏهن ڪو نوجوان پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ نوڪريءَ جي ڳولا ۾ ڦاسي ٿو ته سندس مايوسي نه رڳو سندس پنهنجي محرومي آهي پر خاندان جون اميدون به ان سان ڳنڍيل هونديون آهن. والدين پنهنجي بچت پنهنجي ٻارن جي تعليم تي خرچ ڪندا آهن انهيءَ اميد سان ته هڪ ڏينهن اهي پنهنجن پيرن تي بيٺل هوندا پر جڏهن انهن کي پنهنجي ڊگري جي باوجود مناسب روزگار نه ملندو آهي ته تعليم تي خرچ پڻ خاندان لاءِ ڳرو بار محسوس ٿيڻ لڳندو آهي. نوجوانن کي ٽيڪنيڪل تربيت، مهارتن، ننڍين ڪاروبارن لاءِ آسان قرض ۽ برآمد تي ٻڌل صنعتن جي ترقي ذريعي معاشي سرگرمين ۾ شامل ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي.

خيبر پختونخوا ۾ اندروني ۽ ٻاهريان چئلينجز

ڪنور دلشاد

وفاقي حڪومت ۽ خيبر پختونخوا جي صوبائي حڪومت وچ ۾ دهشتگرديءَ جي معاملي تي سخت اختلاف هئا. اهڙي صورتحال ۾ چنچر ڏينهن وزيراعظم شهباز شريف ۽ صدر آصف علي زرداريءَ جي وچ ۾ ايوانِ صدر ۾ هڪ اهم ملاقات ٿي، جنهن ۾ آئين تحت مختلف رستن تي ويچار ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ آچر ڏينهن وزيراعظم جي صلاح تي صدر پاڪستان فيصلو ڪيو ته خيبر پختونخوا ۾ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 232 ۽ 234 تحت ايمرجنسي لاڳو ڪئي وڃي ۽ گورنر راڄ قائم ڪيو وڃي. ايوانِ صدر طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو ته صوبي ۾ دهشتگرديءَ جي واقعن ۾ غيرمعمولي واڌ ٿي آهي، جنهن سبب ماڻهن جي جان ۽ مال کي وڏو خطرو پيدا ٿي ويو آهي. سرڪاري عمارتن، اهم سهولتن ۽ امن امان قائم ڪندڙ ادارن تي دهشتگردن جا حملا به وڌي ويا آهن. بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو ته صوبائي حڪومت دهشتگردي ۽ بدامنيءَ کي روڪڻ لاءِ گهربل سنجيدگي ۽ اثرائتا قدم کڻڻ ۾ ناڪام رهي آهي. ان ڪري آئين جي آرٽيڪل (1)232 ۽ (1)234 تحت صوبي ۾ هنگامي حالت لاڳو ڪئي پئي وڃي. هن فيصلي ڪانپوءِ وفاقي حڪومت خيبر پختونخوا جي گورنر کي هدايت ڏئي سگهندي ته هُو صوبائي حڪومت جا سڀ يا ڪجهه انتظامي ڪم پنهنجي هٿ ۾ وٺي. اهڙيءَ طرح صوبائي اسيمبليءَ کانسواءِ صوبي جي ٻين سرڪاري ادارن ۽ عملدارن جا به سڀ يا ڪجهه اختيار گورنر وفاقي حڪومت جي هدايتن موجب استعمال ڪري سگهندو. ان فيصلي تحت وڏي وزير، صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خاص مددگارن ۽ ايڊووڪيٽ جنرل کي پنهنجا عهدا ڇڏڻا پوندا. آئين جو آرٽيڪل 232 هنگامي حالت، يعني ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ بابت آهي، جڏهن ته آرٽيڪل 234 گورنر راڄ بابت آهي. وفاقي حڪومت صوبي ۾ اهي ٻئي آئيني شقون لاڳو ڪيون آهن. صوبي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ لاءِ عام طور صوبائي اسيمبليءَ جي ٺهراءَ جي ضرورت هوندي آهي پر جيڪڏهن صدرِ پاڪستان پنهنجي طرفان ايمرجنسي لاڳو ڪري ته پوءِ ڏهن ڏينهن اندر پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن، يعني قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ، کان ان فيصلي جي منظوري وٺڻ لازمي هوندي آهي. هن فيصلي جي وفاقي ڪابينا کان منظوري ورتي وئي آهي، جڏهن ته هلندڙ هفتي دوران قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ کان به ان جي منظوري وٺڻ جو امڪان آهي.

پاڪستان کي هن وقت سياسي استحڪام جي ضرورت آهي. ملڪ جي معيشت اڳ ئي قرضن، مهانگائي، بيروزگاري، بجلي ۽ گئس جي مهانگي اگهن ۽ سيڙپڪاريءَ ۾ گهٽتائي جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن سياسي بيچيني لڳاتار جاري رهي ٿي ته ان جو اثر رڳو حڪومت ۽ اسيمبلين تائين محدود نٿو رهي پر ڪارخانن، واپار ۽ عام ماڻهن جي زندگيءَ تي به پوي ٿو. جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته هن وقت سڄي دنيا غيرمعمولي حالتن مان گذري رهي آهي. ڀارت سميت يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ احتجاج ٿي رهيا آهن وچ اوڀر ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ، روس ۽ يوڪرين جي جنگ جا اثر توانائيءَ جو عالمي بحران، دنيا جي واپار ۾ ٿيندڙ تبديليون ۽ وڏين طاقتن وچ ۾ وڌندڙ سياسي ۽ عالمي ڇڪتاڻ سبب ترقي پذير ملڪن جون ڏکيائيون وڌي ويون آهن. اهڙي وقت ۾ پاڪستان لاءِ ملڪ اندر سياسي استحڪام رڳو هڪ سياسي خواهش نه، پر معاشي ضرورت به آهي. پاڪستان چين سان پنهنجا واپاري ۽ معاشي لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ڪرڻ چاهي ٿو ٻئي طرف، پاڪستان کي افغانستان جي صورتحال کي به منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. ڀارت سان به لاڳاپن ۾ ڪيترين ئي پيچيدگيون آهن. جڏهن ته علمي مالياتي ادارن سان به معاشي معاملا هلندڙ آهن انهن سڀني مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ ملڪ اندر اهڙو ماحول هجڻ ضروري آهي، جتي حڪومت پنهنجي پاليسين تي ڌيان ڏئي سگهي ۽ سياسي بحران هر وقت ملڪ جي ٻين اهم مسئلن تي حاوي نه رهي. موجوده صورتحال ۾ اصل مسئلو اهو ناهي ته احتجاج ٿيڻ گهرجن يا حڪومت کي ڪم ڪرڻ ڏنو وڃي پر اصل ڳالهه اها آهي ته احتجاج ڪندڙن ۽ حڪومت وچ ۾ اهڙو مناسب توازن پيدا ڪيو وڃي، جنهن سان ٻنهي جا معاملا هلي سگهن ۽ ملڪ جو نظام به متاثر نه ٿئي. هن وقت وچ اوڀر ۾ جيڪا ڇڪتاڻ ۽ ويڙهه واري صورتحال پيدا ٿي رهي آهي، سا ڳڻتيءَ جوڳي آهي. گذريل ٻن مهينن دوران هڪ هزار کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا آهن، پنج هزار ماڻهو زخمي ٿيا آهن، جڏهن ته لڳ ڀڳ به لک ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏي ٻي گهر ٿي ويا آهن. حوثي باغين طرفان سعودي عرب جي هوائي اڏن تي حملن سبب سعودي عرب به غيريقيني صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي. مڪ معاهدي بابت ٿيل هنگامي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ان معاهدي تي فوري طور عمل شروع ڪيو وڃي ان معاهدي تحت ترڪيه ۽ پاڪستان طرفان سعودي عرب کي ڳجهي معلومات، يعني انٽيليجنس معلومات، فراهم ڪئي پئي وڃي ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ احمد شريف چوڌريءَ جي بيان موجب، پاڪستاني فوج جا جوان ڪيترن ئي ڏهاڪن کان سعودي عرب ۾ موجود آهن ۽ پاڪستاني فوجي دستا مختلف اهم هنڌن تي سالن کان مقرر آهن. تاريخ تي نظر وجهجي ته پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ دفاعي معاهدا 1973ع کان موجود آهن هن وقت ڳڻتيءَ جي ڳالهه اِها آهي ته يمن ۾ جنگ تيز ٿي رهي آهي ۽ حوثي باغين طرفان رياض ۽ عدن جي هوائي اڏن تي ڊرون ۽ ميزائل حملا ڪيا پيا وڃن، جنهن سبب سعودي عرب تي سخت دٻاءُ وڌي ويو آهي. جيڪڏهن نار واري علائقي جي صورتحال وڌيڪ خراب ٿي وڃي ٿي يا جنگ ڊگهي عرصي تائين جاري رهي ٿي ته ان جا اثر پاڪستان تي به پوندا. جيڪڏهن پاڪستان پاڻ ملڪ اندر سياسي بحرانن کي منهن ڏيڻ ۾ ئي ڦاٿل رهندو ته پوءِ ٻاهرين ملڪن مان پيدا ٿيندڙ خطرن ۽ مسئلن کي منهن ڏيڻ ۾ به ڪيس ڏکيائي پيش اچي سگهي ٿي.

هاڻي اليڪشن ڪميشن سهيل آفريديءَ کي طلب ڪرڻ لاءِ ٻيهر نوٽيس جاري ڪيا آهن. اليڪشن ايڪٽ جي شق 234 جي ذيلي شق 4 تحت اليڪشن ڪميشن وٽ قانوني اختيار موجود آهن ته هو سهيل آفريديءَ کي نااهل قرار ڏئي سگهي. هن وقت تائين سامهون آيل صورتحال کي ڏسندي لڳي ٿو ته سهيل آفريديءَ تي چوندن جي ضابط اخلاق جي ڀڃڪڙيءَ سبب اهڙي عمل جو الزام اچي سگهي ٿو جنهن کي قانوني اصطلاح ۾ بدعنوانيءَ وارو عمل يا ڪرپٽ پريڪٽس چيو ويندو آهي. اهڙي صورت ۾ اليڪشن ڪميشن ڪيس نااهل قرار ڏيڻ جي پوزيشن ۾ ٿي سگهي ٿي. اليڪشن ايڪٽ جي شق 232 تحت وڌيڪ ڪارروائي ڪندي ڪيس سڄي عمر لاءِ به نااهل قرار ڏئي سگهجي ٿو جيڪڏهن چوندن جي ضابط اخلاق جي ڀڃڪڙيءَ تي سهيل آفريديءَ کي نااهل قرار ڏنو وڃي ها ته پوءِ صوبائي اسيمبليءَ جا ميمبر نئون وڏو وزير چونڊي سگهن ها. اهڙيءَ طرح شايد سياسي بحران ٽري وڃي ها. جيڪڏهن وفاقي حڪومت اليڪشن ڪميشن جي فيصلي جو انتظار ڪري ها ته شايد گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي نوبت ئي نه اچي ها. هاڻي وفاقي حڪومت پنهنجو قدم کڻي چڪي آهي پر سندس مسئلا اڃا ختم نه ٿيا آهن. هڪ طرف خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان کي دهشتگرديءَ جي چئلينج کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ته ٻئي طرف ڀارت آزاد ڪشمير ۾ حالتون خراب ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهي. هاڻي جيڪڏهن احتجاجن جي ڪا وڏي لهر اٿي ٿي، ته صورتحال اهڙي به ٿي سگهي ٿي، جو معاملا وفاقي حڪومت جي ڪنٽرول مان نڪري وڃن.

پوليس ڪارروايون: حقيقت ڪان ڇڙتو ڪيسن تائين!

ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ

هر آئي ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن علائقي مان بدبوءِ دار خبرون نوان نوان رنگ نرالا ڪري اکين اڳيان ترِي اچن ٿيون. ڪٿي ڪو وڪيل نشانو بڻجي ٿو ته وري اهڙن واقعن کي وائکو ڪندڙ سنڌ جا صحافي به اهڙي نشانن ۾ چار قدم اڳتي نظر پيا اچن. وڪيل ته عدالتن جو سهارو وٺي پنهنجو دفاع ڪري جائين پر اهي، جيڪي قلمي پورهيو ڪندڙ ۽ مظلومن جو آواز اوچو ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار نڀائيندڙ صحافي خبر ناهي، ڪهڙي سزا ۾ اهڙيون اذيتون ڀوڳي رهيا آهن؟ اسان وٽ خاص طور تي سنڌ ۾ پوليس اڄ جيڪي من مستيون ڪري رهي آهي، ان جو ماضيءَ ۾ ڪڏهن ۽ ڪٿي به اهڙو بدترين رڪارڊ ملڻ مشڪل نظر نٿو اچي. هاڻ اها خبر ناهي ته اهڙين ٿيندڙ زيادتين ۾ حد جو ٽاٽو يا پوليس ملوث آهي يا انهيءَ پردي پٺيان ڪي وڏا ۽ ذميوار نالا به ڀاڳي ڀائيوار بڻيل آهن. حيدرآباد ۽ ان جي ڀرپاسي جيڪي ڪجهه وقت پهريان پوليس طرفان منشيات خلاف ڪريڪ ڊائون جون ڪارروايون ٿيون، سي يقيناً هر اک اڳيان سامهون آهن مون هڪڙي ڳالهه مسلسل واضح ڪئي آهي ته جيڪڏهن ڪو به پوليس آفيسر هاڪاري ڪردار نڀائيندو ته اهڙي عمل کي ضرور هر باضمير نٿو وساري سگهي هاڻوڪو ايس ايس پي حيدرآباد يا ماضيءَ ۾ انهيءَ عهدي تي رهندڙ ٻين آفيسرن کي به نٿو وساري سگهجي. جن جيڪي هاڪاري ڪم ڪيا هئا، سي تاريخ جي ورقن ۾ سمايل آهن. هاڻوڪي ايس ايس پي حيدرآباد جون منشيات خلاف ڪيل ڪارروايون توڙي ٺوهاري تولن کي انجام تائين پهچائيندڙ عمل پڻ نٿا وساري سگهجن. حيدرآباد سنڌ جو اهو واحد شهر آهي، جتي نه رڳو مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو رهائش پذير آهن پر سڄي سنڌ جو اهو واحد علمي، ادبي ۽ شعوري طبقي سان واسطو رکندڙن جو هڪ هيڊڪوارٽر شهر آهي.

يقيناً ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته، جنهن به شهر ۾ آبادي گهڻي هجي ته اتي مسئلا به اوترا ئي هوندا آهن. حيدرآباد ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۽ شهرن ۾ منشيات جو ڪاروبار جوٽ چڙهيل هيو ۽ اڄ به آهي. اهڙي ناسور کي ختم ڪرڻ لاءِ ويجهڙائيءَ ۾ جيڪي ڪارروايون ٿيون، سي ايندڙ هڪ سال تائين لاڳيتو جاري رهن ها ته واضح فرق ضرور اچي ها پر اها خبر ناهي ته انهيءَ ٿيندڙ ڪارروائين ۾ اوچتو جو خاموشي اچي وئي ۽ هڪ دفعو ٻيهر حيدرآباد ان جي ڀرپاسي ۾ منشيات جو ڪاروبار جوٽ چڙهي چڪو آهي ۽ مختلف ٿاڻن جي پوليس خاموشيءَ جو روزو رکي ڇڏيو آهي.

منشيات ۾ خاص طور تي آئيس، مين پڙي، ايڪيهه سئو، گٽڪو وغيره استعمال ڪرڻ سان ڪيترو نقصان ٿي سگهي ٿو ۽ اڄ اهڙي نشي آور شين جي واپرائڻ ۾ خاص طور تي نوجوان نسل پر معصوم ٻار به شامل آهن. وقت جي حڪومت يا انهن جا ذميوار نمائندا يقيناً اُٿين ڪونه چاهيندا ته آئنده جو ابو ۽ اڄ جو نوجوان اُٿين نشي آور شين واپرائڻ ۾ تباهه ٿيندو هجي. پاڻ ماضيءَ ۾ اهڙيون ڪوڙ ساريون خبرون پڙهيون ۽ ٻڌيون آهن جتي پوليس ڪاٽي اندر ڪم ڪندڙ آهي ڪاريون رَوَن اهڙي منشيات جي ڪاروبار ۾ نه رڳو ڀاڳي ڀائيوار بڻيل رهيون. انهيءَ جي موٽ ۾ سنڌ پوليس انهن کي ٻئي ٻائي ناتي ڪنهن به قسم جي ڪارروائي ڪونه ڪئي، باقي جيڪڏهن ڪو قلمڪار يا صحافي حق ۽ سچ جي ڳالهه وائکي ڪري ٿو ته ان خلاف طرح طرح جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري حقيقت کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. جيئن تازو حيدرآباد جي هڪ سينيئر صحافي خود هڪ هفتيوار اخبار جي ايڊيٽر عبدالغفور سروهي کي هٿرادو ڪيس ۾ گرفتار ڪرايو ويو آهي. آيل خبرن موجب ته گذريل رات دير سان سول ڪپڙا پاتل 20 کان 25 ماڻهو سينيئر صحافي عبدالغفور سروهي جي قاسم آباد واري گهر ۾ زبردستي دروازن جا تالا ٽوڙي گهر ۾ اندر داخل ٿي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي سخت تشدد ڪانپوءِ ڪيس گرفتار ڪري کڻي ويا. بعد ۾ جڏهن سول سوسائٽي، وڪيلن ۽ صحافين احتجاج ڪيو ته صحافي غفور سروهي مٿان مارڪيٽ ٿاڻي تي داخل ڪيس ظاهر ڪري لاڳاپيل مئجسٽريٽ جي عدالت مان رمانڊ ورتو ويو. ڪيس ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي ته هڪ عورت موجب ته صحافي غفور سروهي مون کي فون ڪري تنگ ڪندو رهيو آهي، جاڳايل عورت مارڪيٽ ٿاڻي جي سلاوٽ پاڙي جي ٻڌائي پئي وڃي، جيڪا هن وقت تائين نه گمنام نظر پئي اچي. حالانڪ جيڪڏهن صحافيءَ پاران اهڙي قسم جي حرڪت به ڪئي وڃي ها ته فريادڻ عورت گرفتاريءَ کان پوءِ عدالت تائين ضرور رسائي ڪري ها پر هتي اُٿين ٿيندي نظر ڪونه آيو. خير اسين سڀ سمجهي سگهون ٿا ته اهو سڀ ڪجهه رات جي پيٽ ۾ پوليس خود ڊاڙيلن جيان ڪنهن علمي ۽ شعوري صحافي ساٿي جي گهر ۾ داخل ٿئي ٿي، پوليس کي اهڙي قانوني ۽ اخلاقي اجازت ڪنهن ڏني آهي؟ صحافيءَ جو قصور اهو آهي جو هن مسلسل منشيات خلاف پنهنجو آواز اوچو ڪري انهن ملوث پوليس آفيسرن کي بي نقاب پئي ڪيو، جيڪي اهڙي عمل ۾ ملوث رهيا آهن اهڙي ريت هڪ موقعي تي آءِ جي سنڌ کي به پنهنجن تحفظاتن کان آگاهه ڪيو ته حيدرآباد پوليس مون خلاف ڪهڙي به وقت ڪارروائي ڪندي. بهرحال سنڌ پوليس اڄوڪن ڏينهن تائين سڀ قانون آئين ۽ اخلاق جون حدون اورانگهي رهي آهي. ان لاءِ آءِ جي سنڌ کي گهرجي ته سنڌ پوليس جي اهڙن غير ذميوارن عملدارن جي عملن کي نظر ۾ رکي سندن خلاف ڪارروائي ڪرڻ ۾ پنهنجو هاڪاري ڪردار ادا ڪري.

ٻوٽن ۽ وڻن کي ڪير، ڪيئن، ڪهڙو نقصان رسائي ٿو؟

مدل جسڪاڻي

بي سمجهه ٻارڙن، نوجوانن ۽ ٻُڍڙن کانسواءِ تمام گهٽ ٿا ٻوٽن ۽ وڻن جي اهميت ۽ ضرورت کان بخوبي واقف آهي ان ڪري اڪثريت وڻ نه وڃڻ وڏ ۾ وڏ وڻ پوکڻ سنڀالڻ ۽ وڌائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي هڪڙا ٻين کي صلاحون ڏيڻ سان گڏوگڏ عملي طور توان ٻوٽا ۽ وڻ پوکڻ لاءِ پاڻ سرگرم عمل آهن ٻيا پاڻ پلي ٻوٽا ۽ وڻ نه پوکين نه سنڀالين پر ٻين کي اتساهيندا رهن ٿا. ڇو ته ٻوٽن ۽ وڻن جي اهميت ۽ ضرورت جي حوالي سان دنيا جي گولي تي ڪٿي به موجود هر ماڻهو ڄاڻي چڪو آهي ته دنيا ڀلي ڪيتري به ترقي ڪري وڃي هٿرادو ذهانت (آرٽيفيشل ذهانت)، چيٽ جي پي ٽي ۽ گوگل وغيره ماڻهوءَ جي ذهن کان ڀلي وڌيڪ ذهين هجن پر اهي ٻوٽا ۽ وڻ نه پوکي نه سنڀالي ۽ نه وڌائي سگهن ٿا نه ئي انهن جي ڪٽائي (واڍي) روڪرائي سگهن ٿا. اناج، ڪپڙو ۽ ڏاڳو (ڪپهه)، مٺاڻ (ڪمنڊ)، ڪاڄرو تيل (تيلي ٻج)، دليون، ڀاڄيون، مصالحا، ميوا، جانورن جي چاري وارا گاهه، ماکي لاکه، عمارتي ڪاٺ لاءِ ٻوٽا ۽ وڻ گهرجن ٿا. اهي فصل ۽ باغ جي صورت ۾ پوکجن ۽ سنڀالجن ٿا. ٻوٽن جي خوبصورتي ۽ خوشبوءَ جي لاءِ وڻن جي ڇانوَ، خوشبوءِ ۽ خوبصورتي لاءِ ٻوٽا ۽ وڻ پوکڻ سنڀالڻ ۽ وڌائڻ ته ضروري آهن ئي آهن پر دنيا جي گولي تي وڌندڙ گرمي ڪڏهن ضرورت کان تمام ٿوري ته ڪڏهن ضرورت کان تمام وڌيڪ ٿڌ، هوا ۽ برسات وغيره تي ضابطي لاءِ جيئن دنيا ۾ اڄ، مٽي يا هڪ صدي اڳ ۾ وڻڪار وڌيڪ هئي اڄ ڪلهه به اوتري، يعني اڳي جيتري وڻڪار گهربل آهي مستقبل ۾ پڻ ماضيءَ جيتري وڻڪار ضروري آهي جيئن جيئن وڻڪار گهٽبي گرمي ٿڌ، هوا ۽ برسات سان گڏ، خوراڪ ۽ صحت جا مسئلا وڌندا جيوت جو جياپو گهٽبو، عمر جي حد سان گڏ جم گهٽبو ٻوٽا ۽ وڻ نه پوکيا، نه سنڀاليا، نه وڌايا ته آهستي آهستي سڀ ڪجهه ختم ٿيندو ويندو، تان جو ڌرتي جيئن آهي تيئن نه رهندي، جو نه هر جيوت کي موزون آبهوا، خوراڪ ۽ رهائش گهرجي جيڪا هٿرادو ذهانت (آرٽيفيشل ذهانت)، چيٽ جي پي ٽي ۽ گوگل وغيره جي نه پر ماڻهوءَ جي وس ۾ آهي ماڻهوءَ کان سواءِ نه خود هٿرادو ذهانت (آرٽيفيشل ذهانت)، چيٽ جي پي ٽي ۽ گوگل وغيره پنهنجي ليکي نه ڪجهه به نه آهن ٻوٽن ۽ وڻن جي اهميت ۽ ضرورت جو اهو اندازو جنهن جنهن کي به آهي اهو پنهنجي وٽ ۽ وس آهر توان ٻوٽا ۽ وڻ پوکي نه صرف خوش ٿئي ٿو پر فخر به محسوس ڪري ٿو عام ماڻهو به اهڙي عمل تي بهتر موٽ ڏئي اتساهه جو سبب به بڻبا آهن پر...!! ٻوٽا ۽ وڻ پوکڻ ۽ سنڀالڻ لاءِ جيتوڻيڪ ننڍا وڏا دلچسپي به وٺندا رهن ٿا پر سچ اهو آهي ته جيڪو به ٻوٽو يا وڻ پوکي ۽ سنڀالي ٿو ان کي ٿي اندازو آهي ته اهو ڪيترو، ڪيئن ڪهڙو ڏکيو عمل آهي؟ پنهنجي ماحول جي عام ٻار، نوجوان ٻُڍي جي اهڙي تربيت ئي ناهي ٿيل جو اهو پوکيل ٻوٽن ۽ وڻن جي حفاظت ڪري ۽ انهن کي نقصان نه رسائيا هو ٻيءَ کان ويٺو، هٿ وڌائي ڀن پٽي وٺندو. هٿ ۾ ڪاٺي (لڪڻ)، وڪيٽ، هاڪي ڪجهه به هوندو، نه ڏئي نه ورتي ٻوٽي يا وڻ کي هڻي ان کي پڄيندو. نقصان ڪندو ٻهراڙيءَ ۾ اڪثر، جنهن جي هٿ ۾ ڏاٽو يا ڪهاڙي هوندي هڻي اهو بنا سبب ڪنهن وڻ جي ٽاري، ڪو ٻوٽو يا وڻ جتان ٻل ڏيندس اتان وڍيندو ٻهراڙيءَ جا ٻار، جوان، ٻُڍا هڪڙن سببن ۽ شهري وري ٻين سببن جي ڪري، پوکيل ٻوٽن ۽ وڻن کي نقصان رسائين ٿا اها پاڻ سڀني کي خبر آهي پر پاڻ ڪنهن به پنهنجي يا پرائي ٻار، نوجوان، ٻُڍي جي شعوري تربيت ڪڏهن ڪٿي، ڪٿي ڪئي آهي جو جيئن ٿئي ٿو تيئن نه ٿئي ڳوٺن ۽ شهرن ۾، رهائشي ڪالونين ۾، پاڙي ۾، گهر ۾، اوطاق ۾، اسڪول ۾، اسپتال ۾، ڪنهن به عمارت جي آسپاس، جتي جتي به ٻوٽا ۽ وڻ پوکجن ٿا، اتي جيڪڏهن مالهي مزدور، چوڪيدار سنئو آهي ته ٻوٽا ۽ وڻ محفوظ ۽ وڌندڙ نظر ايندا آهن. ته ته اڪثر هنڌن تي حلت رحم جوڳي هوندي آهي ٻوٽا ۽ وڻ پوکجن سنڀالجن ۽ وڌائجن پر ان سان گڏوگڏ سڀني سمجهه پرين ۽ بي سمجهن جي سمجهه وڌائجي انهن کي احساس ڏيارجي ته ٻوٽا ۽ وڻ پاڻ سڀني لاءِ آهن پاڻ سڀني جي ضرورت آهن ان ڪري اهي پاڻ سڀني جا پنهنجا آهن. پنهنجي ملڪيت آهن انهن جي حفاظت ڪجي انهن کي نقصان نه پهچائجي منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن هر هڪ عام ماڻهوءَ جي بهتر تربيت ٿيل هجي ها ته شروعاتي وڻڪاري مهمن ۾ ايترا وڻ پوکجي چڪا هجن ها جو هاڻ مهم هلائڻ جي ضرورت ئي محسوس نه ٿئي ها. اڃا به وقت ويو ناهي پنهنجي گهر جي ٻارن، نوجوانن ۽ ٻُڍن کي اهو سمجهائجي ته جيڪو ٻوٽو يا وڻ، بظاهر پنهنجو نه به آهي اهوئي پنهنجو به آهي پنهنجي ٻوٽي يا وڻ کي ڪو به نقصان رسائڻ نه گهرجي جيڪڏهن ڪو ٻيو نقصان رسائيندي ڏسون ته نقصان کان بچائڻ جي ڪوشش ڪريون جيڪڏهن ڪنهن کي چئي نه سگهون ته ڪنهن ٻئي سلجهيل ذميوار کي ٻڌايون ته ٻوٽن ۽ وڻن کي ڪير، ڪيئن ڪهڙو نقصان رسائي ٿو؟ آئين پاڻ سڀ هڪ ٻئي جي تربيت ڪريون، وڏ ۾ وڏ ٻوٽا ۽ وڻ پوکي سنڀالي وڌائي سگهون ٿا. اها ئي وقت جي ضرورت آهي

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

ملڪ جي مجموعي صورتحال ۽ عوام جون وڌندڙ پريشانيون!

پاڪستان هن وقت معاشي، سياسي ۽ سماجي حوالي سان ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي هڪ پاسي حڪومت معيشت کي بهتر بڻائڻ، مهانگائيءَ تي ضابطو آڻڻ ۽ ملڪ کي ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهي آهي ته ٻئي طرف عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ مشڪلاتون گهٽجڻ بدران وڌي رهيون آهن مهانگائي، بيروزگاري، بجلي ۽ گئس جا خرچ، تعليم ۽ علاج جون گهريون قيمتون، امن امان جا مسئلا ۽ سياسي ڇڪتاڻ اهڙا معاملا آهن جن عوام جي زندگيءَ کي تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي ملڪي ترقي لاءِ معاشي انگ اکر بهتر ٿيڻ پنهنجي جاءِ تي اهم آهن پر اصل ڪاميابي تڏهن چئبي جڏهن انهن جا مثبت اثر عام ماڻهوءَ تائين پهچندا هجن ۽ اهو عزت سان پنهنجي زندگي گذاري سگهي ملڪ جي معاشي صورتحال جو جائزو ونجي ته مهانگائي اڄ به عوام لاءِ وڏو مسئلو بڻيل آهي پاڪستان شماريات بيورو جي انگن اکرن موجب سيپٽمبر 2026ع ۾ سلاني مهانگائيءَ جي شرح 10.26 سيڪڙو رهي، جڏهن ته آگسٽ جي ڀيٽ ۾ شين جي قيمتن ۾ 1.27 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي اهي انگ اکر ظاهر ڪن ٿا ته عام ماڻهوءَ کي اڃا تائين قيمتن جي دٻاءَ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي اٽو، گيهه، کنڊ، دليون، ڀاڄي، کير، بجلي، پيٽرول ۽ ٻيون بنيادي ضرورتون خريد ڪرڻ ڪيترن ئي خاندانن لاءِ ڏکيو بڻجي ويو آهي روزانو مزدوري ڪندڙ ماڻهوءَ لاءِ روزگار نه ملڻ جي صورت ۾ گهر جو چلهو ٻارڻ به مسئلو بڻجي ويو آهي حڪومت کي سمجهڻ گهرجي ته مهانگائيءَ جو مسئلو رڳو انگن اکرن سان حل نٿو ٿي سگهي جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي قيمت وڌڻ جي شرح گهٽجي به وڃي پر اها شيءِ اڳ ئي عام ماڻهوءَ جي پهچ کان ٻاهر هجي ته ان سان عوام جي پريشاني ختم نٿي ٿئي ضروري آهي ته خوراڪ ۽ روزمره جي استعمال وارين شين جي قيمتن تي اثرائتو ضابطو آندو وڃي ذخيره اندوزي ۽ ناجائز منافعي خوريءَ خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ غريب طبقي کي اهڙي رليف فراهم ڪيو وڃي جيڪو سندس ضرورتن کي پورو ڪري سگهي ملڪ جي سياسي صورتحال به عوام جي اميدن ۽ خدشن سان ڳنڍيل آهي سياسي جماعتن وچ ۾ اختلاف، احتجاج، هڪ ٻئي تي الزام مڙهڻ سان قومي مسئلن تي ڌيان ورهائجي وڃي ٿو جمهوري نظام ۾ اختلاف راءِ هر جماعت ۽ شهريءَ جو حق آهي پر سياسي اختلافن کي اهڙي حد تائين نه وڃڻ گهرجي جو معاشي ۽ انتظامي معاملا پوئتي رهجي وڃن انکان علاوه ملڪ جي امن امان صورتحال ڌيان گهري ٿي مختلف علائقن ۾ دهشتگرديءَ جا وڌندڙ واقعا، عام ماڻهن جي سلامتيءَ بابت خدشا، اغوا ۽ ڦورن جون وارداتون شهرين جي اعتماد کي متاثر ڪن ٿيون اغوا پنهگ طلب ڪرڻ ۽ ڪچي وارن علائقن ۾ ڌوهاري سرگرمين بابت خبرون ڳڻتيءَ جو سبب بڻجن ٿيون جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪرندي پنهنجي سلامتيءَ بابت پريشان هجي ته ترقيءَ جا وڏا دعويدار منصوبا به عوام کي مڪمل تحفظ جو احساس نٿا ڏياري سگهن

(محمد علي / حيدرآباد)

اڄوڪو ڏينهن ---- 13 آڪٽوبر

ليلارام وطڻ مل خاڪي

ليلارام وطڻ مل خاڪي سنڌ جو مشهور غزل گو شاعر، ناٽڪ نويس ۽ شاهه جو شارح هو. راحب علي لاڙڪ پنهنجي ڪتاب "شاهه جا شيدائي" (حصو پهريون) ۾ هن جي جنم جي تاريخ 13 آڪٽوبر 1867ع لکي آهي. هو حيدرآباد جي لعلوائي خاندان جي عاملن مان هو. هو بي اي ۽ ايل ايل بي جون سنڌون حاصل ڪرڻ کان پوءِ جج مقرر ٿيو ۽ 1918ع ۾ رٽائر ٿيو. هو شاهه جي شاعريءَ جو وڏو ڄاڻو هو. هن پلاري پٽ ڌڻيءَ جي شاعري، فن ۽ فڪر بابت 'The Life, Religion and Poetry of Shah Latif' نالي سان هڪ شاهڪار ڪتاب لکيو، جيڪو 1890ع ڌاري ڇپيو هو. هي ڪتاب شاهه جي شاعريءَ تي لکيل اوائلي ڪتابن مان هڪ آهي. ليلارام هڪ سٺو غزل گو شاعر پڻ هو. سندس غزلن جو مجموعو "ديوانِ خاڪي" جي نالي سان شايع ٿيو. شاعريءَ سان گڏ هو پنهنجي وقت جو وڏو ناٽڪ نويس پڻ هو. ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ هن جي لاڏاڻي جي تاريخ 10 آڪٽوبر 1924ع لکي آهي. جڏهن ته راحب علي لاڙڪ ۽ ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ سميت اڪثر ليکڪن هن جي مرڻ جو سال 1941ع لکيو آهي.

ايلسا قاضي

اڄوڪو ڏينهن اسان کي امڙ ايلسا قاضيءَ جي ياد ڏياري ٿو، جنهن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1884ع ۾ ٿيو. ڪجهه حوالن ۾ سندس جنم جي تاريخ 13 آڪٽوبر بجاءِ 3 آڪٽوبر پڻ ڄاڻائي وئي آهي. هيءُ عظيم عورت علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي گهرواري هئي. هوءَ هڪ برک ليکڪا، تاريخ نويس، مصور ۽ شاعره هئي. هن جرمنيءَ جي هڪ ننڍڙي شهر رودل اسٽاٽ ۾ پنهنجي جيون جي سفر جي شروعات ڪئي. سندس والد هڪ سٺو موسيقار هو. 19هين صديءَ جي آخر ڌاري ايلسا جي ڪٽنب جرمني ڇڏي اچي لنڊن ۾ رهائش اختيار ڪئي. لنڊن ۾ ئي سندس ملاقات علامه آءِ آءِ قاضيءَ سان ٿي ۽ 1910ع ڌاري ٻئي هڪٻئي جا جيون ساٿي بڻجي ويا. 1911ع ۾ هن پنهنجي ور سان گڏ سنڌ جي سرزمين تي قدم رکيا. سنڌ ۾ رهائش دوران پهريائين سندس انگريزي شاعري ۽ مضمون هتان جي انگريزي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجڻ لڳا. گڏوگڏ هن شاهه جي شاعريءَ جو ڀرپور مطالعو شروع ڪيو ۽ انهيءَ جو انگريزيءَ ۾ ترجمون ڪيو هن سنڌ ۾ پوئٽري سوسائٽيءَ جو بنياد وڌو ۽ انهيءَ سوسائٽيءَ جي پليٽفارم تي ڪيترائي مشاعرا منعقد ڪرايا. هڪ شاعره هجڻ سان گڏوگڏ هوءَ پنهنجي دور جي هڪ عظيم ناول نگار، مضمون نگار ۽ ڊراما نگار هئي. هڪ چترڪار طور هن مارئيءَ ۽ سهڻيءَ سميت شاهه جي سورمين جا پورٽريٽ ٺاهيا ۽ ٻيون به ڪيترئون ئي تصويرون ٺاهيون. سندس هڪ نظم The Neem Tree سنڌ ۾ ڪافي مشهور ٿيو ۽ اڃا تائين نصاب جو حصو آهي. هن نيڪ دل ۽ شفيق خاتون 28 مئي 1967ع تي اسان کان هميشه لاءِ موڪلايو.

جيٽن ماڙيوالا

اڄ مشهور مورخ، محقق، ليکڪ ۽ تعليمي ماهر پروفيسر جيٽن ماڙيوالا جي جنم جو ڏينهن آهي. هن نليولري انسان جو جنم 13 آڪٽوبر 1916ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. هن جا وڏا اصل ۾ سيوهڻ جا رهواسي هئا. هن ايم اي (تاريخ) جي سنڌ حاصل ڪئي ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ تاريخ جي ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. هندستان جي ورهاڱي وقت هو اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪم ڪري رهيو هو. ورهاڱي کان پوءِ بمبئيءَ ۾ وڃي رهائش اختيار ڪيائين. بمبئيءَ جي جئهند ڪاليج سميت مختلف تعليمي ادارن ۾ تدريسي خدمتون سرانجام ڏئي رٽائر ٿيو. تاريخ جي ڄاڻو هئڻ سان گڏ هو بلند پائي جو ليکڪ پڻ هو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ "همايون جو خواب عرف اڪبر جو جنم"، "تاريخي مضمون"، Essay on the British Policy towards Sindh: up to the first Afghan War 1839-1947، "مها ڀارت جو اتهاس"، "وچتر ورق"، "سنڌي جيوت ڪهاڻي"، "ڏيءَ جا ڀيءَ ڏي خط"، "قديم سنڌ جي تجارتي تاريخ"، "سائين جي درسنيءَ تان"، "سنڌي ٻوليءَ جي عربي آيوتا"، "هڪ ڏينهن جي ڳالهه"، "آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه" ۽ "لطيفي لاٽ" وغيره شامل آهن هن جا لکيل مضمون ۽ مقالا سنڌي ادب ۽ تاريخ جو وڏو سرمايو آهن هن ڀيرين آگسٽ 1984ع تي هي جهان ڇڏيو.

جيون گوبندرام گرسهاڻي



جيون گوبندرام گرسهاڻي اسٽيج ڊرامن جو مشهور هدايتڪار هو. هن جو جنم 13 آڪٽوبر 1928ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ انوپ نگر اندور ۾ وڃي ٽڪيو. هن ايم اي تائين تعليم حاصل ڪئي. 1961ع ۾ هن سنڌو ڪلا سنگم جو بنياد رکي هڪ سٺو کان وڌيڪ اسٽيج ڊراما هندستان جي مختلف شهرن ۾ پيش ڪيا. هن جن مشهور اسٽيج ڊرامن ۾ هدايتڪار طور خدمتون سرانجام ڏنيون، تن ۾ مهمان، نيلام، ڪاڪو ٻهلاڻي، وارو، ميريج بيورو، فيشن ايبل، الجهن، دودو چنيسر ۽ جلوس شامل آهن. هن مشهور ٽيلي فلم "اوڪا پنڊ پيار جا" ۾ به هدايتڪاري ڪئي. اها فلم دوردرشن تان 1989ع ۾ ٽيليڪاسٽ ٿي. هن 19 جون 1994ع تي پرلوڪ پڌاريو.



مختيار اٽز

پڳوان نردوش

سنڌي ٻوليءَ جي هن مهان شاعر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي ضلعي نوشهري فيروز جي ڳوٺ درياءَ خان مريءَ ۾ 1942ع ۾ ٿيو. سندس اصل نالو پيمن ڪمون مل هوتچنداڻي هو پر ادبي دنيا جي افق تي پڳوان نردوش جي نالي سان وهائو بڻجي چمڪيو. هن بي اي ۽ بي ايڊ جون سنڌون حاصل ڪيون. شاعريءَ سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي هئس. شاعريءَ ۾ ڊاڪٽر لکميچند پريم سندس استاد هو جيتوڻيڪ هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي پر هن کي غزل جو وڏو شاعر چئجي ته غلط نه ٿيندو. هن جي شاعريءَ جي مجموعن ۾ "چنڊ جي چانڊاڻ"، "روح جون رهنڊون"، "سڪ جا پاڇا"، "رم جهم رم جهم"، "آءُ ته پرچون پاڻ ۾" ۽ "رنگ برنگي ڦوڪڻا" شامل آهن. شاعر هئڻ سان گڏ هو هڪ بلند پائي جو مضمون نگار ۽ نثر نويس پڻ هو. سندس مضمونن جا به ڪتاب "هري دلگير هڪ اپياس" ۽ "نام ڪئيا ناٽڪ نويس" ڇپجي چڪا آهن.

خليل لاکير

هن پلوڙ شاعر جو جنم 13 آڪٽوبر 1958ع تي دادو ضلعي جي ڳوٺ صغير لاکير ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. جڏهن ته مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جا امتحان ميهڙ مان پاس ڪيائين. هن اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جا ڏينهن گذاريا. خليل لاکير 1978ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. شاعريءَ ۾ ناظم منگيءَ ۽ آثم ناٽن شاهيءَ کان اصلاح ورتائين. سندس شاعري مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي پڌري ٿي.

قاضي فيض محمد

قاضي فيض محمد سنڌ جو هڪ وڏو سياسي، مذہبي، سماج سڌارڪ ۽ ليکڪ هو. هن جي جنم جي تاريخ تي اختلاف آهي. حميد سبزوئيءَ پنهنجي ڪتاب 'فاني جڳ لافاني ماڻهو' ۾ قاضي صاحب جي جنم جي تاريخ پهرين ڊسمبر 1908ع لکي آهي. جڏهن ته ڪجهه ٻين حوالن ۾ 11 نومبر يا 23 نومبر 1908ع ڄاڻايل آهي. پاڻ اڃا ننڍڙو ئي هو جو سندس والد قاضي نبي بخش وفات ڪئي. هن ابتدائي تعليم پنهنجي شهر هالائي مان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ خيرپور ميرس ۽ نوشهري فيروز جي اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪري 1929ع ڌاري مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. اڳتي هلي بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي ايس سي ۽ علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان قانون جي سنڌ حاصل ڪيائين. شروع ۾ مختلف نوڪريون ڪيائين پر 1941ع کان وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائين. هن عمر جي آخري حصي تائين هاءِ ڪورٽ جي وڪيل طور ڪم ڪيو. قاضي صاحب اسڪول واري زماني ۾ ئي خلافت تحريڪ جي جلسن ۾ شرڪت ڪرڻ شروع ڪئي. ان کان پوءِ ڪانگريس، خاڪسار تحريڪ ۽ مسلم ليگ جي پليٽفارم تي انگريزن جي غلاميءَ کان آزاديءَ واري تحريڪ ۾ ڀرپور ورتائين. هن 'هندستان ڇڏيو تحريڪ' ۾ 'سائمن ڪميشن خلاف تحريڪ' ۾ ڀرپور حصو ورتو. 1948ع ڌاري سنڌ هاري ڪاميٽيءَ سان سلهاڙجي ويو ۽ 1951ع ۾ انهيءَ ڪاميٽيءَ جي صدر طور ڪم ڪيائين. هن ون يونٽ خلاف هلندڙ تحريڪ، ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپرائڻ واري تحريڪ ۽ اهڙي قسم جي ٻين تحريڪن ۾ به سرگرميءَ سان حصو ورتو. هن عوامي ليگ ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي عهديدار طور به ڪم ڪيو. سياسي جدوجهد ۾ ڪيس قيد ۽ بند جون سعوبتون به برداشت ڪرڻيون پيون. قاضي صاحب سياستدان هئڻ سان گڏ هڪ وڏو ليکڪ پڻ هو. سنڌي ادب ۾ هن کي هڪ مضمون نگار ۽ ناول نگار طور ياد ڪيو وڃي ٿو. هن 13 آڪٽوبر 1982ع تي وفات ڪئي.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر 144 سال 2026

شريمتي ڪوشليه ڌيءِ ڌرمون ذات مالهي هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ موڙو مالهي تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص..پلينٽف ...بخلاف.. Bheesham عرف مدهن ولد ڪانجي ذات مالهي هندو بالغ رهندڙ وارڊ نمبر 315 تعلقو ضلعو ميرپورخاص 03457401601 ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 13-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IX حيدرآباد
(روبرو جناب مس حميرا اولو)
گارڊين سوٽ نمبر 401 سال 2026

مسمات شهزاد بيگم بيواهه علي خان رهندڙ B-36 گلشن خير محمد لطيف آباد ..ايپليڪينٽ ...بخلاف..(1) ارشد علي (2) مسمات آسم علي (3) مسمات پره علي (4) مسمات دعا سڀ پٽ ڌيئرون علي خان ... اپوننٽس

مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڪوٽ غلام محمد
(روبرو جناب پرڪاش)
فيملي ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر سال 2026

شريمتي پوري ڌيءِ ميگهو ذات ڪولهي رهندڙ نزد ڳوٺ ڪالو ڪولهي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص..پلينٽف ...بخلاف.. سنتوش ولد شيوو ڪولهي هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ عمر الدين پنجابي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن آف ڊڪري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي زير قلم 21 رول 11 سب رول 2 سي آر پي سي تحت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات رخسانه ..پلينٽف ...بخلاف.. محمد حسين ولد محمد نواز رهندڙ ڳوٺ خان محمد چانڊيو پي او نوابشاهه 38 داد تعلقو نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 455 سال 2026

مسمات Saheera ڌيءِ رضا حسين پٽو رهندڙ غلام مرتضيٰ پٽو نوابشاهه تاج ڪالوني ..پلينٽف ...بخلاف.. راشد علي ولد غلام رسول خاصخيلي رهندڙ اسٽريٽ نمبر 03 تاج ڪالوني ڦاٽڪ نوابشاهه ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 14-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج III حيدرآباد
فيملي ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 183 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 1647 سال 2025

مسمات عارفه زال عبداللطيف چانڊيو ..پلينٽف ...بخلاف.. شبير ولد گل حسن ڪوسو رهندڙ ڳوٺ مراد ڪوسو تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو سيل نمبر 03272218933 ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي ايگزيڪيوشن درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج III حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 442 سال 2026

مسمات رخسانه ڌيءِ اعجاز پٽي رهندڙ محلہ اعظم ڪالوني نوابشاهه ..پلينٽف ...بخلاف.. حاڪم علي ولد غلام قادر بروهي رهندڙ ڳوٺ رئيس خوشي خان 68 موري تعلقو دوڙ ضلع شهيد بينظير آباد ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار Jactitation of Marriage لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل سيشن جج VI حيدرآباد
سمري سوٽ نمبر 240 سال 2026

دلبهار ولد محمد صادق ..پلينٽف ...بخلاف..(1) ڪلير انور ميمڻ ولد محمد انور ميمڻ (2) Saheera انور ميمڻ ولد محمد انور ميمڻ مسلم بالغ رهندڙ گهر نمبر B-69 فراز ولاز فيز III محلہ حسين هائوسنگ سوسائٽي قاسم آباد حيدرآباد ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سمري سوٽ رڪوري -/3500000 روپيا لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 14-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل سيشن جج VI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج هالا
فيملي سوٽ نمبر 23 سال 2026

(1) مسمات ياسمين ڌيءِ محمد اسماعيل (2) عائشه ڌيءِ اختيار علي (3) بختاور ڌيءِ اختيار علي (4) عليشا ڌيءِ اختيار علي (5) عليزه ڌيءِ اختيار علي سيريل نمبر 2 ڪان 5 مائنر معرفت ماءُ ذات چوهاڻ رهندڙ لطيف ڪالوني پٽ شاهه تعلقو هالا ضلعو مٽياري ..پلينٽف ...بخلاف.. اختيار علي ولد برڪت رهندڙ ڪچي آبادي پٽ شاهه تعلقو هالا .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس اينڊ رڪوري آف ڊوري آف آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 13-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر ...

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 24 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 181 سال 2024

مسمات عائشه آرائين ..پلينٽف ...بخلاف.. شهريار بيگ ولد نثار بيگ ذات مرزا رهندڙ گهر نمبر 312 لانڊهي نمبر 01 طيبه مسجد نزد چوٽي مارڪيٽ ڊسٽرڪٽ ڪورنگي ڪراچي ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف فيملي ايگزيڪيوشن زير قلم 13 فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج جامشورو

عام اطلاع

اسين فريادي ڌرين ريحان علي ولد عبدالرحمان ۽ مقتول جا وارث ڌرين (1) عبدالرحمان منصب علي، رينواز، زاهد علي، شاهنواز، مسمات ثمينه، مسمات عاليه چانڊيو هر خاص و عام کي اطلاع ٿا ڪريون ته مان جوابدارن هر هڪ ڪاشان ولد يارمحمد ڪوسو (2) سيد علي حيدر شاهه ولد سيد ساجد حسين شاهه (3) حسن علي ولد شاهد علي خان (4) سيد محمد بخش عرف داد سائين ولد سيد فيض عباس شاهه جي خلاف ايف آءِ آر نمبر 113 آف 2025 زير قلم 324،302،337(D)،34 پي پي سي تحت ٽالو پٽ شاهه تي داخل ڪرائي آهي جنهن جو سيشن ڪيس نمبر 33 آف 2026 جناب ايڊيشنل سيشن جج هالا جي روبرو هلندڙ هو جنهن دوران جوابدارن ۽ مقتول جي وارثن جي درميان ناهه ٿي ويو جنهن ۾ مٿي ڏنل وارثن ۽ فريادي، جوابدارن کي مٿين ڪيس ۾ الله جي واسطي معاف ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهڙو راضي نامون ڪورٽ سڳوري جي آڏو پيش ڪيو جنهن تي ڪورٽ سڳوري سيڪشن 345(2)،345(6) سي آر پي سي تحت آرڊر تاريخ 22-09-2026 پڻ جاري ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ مٿين جوابدارن کي ڏوهه مان باعزت بري ڪري ڇڏيو آهي. ان لاءِ مان فريادي هي عام اطلاع ڏئي رهيو آهيان ته جئين ڪم وقت سر ڪم اچي.

ريحان علي ولد عبدالرحمان

بقايا 1 روزاني عبرت

سخت زخمي ٿي پيو فوتي ۽ زخمي کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتان زخمي پوپٽ ولد رامجي کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ايل ايم يو حيدرآباد ريفر ڪيو ويو. فوتي جي لاش کي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

بقايا 2 روزاني عبرت

ٽنڊوآدم لڳ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت، هڪ زخمي

ڪيڏو فارم وٽ پيش آيل حادثي ۾ راڌو ولد پيمون ٿڏي تي دم ڏنو ۽ پوپٽ ولد رامجي زخمي ٿي پيو

لاش ۽ زخمي کي ڪٺائي تعلقي اسپتال منتقل ڪري لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

ٽنڊوآدم (رپورٽ: شيراز سمون) ٽنڊوآدم لڳ ڪيڏو فارم وٽ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ راڌو ولد پيمون ٿڏي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته پوپٽ ولد رامجي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ خلاف وڪيل احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور ويجهو ناريجا برادري ۾ پراڻي دشمني تان فائرنگ، ماءُ ۽ ڌيءُ قتل

ڪچي واري علائقي ۾ فائرنگ دوران 55 ورهين جي صنم ۽ 19 ورهين جي سلميٰ ناريجو مارجي ويون

پوليس پهچي عورتن جا لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور جي ڪچي واري علائقي فيض محمد بندر ۾ پراڻي دشمني تان هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ ماءُ ۽ ڌيءُ مارجي ويون پوليس ذريعن موجب مارجي ويل عورتن جي سڃاڻپ 55

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: فوتي بارڙي جو لاش رکي وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

ملاڪاتيار پرسان هٿيارٻندن هٿان

ٽي ڄڻا يرغمال موٽرسائيڪل،

موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦُر

ملاڪاتيار (ن ع) ملاڪاتيار پوليس اسٽيشن جي حد هيرڻ جاگير روڊ ڳوٺ سليمان سومرو پرسان درگاهه حضرت شاهه ميران وٽ ٻن نقاب پوش هٿيارن جي زور

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

انا لله وانا اليه راجعون

سينيئر صحافي روزانه مهراڻ حيدرآباد جي چيف ايڊيٽر فقير منٺار مگريو جو ڏوٽو فقير حاجي دلبر مگريو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. مرحوم هڪ پٽ، هڪ ڀيڻ، 2 پٽ، 3 نياڻيون ۽ سوين مٽ مائٽ ۽ دوست سوڳوار ڇڏيا. مرحوم جي وارثن سان تعزيت لاءِ تڏو ڳوٺ فقير منٺار مگريو مرشد آباد لڳ سنجهورو ۾ رکيو ويو آهي.

ڏگهڙي پرسان رولو ڪتي عورت کي ڏاڙهي سخت زخمي ڪري ڇڏيو

زخمي ڳوٺ 160 جي رهواسڻ حليمه زال شاهنواز کي اسپتال آندو ويو

پي پي ايڇ سينٽر ۾ اي آر وي ويڪسين نه هجڻ سبب تعلقي اسپتال ريفر

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي پرسان رولو ڪتي عورت کي ڏاڙهي سخت زخمي ڪري ڇڏيو پي پي ايڇ سينٽر ۾ اي آر وي ويڪسين نه ... پي پي ايڇ اسپتال پهچايو ويو جتي ڪتي جي ڏاڙهڻ کان بچاءُ واري ويڪسين (اي آر وي) موجود نه هجڻ سبب ڪيس وڏيڪ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٽر ڪول بلاڪ ٻن پاور پلانٽ ۾ باهه سبب سڙي زخمي ٿيل پورهيت فوت، گهر ۾ ڪهرام

اسلام ڪوٽ (ن ع) ٿر ڪول بلاڪ ٻن پاور پلانٽ ۾ سلينڊر مان باهه لڳڻ سبب سڙي زخمي ٿيل ملي واسي پورهيت جڳ ڪمار سوٿهڙ ڪراچي جي اسپتال ۾ گذريل ڏينهن فوت ٿي ويو. فوتگي جي خبر بعد سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوجام: فائرنگ ۾ زخمي ٿيل الهڏنو ۽ سندس پٽ اسپتال ۾ داخل آهن

لاڙڪاڻي ۾ بجلي جي ٽرانسفارمر تان ڪرنٽ لڳڻ سبب معصوم ٻارڙو فوت، احتجاج

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

خيرپور ميرس ۾ ٽرڪ جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، قانوندان بدر حسين ٿيبو فوت

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ هٿيارٻندن هٿان واپاري يرغمال 60 هزار روڪ ۽ اُهو فون ڦُر

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ خلاف احتجاج

مظاهرين سڪندر ڪوسو، غفار ناريجو پراڻي شنڪر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

خيبرپختونخواهه ۾ آئيني ۽ جمهوري حقن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي: مظاهرين

عمرڪوٽ (ن ع) خيبرپختونخواهه ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ خلاف انصاف لائرز فورم عمرڪوٽ پاران ضلعي صدر ايڊووڪيٽ سڪندر ڪوسو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ سينيئر وڪيلن ايڊووڪيٽ غفار ناريجو پراڻي شنڪر صوبدار ڪوسو يوسف منگريو سرائي رحيم خاصخيلي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جمهوريت تي وار آهي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو هنن عمران خان شاهه محمود قريشي سميت ٻين

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

دادو مان موٽرسائيڪل چوري ڪندڙ ملزم کي شهرين سوگهو ڪري پوليس حوالي ڪيو

دادو (ڊ-ر) دادو جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ آدم خان سولنگي محلي مان گذريل ڏينهن خالد سولنگي جي گهر اڳيان بيٺل موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي جنهن ڪانپوءِ اڄ ٻيهر ساڳئي علائقي ۾ موٽر سائيڪل

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: پ ٽ الف پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

راڻي پور ۾ ترقياتي ڪمن ۾ ڪرپشن ۽ ڪم نه ڪرائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

وائيس آف راڻي پور جي سڏ تي رهواسين پبلڪ هيلٿ کاتي آفيس آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي

پبلڪ هيلٿ انتظاميا ڪاغذن ۾ ڪم مڪمل ڏيکاري ڪروڙين رپين جي ڪرپشن ڪئي آهي: مظاهرين

ڪرپشن جي اعليٰ سطح جي تحقيقات ڪرائي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪري جلد ترقياتي ڪم ڪرايا وڃن

راڻي پور (ن ع) پبلڪ هيلٿ کاتي راڻي پور ۾ ٿيل ڪرپشن ۽ ڪم نه ڪرائڻ خلاف وائيس آف راڻي پور جي طرفان پبلڪ هيلٿ کاتي راڻي پور جي آفيس سامهون بينر کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

هالا ويجهو ماڇي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 8 ڄڻا زخمي

ڪچي واري علائقي ۾ زرعي زمين جي مالڪي تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

زخمي علي نواز خميسو پيارو علي مراد عبدالسلام ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

هالا (ن ع) هالا جي ڪچي واري علائقي ۾ زرعي زمين جي مالڪي تان ماڇي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ڳوٺ وي (V) جي رهواسي ماڇي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ زرعي زمين جي مالڪي تان تڪرار شدت اختيار ڪري ويو جنهن دوران لٺين ۽ ڪهاڙين جو آزادانه استعمال ڪيو ويو جهيڙي جي نتيجي ۾ علي نواز ماڇي، خميسو، پيارو، علي مراد ماڇي، عبدالسلام ماڇي، شوال، ڪامران ۽ دلدار ماڇي زخمي ٿي پيا. واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي جهيڙي تي ضابطو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

چانور علي ۾ پ ٽ الف پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي

چانور علي (رپورٽ): پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن (پ ٽ الف) تعلقي چانور علي پاران استادن جا جائز مطالبا مڃرائڻ ۽ سندن حقن جي حاصلات لاءِ گورنمينٽ پرائمري اسڪول بيراڻي کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ استادن وڏي جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪندي مطالبن جي حق ۾ نعريبازي ڪئي احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ پ ٽ الف ۽ اين سي ايڇ ڊي جي استادن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ريلي

مظاهرين عبدالستار پٺاڻ، آفتاب مورو، پير شهاب الدين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

استادن جا جائز مسئلا حل نه ٿيا ته ٻي جي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

نوشهروفيروز (ن ع) نوشهروفيروز ۾ پ ٽ الف ۽ اين سي ايڇ ڊي جي استادن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ مين پرائمري اسڪول کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي تعلقي صدر عبدالستار پٺاڻ، ٽائون جي صدر آفتاب احمد مورو، پير شهاب الدين، شاهد حسين ڀلهي، معشوق احمد وگڻ، آصف علي، ممتاز مري ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا جن حقن جي حاصلات نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته سنڌ جي پرائمري استادن کي سروس اسٽرڪچر نه ڏيو ملي ٽيسٽ پاس ڪندڙ استادن جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سجاول ۾ استادن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

مظاهرين نثار احمد ميمڻ، غلام قادر ڪنڀر، شبير ميمڻ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

جائز مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ سي ايم هائوس جو گهيراءُ ڪيو ويندو

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ...

سکر پوليس پاران مقابلي بعد ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

قبوسعيدخان ۾ سروس اسٽرڪچر ۽ ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ استادن جي ريلي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ معصوم ٻارڙي فوت، ماءُ سخت زخمي، احتجاج

ڳوٺ رانجهنپور ملاڻا وٽ ڌوهاري پوليس کي ڏسي فائرنگ ڪئي ته اهلڪار ڀڄي ويا: متاثرين

ڌوهارين جي فائرنگ ۾ ماءُ جي هنج ۾ ستل 5 ورهين جو زبير ٿڏي تي دم ڏني ۽ صنم خاتون زخمي ٿي پئي

واقعي جو نوٽيس وٺي معصوم نينگر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري مدد ڪئي وڃي

خيرپور/گمبٽ (نمائندن وڪان) خيرپور پرسان ڳوٺ رانجهنپور ملاڻا ۾ فائرنگ دوران قتل ٿيل 5 ورهين جي معصوم نينگر زبير احمد پٽ ارشاد عرف اسماعيل ملاڻو جي وارثن جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ارشاد علي ملاڻو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سچي رهاب شاهه جي عرس جي آخري ڏينهن دعا گهري پئي وڃي

هنگورجا لڳ رسول آباد جو رهواسي ڊاڪٽر روڊ حادثي ۾ سخت زخمي

هنگورجا (ن ع) هنگورجا لڳ رسول آباد جو رهواسي ڊاڪٽر انعام الله ميمڻ هنگورجا قومي شاهراهه روڊ حادثي ۾

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ پ ٽ الف پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: شهيد بينظير ڀٽو ... ريلي ڪڍي پئي وڃي

سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ تهذيبي ورثي کي محفوظ رکڻ ۽ سنڌيالاجي جو ڪردار اهم آهي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران جوابدار کي شراب جي بوتلن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ليمس ...

فيض گنج ۾ مهراڻ ماءُ وي مان هيوي ٽريفڪ خلاف احتجاجي مظاهرو

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد ۾ دودل فقير ڪالوني جي رهواسين جو احتجاج

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

فيض گنج پرسان واهه کي ڳهاري، فصل ۽ ڳوٺ پاڻي هيٺ

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ سنڌ جي روڊ ۽ سڌ ... مارچ

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: ...

حيدرآباد ۾ تعليم کاتي جي ملازمن ... خلاف مظاهرو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ صالح پٽ واسين ... ٽرالي ۽ سامان جي واپسي لاءِ احتجاجي مظاهرو

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ مطالبن جي مڃتا لاءِ پ ٽ الف جو احتجاج

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ پ ٽ الف جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي ريلي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

سکر ڪميشنر جنرل ... مسئلن جي حل لاءِ ...

جيڪب آباد جي اسپتال ۾ جديد مشين ...

اسپتال کي جديد مشين سان غريب مريضن کي علاج ۾ فائدو ٿيندو: ڊائريڪٽر زبير شيخ

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي جمس اسپتال ۾ سماجي اڳواڻ عبدالرحمان بلو طرفان جديد طرز جي آپريشن لاءِ اينو ريڪٽل فائيبر ليزر سرجري مشين ڏني وئي جنهن جي جمس اسپتال جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر زبير احمد شيخ پاران پروقار افتتاحي تقريب جمس اسپتال ۾ ڪوٺائي وئي جنهن ۾ بي بي بي ايم بي اي شير محمد مغيري مهمان خاص طور شريڪ ٿيو تقريب ۾ ايم اين اي جيڪب آباد جو فوڪل پرسن مير رافع حسين جکراڻي انجمن تاجران جو صدر مير احمد علي بروهي هندو جنرل پنچائت جو صدر لالچند سيتلاڻي ايم ايس

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: عالمي سيرت ڪانفرنس ۾ هڪ ٻارڙي خطاطي ڪري رهي آهي

ساليسمند ۾ ... شروع

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه ۾ پوليس اسٽيشن جي گودام مان ساڍا 52 تولا سون ۽ غائب ٿيڻ جو انڪشاف

اي سيڪشن ٿاڻي مان سون ۽ سامان گم ٿيڻ جو ايس ايس پي سمير بورچنا نوٽيس ورتو

موجوده چيف سيڪريٽري فهيم حيدر انڙ ۽ اڳوڻي لعل محمد رند سميت 4 عملدار گرفتار

نوابشاهه (رپورٽ مشرف پلي) نوابشاهه ۾ اي سيڪشن پوليس اسٽيشن جي گودام مان ساڍا باونجاهه تولا سون ۽ ٻيو سامان غائب ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي معاملي هڪ سنگين رخ اختيار ڪيو جڏهن گودام ۾

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان پرسان پنهنجي تيز رفتار ٽرڪ جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، نوجوان وڪيل فوت

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5



لاڙڪاڻي ۾ بيواهه عورت جو گهر تي قبضي خلاف احتجاج

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ... روڊ جو ترقياتي ڪم ...

پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي سجاول جو اهم اجلاس

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو ۾ نوجوان جو نوڪري بهاني رقم ڦرڻ باٿر خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ويجهو ڳوٺ ڊرنگ ملوڪ والي جي رهواسي شبير

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ سروس اسٽرڪچر ۽ پڪر ڪرڻ لاءِ پرائمري استادن جو مظاهرو

پ ٽ الف پاران پرائمري اسڪول ديني مدرسي کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو

پرائمري استادن جا مسئلا ڏگهي عرصي کان حل نه ٿيڻ سبب استاد پريشان آهن: اڳواڻ

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن تعلقي ۽ ... ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي پ ٽ الف ضلعي ...

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

سنڌالاجي ۾ اڄ استاد بخاري جي ياد ۾ ليڪچر پروگرام منعقد ٿيندو

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ ولڊ لائيف کاتي جي عملي خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز ۾ ڪچي واري علائقي جي رهواسي گوڏائي ڏادن پرڙ وائلڊ لائيف کاتي جي آفيسر پاران مبينا طور بلاجواز تنگ ڪرڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ان موقعي تي ڏادن پرڙ پنهنجي ساٿي سان گڏ پريس ڪلب پهچي اختيارين کان انصاف جي گهر ڪئي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڊائريڪٽر جنرل لائيو اسٽاڪ سنڌ پاران ٿر جو دورو

ٿرپارڪر جي ماڻهن جي جيئاپي جو دارومدار مال تي آهي: حزب الله پٿو

ڪاتي پاران مفت ٽڪا لڳائڻ سميت علاج معالج جون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن

مٺي (ڊ-ر) ڊائريڪٽر جنرل لائيو اسٽاڪ سنڌ ڊاڪٽر حزب الله پٿو چيو آهي ته ٿرپارڪر جي ماڻهن جي جيئاپي جو دارومدار مال تي آهي ان ڪري سندن مال جي واڌ ويجهه لاءِ جانورن جي پالنا واري کاتي پاران ڪيترائي

بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: بارهاڙي جي علائقي ۾ عورتون فلٽر پلانٽ تان پاڻي ڀري اچي رهيون آهن

لاڙڪاڻي ۾ بيواهه عورت جو ڏيرن خلاف احتجاج، زرعي زمين تي قبضي جو الزام

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي طليف ڪالوني جي رهواسڻ پيرسن بيواهه عورت پاران پاڪ ڪتاب کڻي پنهنجي ڏيءُ سان گڏجي ٻاهر ڏيرن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پيرسن بيواهه عورت پاهل خاتون زال مرحوم عبدالفتاح جتوئي پنهنجي ڌيءُ خالده سان گڏجي ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته اسان اصل ڳوٺ صاحب خان جتوئي جا رهواسي آهيون ۽ ڪجهه سالن کان وڃي لڏ پلاڻ ڪري لاڙڪاڻي شهر ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي هن الزام لڳايو ته جاڳيل ڳوٺ ۾ منهنجي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: اي پ ٻ جي ايم ڊي علامه اقبال يونيورسٽي جي وي سي سان گڏجاڻي ڪندي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.